# رڻ ۽ رڃ جو اتهاس

## نورالهديٰ شاهه



# رڻ ۽ ريج جو اتهاس

# رڻ ۽ ريج جو اتهاس

(ڪهاڻيون)


## نورالهديٰ شاهه



نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

2002ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سئو چوڏهن

چپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ — ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي.

پهريون ايڊيشن — ڊسمبر 1988ع

ٻيو ايڊيشن — نومبر 1992ع

ٽيون ايڊيشن — سيپٽمبر 2002ع

**قيمت** — [redacted]/- رپيا



(سڀ حق ۽ واسطا قائم)


---


RINN AIN RUNJJ JO ITHAS (Short Stories) by NOOR-UL-HUDA SHAH. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition December 1988. Second Edition November 1992. Third Edition September 2002. Price Per Copy Rs. [redacted]/-
Book No. 114

# انتساب

تڏي ڇانوَ سمان، پنهنجي پياري بابا سائين

(سيد عبدالهادي شاهہ)

۽ پياري ماءُ جي نالي.

**نورالهدي شاهہ**

# فهرست

**پيش لفظ ـ**

شعور/ لاشعور جو اظهار 9

**ڪهاڻيون**

1 ـ آخري مئل ماڻهو 17

2 ـ ڏوهي 21

3 ـ ڪارا ڪکر 25

4 ـ مکتي 33

5 ـ پاتال 36

6 ـ اڻپورو انسان 42

7 ـ جلاوطنيءَ جي سرنگهه 53

8 ـ آ ـ وشواس 65

9 - ڪليسا جي صليب تي ڳجهه 73

10 ـ ٽتي پرزا ٿيل عڪس 78

11 ـ منظر ـ جنهن جو ڪو انت ڪونهي 84

12 ـ تتو تن تنور جنءِ 93

13 ـ ناٽڪ (1947-1988) 104

14 ـ ائين ته ٿيڻو آهي 114

15 ـ هو ءِ ڪارو چهرو 126

16 ـ هن پهاڙ جيڏي رات جي پڇاڙي ڪٿي آهي؟ 130

پهرين ايڊيشن جو پيش لفظ

# رڻ ۽ ريج جو اتهاس

## شعور/لاشعور جو اظهار

ڪهاڻيون لکڻ جي وچ ۾ ايڏو ڊگهو gap، ائين ئي آ- ڪارڻ نہ هو. ان جو ڪارڻ هو، داخلي ۽ خارجي حالتن مان منهنجي شعور جو ٽڪراءُ ۽ اُن سان سهمت ٿي نہ سگهڻ. ڏسڻ واري اک ۽ محسوس ڪرڻ واري اک جو پاڻ ۾ اختلاف. هر منظر ۾ شعوري/ لاشعوري نوع ۾ involve ٿي وڃڻ ڪانپوءِ اُن جي پڄاڻي هٿ مان ڇڏائيجي وڃڻ تہ جيئن اسان چاهيون ٿا، تيئن ٿئي نٿو. منهنجي ڪائي choice نہ هئڻ جي پيڙا. آ- وشواس جي ڪيفيت. جيڪو ڪجهہ مون لکيو آهي، ان جي ڪائي حاصلات آهي بہ يا نہ!؟؟ ۽ اهو ڊگهو gap سوال جي اهائي نشاني آهي.

ڪائنات جي گول ڦرندڙ گولي ۾ پنهنجي بولاٽيون ڪائيندڙ وجود کي لاڳيتو misfit محسوس ڪرڻ.

ائين بہ نہ.

هئن بہ نہ.

ڪجهہ بہ نہ.

ڪجهہ بہ تہ نہ.

Dread of nothingness.

خارجي سطح تي، پنهنجي چوڌسا ۾، نيڻ نهار جي اندر/ نيڻ نهار کان ٻاهر، حيوان ۾ تيزيءَ سان بدلجندڙ ماڻهو.

ماڻهوءَ جي رت جي گردش ۾ گردش ڪندڙ پاڳل پٽو. ماڻهوءَ تي ئي سوپ ماڻڻ جو. ۽ ان پاڳل پٽي ۾ ماڻهوءَ جو ماس، ڏندن سان چڪيندڙ ماڻهو. ڏندن ۾ اٽڪي پيل جيئري ماس مان تمندڙ رت منجهان لذت ماڻيندڙ ماڻهو.

موت ۾

ليکڪ/ فرد جي حيثيت ۾ منهنجي اندر لٿل

ڪرپ

خوف
موت جو سرد احساس
بوريت سموري منظر کان
ڪجھ بہ ڪري نہ سگھڻ جي بي وسي.
۽ اُها مسلسل بي وسي guilt جي احساس ۾ بدلجندڙ.
... ...
مان بهرحال committed ليکڪ هيس/ آهيان.
ٽرتيءَ سان
ماڻهوءَ سان
ماڻهوءَ جي ذهني ۽ وجودي آزاديءَ سان.

پر - متئين ٽڪائيندڙ احساسن ۾ گهيرجي وڃڻ ڪانپوءِ منهنجيون commitments محض سوالن جون نشانيون بڻجي منهنجي سامهون اچي بيٺيون. فنا/ لاحاصلات ڪيتري ڪجھ سان گڏ منهنجي ڪهاڻين جا پرزا بہ اُڏاري ڇڏيا اُونداهين پولار ۾- سنڌ انهيءَ gap واري عرصي ۾ جيتري بہ عذاب مان لنگهي، مان بس اُن جي تماشبين هيس. محض تماشبين. مون کي محسوس ٿيو تہ مان بند، اُونداهين هال ۾ وينل تماشبين جي هجوم ۾، ڪنهن ڪرسيءَ جي اندر وڃائجي وئي آهيان، ڪرسي جنهن تي مون کي محض تاڙيون وڄائڻ لاءِ ويهاريو ويو آهي. اسٽيج تي روشنيءَ جي محدود دائري اندر اُونداهي چڪر ڪاٽي رهي آهي ۽ مان تاڙيون وڄائي رهي آهيان.

مون کي تاڙيون وڄائڻ جي انهيءَ عمل کان اختلاف هو.

منهنجو لاشعور جنهن محاذ تي هٿيار ڦٽي ڪري رهيو هو، منهنجي شعور کي اُن کان اختلاف هو.

ان وچ واري عرصي ۾ اڪثر منهنجو لاشعور سگهارو بڻيو.
ان وچ واري عرصي ۾ ڪڏهن ڪڏهن منهنجو شعور سگهارو بڻيو.
ڪڏهن ڪڏهن لڳو،

لفظ بيڪار آهن. وڃائجي رهيا آهن. اهي سليا ئي رهٽا آهن. انهن جي ڪائي معنيٰ ڪانهي. لفظ بہ فنا ائين ئي ڳهي وڃي ٿي جيئن ماڻهوءَ کي.

Now as I watch the death of words, I know, there is no limit to decay. All that will be left us in the black earth will be scattered syllables. Accents over nothingness and dust.

مون خاموشيءَ ۾ فرار چاهيو.
خاموشي وڌيڪ تڪائيندڙ هئي.
مون محسوس ڪيو، نيٺ به لفظ لکڻ ڪانسواءِ پناهه ڪانهي
شعور جي اک ٻوٽي ئي نٽي سگهجي
مڙهيل سسٽم هيٺ تاڙيــون وڄائيــندي، اندر جو غلام سرڪش ٿي پوي ٿو.
فنا جو خوف جيئڻ جي سگهه اُڀاري ٿو.
چؤڌسا ۾ ماڻهــوءَ جــو ماس پٽيندڙ حيوانن (انسانن؟) جو هجوم ۽ ان کان ڪرپ جو احساس، انسان ۾ انسان کي پائڻ جي ڳولا کي اجا به تکو ڪري ٿو.

... ...

هي،
منهنجي اُن شعور ۽ لاشعور جي وچ واري، رڻ جيڏي وٿيءَ ۾ ڀٽڪڻ جون ڪهاڻيون آهن.

... ...

فرد جو اڪيلو وجود اجتماعي ٿي نٿو سگهي (۽ اجتماعيت فرد جي اڪيلائپ جو اظهار بڻجي نٿي سگهي). هو بهرحال اڪيلو آهي، اڪيلائپ جي احساساتي معنيٰ ۾ به، پر ان اڪيلي جي اڪيلائپ جو سگهارو اظهار، پنهنجي اظهار ڪانپوءِ اجتماعي ٿي سگهي ٿو. اظهار جو ڦهلاءُ ڪيڏو به وشال سهي (ڌرتيءَ جيڏو + آسمان جيڏو) تڏهن به مبهم آهي.
اڻ سليو، اڌورو، ڪجهه ڪجهه سمجهه ۾ نه ايندڙ، ڪيترو ڪجهه سمجهائي نه سگهندڙ ۽ ڪيترو ڪجهه ائين ئي اظهار ۾ اچڻ کان پهرين ذهن جي خانن ۾ وچائجي ويل ۽ ايترو ڪجهه جڳن تائين لاڳيتو لکڻ، اُنهيءَ وچايل کي پائڻ جي ڪوشش.
پر اُهو وڃايل پائي نٿو سگهي، نه پڙهندڙ/ نه لکندڙ.
محض اُن ڏانهن پنڌ ڪري سگهجي ٿو.
ٿڪجڻ تائين،
وک ٽٽڻ تائين.

... ...

”ڇا تو ڪڏهن اُن پاڳل جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌو آ جيڪو ڪنهن چمڪندڙ صبح جو، لالٽين ٻاري، بازار ڏانهن اِهو چوندو ڊوڙ پائي ٿو تہ: ”مان خدا کي ڳوليان ٿو. مان خدا کي ڳوليان ٿو.“ اهو پاڳل ماڻهن جي انبوهہ ۾ ٽپي پوي ٿو ۽ انهن کي هڪڙي نهار وجهي چوي ٿو: ”خدا ڪيڏانهن ويو؟- مان اوهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ اسان ان کي ماري ڇڏيو آهي. توهان ۽ اسان، اسان سڀئي قاتل آهيون. ڇا اِها حقيقت ناهي تہ اسان بي انت فنا جي اُونداهين ۾ ڀٽڪون پيا!- ڇا اهو پولار اسان ۾ ساهہ نہ پيو کڻي!- ڇا رات اُونداهين ۽ تهائين گهٽي اُونداهين نہ پئي ٿيندي وڃي!- ڇا هاڻي اسان کي ڏينهن ڏٺي جو بہ لالٽين ٻارڻ جي ضرورت ناهي!- ڇا اسان اُنهن گورڪنن جو آواز نہ پيا ٻڌون، جيڪي خدا کي دفنائڻ جو انتظام پيا ڪن!؟ خدا مري چڪو آهي. اسان ئي ان کي قتل ڪيو آهي. هاڻي اسان پاڻ کي ڪيئن ٿا پرچائي سگهون، اسان جيڪي اتهاس جي سڀ کان وڏي ۽ ايذائيندڙ قتل جو ڪارڻ بڻيا آهيون. اُهو، جيڪو دنيا ۾ سڀ کان مقدس ۽ سڀ کان سگهارو هو هاڻي اسان جي خنجر هيٺ موت جي ننڊ ستل آهي. هاڻي اسان تان رت جا داغ ڪير ڌوئيندو!!؟؟.“ ان ڪانپوءِ پاڳل صلاح ٿو ڏي: ”ڇا اسان پاڻ ئي نہ خدا بڻجي وڃون؟ ۽ پاڻ کي ان لائق ثابت ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريون؟- اتهاس ۾ ان کان مهان ٻي ڪائي ڳالهہ ٿي نٿي سگهي ۽ انهيءَ ڪاڻ ئي اسان ڪانپوءِ ايندڙ پيڙهين جو تعلق، ماضيءَ جي اُبتڙ، هڪ مهان اتهاس سان جڙُي پوندو.“ ۽ پوءِ اُهو پاڳل چپ ٿي وڃي ٿو ۽ چئني ڏسائن ٿي ٻيئلن تي نهار وجهي ٿو. اُهي بہ سڀئي چپ آهن ۽ اچرج مان هن کي تڪي رهيا آهن. نيٺ هو لالٽين ڌرتيءَ تي ڦٽي ڪري ٿو ۽ اُها پرزا پرزا ٿي اُجهامي وڃي ٿو. ”مان وقت کان پهرين اچي ويس.“ هن چيو: ”مون لاءِ اڃا بهتر وُقت ناهي آيو.“ اُنهيءَ پاڳل لاءِ چيو وڃي ٿو هڪ ڏينهن گرجائن جا چڪر ڪاٽيندو رهيو ۽ ماڻهن جي پڇڻ تي چوندو رهيو: ”هي گرجائون ڇا آهن هاڻي!؟- جيڪڏهن خدا جا مقبرا ۽ يادگار ناهن تہ!؟“

(Friedrich Nietzche "Joyful wisdom.")

خدا جي معنيٰ ۾ اُهو انسان ڇا سچ پچ ماري چڪا آهيون!؟
مون کي لڳي ٿو، شايد هو اڃا ساهہ کڻي ٿو!!
”شايد.“ _ ڪانپوءِ ئي ڪهاڻي لکڻ کي ڪائي معنيٰ ٿي سگهي ٿي.

... ...

اسان جا، شخصي ۽ سماجي تضاد آهن جيڪي وڪ وڪ تي اسانجا رستا ڪٽين ٿا. انهن تضادن ڪي انڌو بڻجي disown بہ نٿو ڪري سگهجي. انهن سان ڪنهن پروفيشنل fighter جيان وڙهي بہ نٿو سگهجي. اُن تي re-act ڪري سگهجي ٿو، ان جو اظهار ڪري. سگهارو اظهار، پاڻ پنهنجي اندر احتجاج آهي.

۽ احتجاج اُهو احساس آهي تہ "مان" پنهنجي اندر/ پاڻ کان ٻاهر آهيان.

تہ اجا مون "نہ هئڻ" جي اڳيان سرينڊر ناهي ڪيو- "شايد!!"

منهنجو شخصي تضاد:

فرد ـ عورت ـ ؟

(فرد minus عورت = سوال جو نشان؟)

فرد جي حيثيت ۾، مان جنهن ڪليل آسمان هيٺ ساهہ کڻي سگهان ها، عورت جي حيثيت ۾ اُهو مڪمل ڪليل آسمان ماڻي نہ سگهي آهيان.

compromise ڪرڻ بدران ڪليل آسمان هيٺ ساهہ کڻڻ جي خواهش کي ماڻڻ لاءِ مون کي ٽيون رستو چونڊڻو پيو.

۽ مون ڪهاڻيون لکيون.

... ...

محسوس ڪرڻ جي ڏسڻ جي اک کان ٿهائين گهٽي تکي ٿئي ٿي. ليڪڪ کي هر منظر پنهنجيءَ اک سان/ محسوس ڪرڻ جي اک سان ڏسڻ گهرجي.

ڏسڻ ۾ محسوس ڪرڻ جي سگهہ هئڻ گهرجي.

محسوس ڪرڻ جي اک سان

پاڻ کي فرد جي حيثيت ۾/ عورت جي حيثيت ۾

پنهنجي اندر

پاڻ کان ٻاهر

پنهنجي ڌرتيءَ جي جاگرافيڪل حدن جي اندر نہ رهڳو، پر عالمي سطح تي بہ انسان مٿان مڙهيل محڪومي، بي وسي، ڏينهون ڏينهن زوال ۽ فنا جي اوڙاهہ ۾ ڪِرندڙ، هيٺ اچا هيٺ.

مڙهيل جنگين ۾ ڦاسايل، بي گهر، بي زمين، خطري جي سرخ نشان جي

هيٺ بيٺل.

بورجوا اقتصادي سسٽم هيٺ، مارڪيٽ جي گهٽ وڌ اگهن سان سڄاڻپ ۾ ايندڙ.

ٻوجهه هيٺ دٻجندڙ

ان مان آزادي ماڻڻ جي بهرحال ڪلپنا ڪندڙ

بهرحال هڪڙو ڏيئو هٿ ترئ تي جلائي رکندڙ

اڪيلو ۽ اڪيلائپ سان وڙهندڙ به

ان فرد جي پيڙا کي، محسوس ڪرڻ جي اک سان پنهنجي اندر جذب ڪندي، ان ساڻ نه مان ڪٽيل آهيان نه جڙيل آهيان.

سنڌ ان سموري پس منظر ۾ (سياسي/ سماجي/ معاشي استحصال سميت) ان سموري پيڙا کان، ان سموري ٻوجهه کان الڳ/ ڪٽيل ته ناهي.

سوڙهي پوندڙ دنيا ۾ colonized ٿيندڙ علائقن سان گڏ، نفسياتي نوع ۾، ذهني ۽ وجودي طرح سان پڻ جاگرافيءَ جي محدود ۽ اڃا محدود دائرن ۾ بيهاريل فرد مون کي پنهنجي اجتماعي سڃاڻپ ۾ سنڌي فرد به محسوس ٿيو آهي.

اُهو سنڌي فرد داخلي نوع ۾ (منهنجين ڪهاڻين ۾) بس مان ئي آهيان- مان/ تنها.

اها سموري پيڙا/ ڀوڳنا منهنجي اندر، احساس جي اک رستي هر صبح feed ڪئي وڃي ٿي. مان ان کي قبول ڪرڻ لاءِ ان ڪري مجبور آهيان جو احساس جي اک ٻوٽڻ تي مون کي اختيار ناهي. ان حوالي سان لکڻ منهنجي مجبوري آهي (جيئن جيئڻ منهنجي مجبوري آهي.)

مون کي لڳو

مان به غير محفوظ آهيان

مان به پنهنجي لاءِ، پنهنجي گرپ مان جنميل فردن لاءِ سلامتيءَ جي ڪائي ضمانت نٿي رکان.

ٽارچر سيل، فوجي ڇانوڻيون، نفسياتي جنگ ۾ مفلوج ڪندڙ ماهر، ڇهبڪ سان ريس ڪورس گرائونڊ ۾ گهوڙن جيان فرد کي ڊوڙائيندڙ جوڪي، فرد جي inner feelings جو ايڪس ري ڪندڙ ماهر، وڃائيجندڙ سڃاڻپ، خوف هيٺ ساهه کڻڻ جو آبر ته ڪير ڄاڻي صبح ٿئي نه ٿئي ۽ جي

هي صبح آهي بہ تہ ڪير ڄاڻي ڪيترا لمحا باقي رهي!؟
ڪير ڄاڻي!! - ڪير ڄاڻي؟؟- ڪير ڄاڻي!!؟؟-

اهو سمورو ڪجهہ هن ئي ڌرتيءَ تي، عين منهنجن پيرن هيٺان، عين منهنجي گرڀ جي اندر آهي.

آ - ويساهيءَ جي پاوَنائن ڪي مان زهريائتي گيس جيان پنهنجي ساهہ ۾ پربو ٿي محسوس ڪيان- غير محفوظ ۽ غير يقيني آئيندي جي سامهون بيهي لڪٺو پيو آهي مون ڪي.

اها ڪيفيت زوريءَ، منهنجي نہ چاهيندي بہ منهنجين ڪهاڻين ۾/ منهنجي اندر گهڙي آئي آهي.

منهنجي شعور مون ڪي فقط انهيءَ ڪان آگاهہ ڪيو آهي.

مون محسوس ڪيو

تہ سنڌي فرد (يا - مان) اُن يورپي فرد ڪان هن وقت مختلف ناهيون جيڪو بن مهاڀاري لڙاين جي وچ ۾ پيڙهجنديَ، پنهنجي خارج جي حالت ۾ misfit ٿيڻ ڪانپوءِ existentialism جي وهڪري ۾ لڙهي ويو.

۽ هن ٻاهر جا سمورا دروازا بند ڪري ڇڏيا.

مان بهرحال ٻاهر جو دروازو ڪليل ڇڏيان ٿي.

ٻاهر ڏانهن ڪليل دروازو جيڪو مون ڪي منهنجي ڌرتيءَ سان ڳنڍي رکي ٿو.

... ...

افسوس

مون وٽ ورثي ۾ توکي ڏيڻ لاءِ

آزادي ناهي

مون ڪي بہ منهنجن وڏڙن آزادي نہ ڏني هئي.

افسوس

مان توکي محڪوم قوم ۾ جنم ڏيڻ تي مجبور آهيان

ان لاءِ

جو مان بہ ان ساڳي محڪوم قوم ۾

”جبري جنم“

وٺي آئي هيس

ڪڏهن ڪڏهن
ڏيهہ پنهنجو بہ
پرڏيهہ پيو محسوس ٿيندو آهي
۽ پيرن هيٺان ڌرتي هوندي بہ
ماٿو جڻ پولار ۾ پيو لٽڪندو آهي
ڏيڻ لاءِ
گذريل نسلن کان ايندڙ نسلن تائين
بس ڦاسيءَ جو ڦندو ئي هوندو
افسوس-!!
صد افسوس-!!

نورالهديٰ شاهہ
31- ڊسمبر 1988ع
حيدرآباد.

# آخري مئل ماڻهو

تباهه ٿي ويل ڪائنات جو آخري منظر. هوريان هوريان اُٿندڙ دونهون، بوءِ، تپي ڳاڙهو ٿامو ٿي ويل آسمان ۽ ڦاٽي ڦِيا ڦِيا ٿي ويل ڌرتي. وچ ڪائنات ۾ تياس مٿان ٽنگيل آخري مئل ماڻهو. سيٽي آواز مري نري ويل. موت جي ان بي انت سانت ۾ بس پريان ڪتان ايندڙ لٺ جي ٺڪ ٺڪ جو پڙلاءُ. آواز هوريان هوريان وچ ڪائنات ۾ ٽنگيل آخري مئل ماڻهوءَ جي ويجهو ايندو ٿو وڃي. مئل ماڻهوءَ جي ويجهو پهچي لٺ جي سهاري تي هلندڙ پوڙهو عزرائيل بيهي ٿو رهي. ڪن لاءِ مئل ماڻهوءَ جي ڪليل اکين ۾ نفرت (موت ڪان نفرت) جا پاوَ تا اُيري اچن ۽ پوڙهي عزرائيل جي چپن تي بي معنيٰ مرڪ.

"مان صدين ڪنان توکي ڳوليان پيو." عزرائيل جا بند چپ پهريون پيرو ڪلن ٿا پنهنجي سموري جنم ۾.

"مان ڄاڻان ٿو ۽ مان صدين ڪنان توکان لڪندو ٿو وتان. پر تنهنجي سيني ۾ پٿر پريل آهن شايد!"

مُئل ماڻهوءَ جي بند چپن اندران نڪرندڙ آواز، ڄڻ سياري جي سرد هوا جو سيسرات. عزرائيل لٺ پٽ تي رکي بي حد ٿڪل نوع ۾ مئل ماڻهوءَ جي پيرن ۾ ويهي ٿو رهي. هڪ ٿي نهار چوڌسا ۾ تباهه ٿيل ڪائنات تي وجهي ٿو ۽ سندس اکيا پرون ٽاٽجي وڃن ٿا.

"تون مون کي ڪڏهن به ڪونه سمجهي سگهيو آهين، هيڏي ڏگهي ڪائنات ۾ پلا ڪو هڪ پل به امن جو هو! ماڻهوءَ لاءِ ڪٿي ڪا پناهه گاهه هئي، هان!!"

"نه." سرد هوا جو سيسرات.

"ماڻهو، ماڻهوءَ جا پير وڍي رهيو هو. انهن وڍيل پيرن سان پلا تون ڪيترو ڊوڙي سگهين ها!!" عزرائيل ڪند مٿي ڪٽي مئل ماڻهوءَ جي ڪليل اکين ۾ نهاري ٿو، پيڙا پري نهار.

"ڪجهه به هو، مون تڏهن به جيئڻ ٿي چاهيو. منهنجو ان ۾ ويساهه هو

تہ ماڻهو نيٺ بہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪوڙ تي سچ جي سوڀ ماڻي وٺندو.“
موت ۾ عزرائيل ٿهڪ ڏئي کلي پيو ٿو. مئل ماڻهو ائين ٿو محسوس ڪري جڻ پوڙهو عزرائيل سڏڪا ڀري روئندو هجي.

”هون!! ... سوڀ!! جڏهن ماڻهن جا سيئي ڪومل ڀاوَ مري چڪا هئا، تڏهن جا سوڀ ماڻڻ ايڏو سڦل ٿي سگهي ٿي! مون کي تہ ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ تون جيئڻ جا سمورا ڏينهن اڪيـن هوندي بہ انڌو رهيو آهين. پٿر تہ ماڻهن جي سينن ۾ پرجي ويا هئا. مون تہ ڪنهن جو بہ من ڌڙڪندي ڪين ٻڌو هو، سواءِ ابهم ٻارڙن جي. باقي بچيل پٿر ماڻهو هٿن ۾ ڪنيو ٿي هليا هڪ ٻئي جو نشانو تاڪيو.“

ڏک ۽ ڪاوڙ جا گڏيل ڀاوَ عزرائيل جي پوڙهين اکيـن مان ليئو پائڻ تا لڳن. مئل ماڻهوءَ وٽ ورنديءَ ۾ ڪجهہ بہ چوڻ لاءِ باقي ناهي بچيو. انيڪ پل ٻنهي جي وچ ۾ سانت پَر ڦهلايو بيٺي ٿي رهي. انيڪ پل لنگهي وڃڻ کان پوءِ مئل ماڻهوءَ جي بند چپن مان سرد هوا جو سيسرات ٿو نڪري:

”تڏهن بہ، مون ۽ هر ماڻهوءَ جيئڻ ٿي چاهيو، ان ساڳي ڪائنات ۾، جيئڻ بہ هئي، جهڙي بہ هئي. پر توکي ڪوبہ حق ڪين هو ائين اوچتو سڀ ڪجهہ فنا ڪري ڇڏڻ جو.“

مئل ماڻهوءَ جي ڪليل اکين ۾ هوريان هوريان ڳاڙهي رنگ جو زهر پربو ٿو وڃي. عزرائيل چرڪي ڪي پل اچرج مان مئل ماڻهوءَ کي ڏسندو ٿو رهي ۽ ٻي پل ڪاوڙ، پيڙا ۽ نفرت جا ڀاوَ سندس منهن جي گهنجن مان ليئو پائڻ تا لڳن. ڳالهائڻ سمي آواز تهائين اوچو ٿيو ٿو وڃيس.

”نہ، ماڻهوءَ کي ڪوبہ حق ڪين هو جيئڻ جو.“ ڪاوڙ مان ڏڪندو هو اُٿي بيهي ٿو، ”تو تہ اکين تي ڪوپا چاڙهي ڇڏيا هئا جڻ، منهن مونن ۾ ڏيو ويٺو هئين. تو ڪڏهن ڪجهہ ڏٺو ئي ڪٿي ٿي پلا!! ماڻهو، ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ بارود ڀري رهيو هو. روشنيءَ جي نـڙيءَ تي ننهن ڏئي، روشنيءَ کي ماري ڇڏيو هيائون ۽ چٽني ڏسائڻ ۾ ڦهليل اُونداهيءَ ۾ ماڻهو هڪ ٻئي کي کهي رهيا هئا. هڪ ٻئي جا ماس پٽي کائي رهيا هئا. ابهم ٻارڙن جي پيرن هيٺان بارودي سرنگون وڇائي رهيا هئا. سچ جو خون ڪري، اُن کي ڇؤواٽي تي ٽياس مٿان ٽنگي ڇڏيو هئائون ۽... اُونداهي جو فائدو وٺي ڪوڙ جا پير ٻئي ڄميائون. اڃا بہ... تون ٿو... چئين... تہ... تہ...“ عزرائيل جو آواز پرجي

ٿو اچي. مئل ماڻهوءَ کان پنهنجي اندر جا پاوَ لڪائڻ لاءِ هو مئل ماڻهوءَ کي پٺ ڏئي بيهي ٿو رهي.

پل اَپل جي سانت کان پوءِ سرد هوا جو سيسرات عزرائيل جي ڪنن وٽان لنگهي ٿو. ”تنهنجيون اکيون تہ بس اهوئي ٿي ڏسي سگهيون نہ!... نہ تہ جيئڻ سان تہ ماڻهوءَ جو موهہ جنم کان هو. سوپ جي آس من ۾ پالي، هر ماڻهوءَ سدائين لاءِ ٿي جيئڻ چاهيو ۽... روشني ۽ سچ جي مرڻ پڄاڻان بہ... ٻاٽ اونداهي ۾، ڪڏهن نہ ڪڏهن پُنرجنم وٺندڙ روشني ۽ سچ کي ماڻي وٺون ها... ڪٿي نہ ڪٿي تہ اونداهي جو انت هجي ها نہ! پر... تون... ٻنا ڪجهہ سوچڻ جي... سڀ ڪجهہ...“

عزرائيل هوريان هوريان مڙي ٿو. کيس ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ مئل ماڻهوءَ جي اکين ۾ سمونڊ چلندو هجي. ڪي ڪن هو ٽڪ ٻڌي اڃرج مان مئل ماڻهوءَ کي ڏسندو ٿو رهي. ٻي پل نراسائيءَ مان ڪنڌ نمائي ٿو چوي. اُجهامندڙ آواز ۾ ڀڻڪي ٿو: ”ويساهہ ڪر، منهنجي سيني ۾ پٿر ڪونہ آهن پريل. مون تہ جنگ، بک، بدحالي ۽ سازش ۾ مارجي ويندڙ ماڻهن ۽ ابهم ٻارن کي پنهنجين هنن پوڙهين ٻانهن ۾ کنيو آهي.“

عزرائيل پنهنجون پوڙهيون ٻانهون مئل ماڻهوءَ جي ڪليل اکين اڳيان ٿهلائي ٿو چوي: ”تون ٻڌين ٿو نہ!!؟“

”ها، ٻڌان ٿو. پر هاڻ اهو سڀ ڪجهہ ٻڌڻ مان ڀلا ڪهڙو حاصل!! جيئڻ جو وڏو ڪارڻ من ۾ پلجندڙ آس آهي جيڪا مُئي پڄاڻان سڀ کان پهرين ختم ٿيو وڃي. ان کان اڳتي تہ باقي ڪجهہ بہ نٿو رهي... نہ سوپَ، نہ آس، نہ نياءَ، نہ انياءَ. پوءِ... پو... بس اها ڏکوئيندڙ حقيقت رهجيو ٿي وڃي تہ... تہ... موت ماڻهوءَ تي سوپ ماڻي ورتي آهي.“ مئل ماڻهوءَ جي اکين ۾ سمونڊ چُلڻ ٿو لڳي. عزرائيل کي ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ ان سمونڊ ۾ ٻڏندو هجي جڏهن تہ ڪائنات تباهہ ٿيڻ سمي سمورا سمونڊ (اُهي سمونڊ بہ جيڪي زمين جي ڪنارن وٽ هئا... اُهي سمونڊ بہ جيڪي ماڻهن جي اندر منجهہ هئا) سُڪي ٺوٺ ٿي چڪا هئا.

”پر ان ۾ منهنجو تہ ڏوهہ نہ هو. تو ڪونہ ڏٺو ڇا تہ ماڻهو پنهنجي سموري سگهہ ڪائنات جي تباهيءَ لاءِ...“

سرد هوا جو سيسرات عزرائيل جي ڳالهہ اڌ ۾ ئي ڪٽي ٿو.

”پر اُن تباهيءَ کان اڳتي بہ تہ ماڻهو ڪڏهن نہ ڪڏهن امن، خوشحالي، روشني ۽ سچ ماڻي سگهيو ٿي نہ... تو تہ بس ڪائنات جو هڪ رخ ئي پَسيو هو... مان سچ ٿو چوان نہ!!!“ مئل ماڻهوءَ جي ڪليل اکين ۾ ڪي ڪن اڳ چُلندڙ سموند هوريان هوريان سُڪڻ ٿو لڳي، پر سرد هوا جي سيسرات تي عزرائيل ڪي نچاڻ چو سُڏڪن جو گمان ٿئي ٿو.

”چريو آهين تون تہ... اهو سڀ نہ ڪريان ها تہ جيئڻ عذاب بڻجي پوي ها ماڻهن لاءِ. مان نہ سهي پر پوءِ ڪائنات جو هر جيوَ پاڻ ڪي پنهنجن هٿن سان گهُٽو ڏئي ماري ڇڏي ها. پر... تون... تون تہ ڪجهہ بہ نہ سمجهي سگهندين، ڪجهہ بہ نہ.“

عزرائيل نمي پٽ تان لٺ کڻي ٿو، مئل ماڻهوءَ کي پيڙا پري نهار سان ڏسي ٿو ۽ وڃڻ لاءِ وک وڌائي ٿو. هيڪر وري سياري جي سرد هوا جو سيسرات جڻ سندس ڪنن وٽان لنگهي ٿو:

”تون بہ ڪجهہ نہ سمجهي سگهندين... تو تہ... اُونداهيءَ منجهان ڦٽندڙ روشنيءَ کي بہ ڪڏهن پَسيو ڪونهي. پر هاڻ تہ هر شيءِ جو انت اچي ويو آهي نہ. ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي باقي. نہ روشني، نہ آس، نہ زندگي، نہ نياءَ، نہ انياءَ، نہ شڪست ۽ نہ سوڀ. ڪنهن کي بہ ڪا معنيٰ ڪانهي رهي. بس اها ڏکوئيندڙ حقيقت رهجي وئي آهي تہ موت ماڻهوءَ تي سوڀ ماڻي ورتي آهي... ۽...“

عزرائيل کي هيڪر وريَ سرد هوا جي سيسرات تي سُڏڪن جو گمان ٿئي ٿو. هن جي ڪڄندڙ وک ڪن لاءِ رڪجي تي وڃي. ڪن لاءِ مئل ماڻهوءَ جي اکين ۾ (جن جو سموند هاڻ سُڪي ٺوٺ تي چڪو آهي) ليئو پائي ٿو. ڪيس ائين ٿو محسوس ٿئي مئل ماڻهوءَ جي اکين وارو سموند هاڻ سندس پوڙهين اکين ۾ چُلندو هجي. هو تيزيءَ سان مڙي ٿو. لٺ جي سهاري تي، ٺڪ ٺڪ ڪندو پولار ڏانهن وڌندوَ ٿو وڃي. چوڌسا ۾ عزرائيل جي لٺ ٺڪ ٺڪ ۽ پيرن جي گهِس گهِس جو آواز گونجندو رهي ٿو. پولار کان پاتال تائين بس اهو ئي آواز رهجيو ٿو وڃي. دُک ۽ شڪست جي احساس کان مئل ماڻهوءَ جون سُڪل ٺوٺ اکيون پاڻ ئي پاڻ پورجيو ٿيون وڃن. •

# ڏوهي

رات

سناٽو

ماڻهوءَ جي اندر منجهه پرجي آيل بوءِ هوا ۾ گهلي ويل ۽ ڏامر جي ڪاري سڙڪ تي ڀاري بوٽن جي نڪ نڪ، ڪُڪ ۾ چيندڙ اسٽين گن جي نالي/ موت جي ڌمڪي.

ڳجهن جو لامارو.

جيئرو انسان ـــ جنهن تي ڪين لاش جو گمان آهي.

ٽاٻو ـــ سُڏڪو ـــ آهه ـ پرڻ تي ويل تن مان ٻونهينءَ وانگر سٽ ڏئي، ور سَر ڪائي نڪتل ـ رڙ ـ پولار ڪان پاتال تائين هڪ شور. بند مقبري جي ديوارن سان ٽڪرائجي ويل پکيءَ جا چٽي پيل ڪنبيَ ۽ پکيءَ جو ڦٿڪو چڻ- اهڙي شور جو چڻ Echo sound effect ـ احتجاج تي پابندي پيل.

اخبارون روز رات جو ڪوڙ منجهان ڪارو منهن ڪري گهر گهر جي در در اڳيان هر صبح لاش وانگر پيل ـــ ريڊيو ـــ ڳلين جي رولو ڪتن جيان مسلسل ڀونڪندڙ.

ايئرڪنڊيشنڊ آفيس ۾ وينل سوٽيڊ بوٽيڊ (امپورٽيڊ) باس ـــ ماس خور جانور جيان رت جي باس تي ناسون هٽندي، هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي.

آدم بوءِ ـــ آدم بوءِ ـــ شڪار! ـ شڪار!

در کلي ٿو. اسٽين گن جي ڌڪي سان ٿاٻڙجندو، ڏري گهٽ باس جي پيرن ۾ اچي پيل ڏوهي. ڏوهيءَ جي پرجي آيل ساهه جو سهڪو. باس جي ڏندن هيٺ دٻيل چروٽ جي دونهن جي خوشبوءِ ـ

ڏوهي: ”بليوَ مي سر! آئون اُهو ناهيان جيڪو هي مون کي سمجهي رهيا آهن. هي سيئي چون ٿا تہ آئون ئي اُهو ڀڄي ويل قيدي آهيان، ڪورٽ جنهن کي موت جي سزا ٻڌائي هئي ۽ جيڪو ڦاسي اچڻ کان هڪ رات اڳ جيل مان ڀڄي نڪتو هو. آئون ـ آئون ڀڳو ضرور آهيان سر! پر جيل مان نہ ـ هي ـ هي

ڏسو منهنجا پٿون پير - هي، اجهو هي ڏسو منهنجي پٺ تي چهبڪن جا نشان ۽ هي منهنجي نڙيءَ تي ساهه گهٽيندڙ آڱرين جا نيل ڏسو پيا نه سر!؟ آئون - آئون - انهيءَ نقطي کان پڪو آهيان، جتي پهچي ماڻهو برف جي سر جيان ٿڌو پئجي وڃي ٿو- او - جيئن موت ماڻهن جي رڳن ۾ لهندو آهي نه! - او تيئن.

"ويساهه ڪريو سر!- منهنجي آڌو، منهنجين اکين اڳيان اهو سڀ ڪجهه ٿي رهيو هو، جيڪو ڪنهن به حساس ماڻهوءَ کي پرزا ڪرڻ لاءِ ڪوڙ هوندو آهي. ڪيترا جڳ سر! هئا، ڪيترا جڳ آئون پاڻ به ڪابه حرڪت ڪرڻ بدران برف جي سر جيان ٿڌو هڪ ئي جاءِ تي پيو هئس. پر اهو ته اسپاويڪ هيو. ان کان پوءِ مون کي هڪ ئي نقطو سُجهيو هو سر! ته آئون برف جي ان سر مٿان پيٽرول هاري تيلي ڏئي ڇڏيان — نه ته ڇا آئون جيئرو رهي سگهيس ٿي؟

مون کي ته پڪ ٿي وئي هئي سر! - ته آئون مري چڪو آهيان ۽ لوڪ مون کي دفنائڻ بدران ڪنهن سڙڪ جي ڪناري ڇڏي هليو ويو آهي. مون کي پنهنجي پاڻ مان به باس اچڻ لڳي هئي مئل، خراب ٿي ويل لاش جي- اُهو ته مون تيلي ڏيڻ کان پوءِ ڄاتو هو سر! ته — ته — آئون جيئرو آهيان.

آئون - جيئرو آهيان سر!

بليوَ مي - سر - آئون - جيئرو آهيان - جيئرو- آ- آ- هه- هه."

پرجي آيل ساهه جي سهڪر هه- هه- هه.

سناٽو- هن جي جيئري هئڻ جو احساس هن جي پيرن ۾ پگهر جا ڦڙا بڻجي ويل ۽ هن جي امپورٽيڊ باس جي نرڙ تي پڻ. ڇهرن تي ڪن لاءِ هيڊ هارجي ويل — ڏوهي محسوس ڪري ٿو ته هو هن کي ٻڌي نه رهيا آهن. سمجهي نه رهيا آهن. يقين ڏيارڻ جي پاوناڻ سان هو پيهر ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو، باس جي اکين ۾ اکيون وجهي.

ڏوهي: "سر!- پليز- منهنجي ڳالهه ٻڌو- هي - مون کي اُن سمي پڪڙي آيا آهن جنهن سمي آءٌ شهر وارن جا بند دروازا ڪڙڪائي رهيو هئس. ڇا اوهان کي سُڌ ڪانهي ته شهر وارن کي خوف جي بيماري ٿي پئي آهي! هو لاڳيتو هڪ صديءَ کان خوف جي بيماريءَ وگهي بي هوشي جي ننڊ ستل آهن ۽ سر!— شهر وارن جي هٿن ۽ پيرن ۾ سُتي نيئر ٻڌا ويا آهن. ۽ — ۽ — هي سپئي ڪارن بوٽن وارا ماڻهو جيڪي مونکي پڪڙي آيا آهن، رات جو اسٽين

گنون ڪٽي انهن بند دروازن جو نشانو وٺي، اونداهيءَ ۾ لڪي ويهندا آهن. يقين ڪريو سر!ــ ڏوهي تہ هي آهن ــ انهيءَ پڇي ويل قيدي جي آڌ وٺي هنن هر انهيءَ ماڻهوءَ کي ڦاهيءَ چاڙهيو آهي ۽ جيل ۾ پوريو آهي، جنهن پنهنجي اندر جي برف تي پيٽرول هاري تيلي ڏني آهي- هي ــ هي ــ چاهين ٿا تہ شهر سڄو بي هوشيءَ جي ننڊ سُتل پئي رهي ۽ هي سُتي ئي هنن جو رت ست چوسي، ساهہ جي ڏور چني هليا وڃن پر ـ پر ــ اهو ڪيئن ممڪن آهي سر!ــ ائين تہ شهر سڄو قبرستان بڻجي ويندو. اهڙو قبرستان جنهن جي ڪنهن بہ قبر تي سڃاڻپ جو ڪوبہ نشان لڳل نہ هوندو— جنهن تي ڪوبہ روئڻ وارو باقي نہ بچندو ــ سر!ــ شهر وارن کي ڪنهن بہ طرح سان جاڳائڻ گهرجي. قبرستان تہ زندگيءَ جو انت آهي ۽ زندگي ــ زندگي اجا مئي ناهي. پر ـ لاڳيتو هڪ صديءَ کان شهر وارن جي بند دروازن تي ڪنهن جوان جماڻ وڏوا جيان اوسارو ڏئي رهي آهي. ٿورڙو ڪن ڏئي ٻڌو سر!ــ زندگيءَ جو روئندڙ آواز ڪيڏو نہ پوائتو ۽ هانوَ ڏاريندڙ آهي. اوهان ٻڌو پيا نہ سر!ــ ا ــ و ــ هان ــ ٻ ــ ڌ ــ و ــ"

پرجي آيل ساهہ کڻ لاءِ ٿتي پيل ۽ سناٽو. استين گن تي هٿ تهائين مضبوط ٿي ڦٻجي ويل ــ نشاني جو نقطو هن جي سيني مٿان ــ ٽائيل ــ ۽ سيني اندر دل طوفان ۾ گهريل ناوَ جيان ــ هو محسوس ڪري ٿو تہ شايد هو ڪيس ٻڌي ۽ سمجهي نہ رهيا آهن. نراشا جي شديد پاونائن ۾ گهيرجي بہ هو آشا جي آخري ڪوشش ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ سگهہ ڪٺي ڪري ٿو-

ڏوهي: "ٿورڙو منهنجي سيني تي هٿ تہ رکي ڏسو سر!ــ اندر منهنجو من پرزا ٿي رهيو آهي. ڇا اوهان جو من بہ سر!؟ــ اوهان مون کي ٻڌي رهيا آهيو نہ ـــ ويساهہ ڪريو سر!ــ آئون هرگز اُهو ناهيان جيڪو اوهان ۽ هي ڪارن بوٽن وارا ماڻهو مون کي سمجهي رهيا آهن. آئون ـ آئون پڪو ضرور آهيان پر جيل مان نہ ـ آئون پيچو ڪندڙ اُنهيءَ قيامت کان پڳو آهيان جيڪا اُگهاڙن پيرن، بنا آواز، هوريان هوريان هلندي شهر وارن کي ناس ڪرڻ لاءِ اچي رهي آهي. آئون سر! آئون انهيءَ قيامت جو دڳ جهلي بيهڻ لاءِ اڳوات پڳو آهيان ـ جيئن ـ هوءَ سامهونءَ کان ايندي مون سان ٽڪرائجي پرزا ٿئي ـ پر ـ پر- سر!ــ هن مون کي رڳ رڳ کان ڪپيو آهي. هن ـ هن لوسي ڪُتن منهنجن پيرن هيٺ ٻرندڙ ٽانڊا پکيڙي ڇڏيا آهن ـ هي منهنجو ماس پٽي کائڻ چاهين ٿا.

هي مئل شهر جي سنسان سڙڪن تي پونڪڻ چاهين ٿا ـ ۽ ـ ۽ ـ هي ـ پڙ ـ ماءُ ـ جا ـ هي ـ ڪ ـ تن جا ـ ڦَ ـ ر ـ ڌرتيءَ هيٺان ڊائناميٽ وِڇائڻ جون سازشون ـ رتي ـ رهيا آهن ـ آئون ـ هنن کي ـ سرا ـ "

لوٽي واري لپاٽَ

نڪاءُ

ڏوهي بولاٽيون ڪائيند پري وجي پوي ٿو- ياري بوٽن جون ٺڪڙيون وکون ۽ اسٽين گن جي ناليءَ جو هن جي سيني تي وڌنڊڙ دٻاءُ.

سناٽو بند ڪمري جي اندر.

ڍونڊ تي پلجندڙ ڳجهين جي پُڻ جهڻ.

امپورٽيڊ باس ٽيبل جي خاني مان گن ڪڍي لوٽي وٽ رکي ٿو. فون جو ڊائل گهمائي ٿو. ون ٿو- ڏوهيءَ جي باري ۾ فيصلو امپورٽ ڪري ٿو.

فيصلو:

موت ـ ٿو ـ ٿري. اسٽئن گن جو هلڪڙو لوڏو ۽ نڪاءُ ـ

ڏوهيءَ جو ڦٽڪو ـ آخري سڏڪو ـ آخري نهار.

اباڻوت ٽرن ـ ڳجهون مئل شهر جي سنسان سڙڪن تي پيهر پکڙجي وڃن ٿيون، هڪ ٻي شڪار جي ڳولا ۾ ـ باس جي امپورٽيڊ آڊر کي اوبي ڪرڻ لاءِ. •

# ڪارا ڪڪر

سج لهي سانجهي ٿي هئي. ڪهنبي آڪاس تي بادلن ڪان به هيٺ پڪي آڪيرن ڏانهن ٿي موٽيا. پاٽيءَ مٿان ترندڙ ٻيڙين ۽ لانچن جون بتيون پاڻيءَ ۾ گڏجي ان کي سون رنگ ڪري رهيون هيون. لانچ اندر ريسٽورينٽ ۾ ڪيترا پل لنگهي ويا هئا. اسان ٻنهي کي ائين چپ هڪ ئي ٽيبل تي هڪ ٻئي جي سامهون ويهندي. وچائجي ويل ڳالهين جا سرا ڳوليندي- ريسٽورينٽ اندر شور هوريان هوريان گهري ٿيندڙ شام سان گڏ وڌندو ٿي ويو- سرگوشيون، ٺهڪ – چمچن، ڪانٽن ۽ اسٽڪس جو پليٽن سان ٽڪرائڻ جو آواز، پرفيومز، وهسڪي، شيمپين ۽ سگريٽن جي گڏيل مهڪ تڏهن به ڪيڏي ٽڪائيندڙ سانت هئي چوڌسا ۾ (سانت ماڻهوءَ جي اندر مان اٿندڙ عذاب آهي ۽ شور اها ظاهر پناهه گاهه آهي، جنهن ۾ سچ پچ ته پناهه نٿي ملي) ايترو ويجهو ڪان هن کي ڏسندي مون ڪيترا ڀيرا سوچيو، هن جي اکين ۾ عينڪ جي اڇن اجرن شيشن پويان ڇا ٿو جرڪي!؟- لڙڪ يا ٽيبل تي ٻرندڙ ٻن ڏکهين ميڻ بتن جو عڪس شايد – لڙڪ!!؟ شايد – عڪس!؟

اسان جي وچ ۾ News Week جو تازو پرچو اجا به ائين رکيو هو، ٻه بلاسٽ ٿيڻ ڪانپوءِ تباهي جي پڇاڙيءَ تي اٿندڙ دونهين جيان، ڪجهه ڪلاڪ پهرين بڪ اسٽال تان اهيوئي ميگزين خريد ڪرڻ ڪانپوءِ ان جو پنو – پنو اٿلائيندي اوچتو هڪ پني تي هن جون اکيون پٿر بڻجي ويون هيون. ۽ – هينئر – !!؟

.............................................................................................

ڪجهه مهينا پهرين بلڪل ائين ان ساڳي ٽيبل تي مٿيون پيڙي چمڪندڙ اکين سان هو جوش مان ڳالهائي رهيو هو- تڏهن ان شام مند جي پهرين برف پئي هئي ۽ ڳالهين جي ردعمل ۾ اسان جا جسم سوئيٽرن اندر هوريان ڏڪندي به رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت سگريءَ ۾ ٻرندڙ تاندن جيان گرم هو.

”اسان تيسين تائين وڙهنداسين جيسين تائين اسانجي قوم جو آخري پار به

جيئرو هوندو ــ اسان جي ٽڪجي ويهي به رهون ته ڌرتيءَ تي اسانجي قوم جو جيترو به رت وهيو آهي، اهو اسان کي آڻ ميڻ نه ڏيندو ــ“

مان هٿ ترىءَ تي چهرو ڌري ڊانهنس نهاري مرڪندي رهيس.

”سپر پاورس ــ هن ماڊرن ايج ۾ به ماڻهوءَ کي غلام بنائڻ لاءِ هن جي پيڙن هيٺان کان هُن جي پنهنجي ڌرتي کسڪائي رهيون آهن ــ but, no slavery“ هن جو آواز تهائين اوچو ٿي ويو ــ هو عربي لهجي ۾ انگريزي ڳالهائي رهيو هو- سامهون واري ٽيبل تي ويٺل آمريڪن جرنلسٽ جي چپن تي زهر ۾ ٻڏل مرڪ تري آئي ــ ”پيرن هيٺان پنهنجي ڌرتي هئڻ گهرجي ــ پنهنجي ڌرتيءَ تي ساهه کڻڻ جو حق گهرجي اسان کي ــ اسان کي دشمن به پنهنجا گهرجن، دوست به پنهنجا گهرجن ــ اسان ڌاريئين دشمن جي پيرن هيٺان لتاڙجڻ نٿا چاهيون جيڪي اسان منجهان ناهن ــ“ جوش مان ڳالهائيندي هن جو آواز ڀرجي ايندو هو. ڪن لاءِ ساهه روڪي هو چپ ٿي ويو. آمريڪن جرنلسٽ وهسڪيءَ جو پيگ هڪ ئي ڍُڪ ۾ اندر اوتي ڇڏيو ۽ تڪيون وڪون کڻندو ٻاهر نڪري ويو. مون پنهنجي اندر ۾ پيڙا ڀرجندي محسوس ڪئي. چيمر: ”پر ــ ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي نه!- جيڪي آزاديءَ لاءِ وڙهندا آهن اهي آزادي ماڻي نه سگهندا آهن ــ غلاميءَ جي دؤر ۾ ئي مارجي ويندا آهن ــ آزادي انهن کانپوءِ اچڻ وارن کي ئي ملندي آهي ــ“

”ماڻهو وڙهندو ئي پاڻ کانپوءِ اچڻ وارن لاءِ آهي ــ مان نه هوندس پر شايد منهنجو ننڍڙو ڀاءُ عبدالله يا شايد ان جو پٽ ــ يا اڃان به اڳتي اسان کانپوءِ، اسان منجهان ئي ڪو هڪ آزاد ڌرتيءَ تي جيئڻ جي ساڀيا ماڻي وٺي ــ پر ــ اِهو ڏينهن ايندو ضرور.“

ريسٽورينٽ جي بند درين جي برائون شيشن تان برف ڪيهه جيان ڪِري رهي هئي.

ان ساڳي شام جڏهن هاسٽل تي پنهنجي ڪمري ۾ پهتي هئس ته ٽيبل تي بليو ڪلر جو ايروگرام رکيو هو- پري کان ئي ادا وڏي جا اکر سُڃاڻي ورتا هئم. لکيو هئائين، ”مارئي! (هو مونکي منهنجي اصلي نالي سان نه پر مارئيءَ جي نالي سان سڏيندو هو) هي خط مان توکي جيل مان لکي رهيو آهيان. اسان پنهنجي ئي ڌرتي تي اجنبي سمجهيا پيا وڃون. اسان کي غلام بنائڻ لاءِ اسان تي ڌارئين قومن جا لشڪر مڙهي اسان کي minority ۾ بدلايو

پيو وڃي. ٻڌ مارئي! ـــ تون minotaur جي باري ۾ ڄاڻين ٿي؟ يوناني ديومالا ۾ اها هڪ عجيب مخلوق ٻڌائي ٿي وڃي. جنهن جو اڌ ڌڙ انسان جو ۽ اڌ ڌڙ ڍڳي جو هو. اسان جي قوم جو به اڌ ڌڙ ڍڳي جو ٿي چڪو آهي ۽ باقي اڌ ڌڙ وڙهي رهيو آهي. توکي انهي پيڙا ۾ ان ڪري شامل ڪري رهيو آهيان جو جڏهن ماڻهوءَ جي اندر جا عذاب over flow ٿيندا آهن، تڏهن ٻن مان ڪو هڪ ردِعمل ٿيندو آهي ماڻهوءَ تي- يا هو آپگهات ڪندو آهي يا جيئڻ لاءِ، وڙهڻ لاءِ نئين سگهه ڪَٺي ڪندو آهي. مان نٿو سمجهان ته اسان کي آپگهات ڪرڻ جڳائي ٿِو ـــ ۽ زندگي ـــ ڌرتي ـــ آزادي ـِـ سچائي ـــ سياڻي ـــ" لفظ، لڙڪ لڙڪ منهنجين اکين ۾ جهلمل ڪرڻ لڳا. ٻاهر برف هيڪر وري پوڻ لڳي هئي. سرد هوائون ڪليل دريءَ مان اندر اچي رهيون هيون. مون اٿي دري بند ڪري ڇڏي. هيٺ روڊ ۽ روڊ جي ٻنهي ڪنارن تي بيٺل اگهاڙا وڻ ۽ يونيورسٽي جي ڳاڙهين عمارتن جون slope تي نهيل ڇتيون اچي ڪِپهه جهڙي برف مان ڍڪجي ويون هيون.

---

۽ ـــ هينئر ـــ !؟

هو چپ هيو. اکيون News week جي ان هڪڙي صفحي تي پٿرائجي ويل وڏن وڏن اکرن ۾ ڇپيل ?Can Philistine survive وچ صفحي تي ڇپيل ٻه فوٽو- هڪ فوٽوءَ ۾ هڪ جوان مڙد زمين تي مٽل پيو آهي. هن جو جسم لال لهوءَ ۾ لت پت آهي ۽ هن جي پوڙهي ماءُ هن جي سيرانديءَ کان پار ڪِڍي روئي رهي آهي ـــ ٻه وکون پري استين گن کنيو بيٺل سپاٽ چهري وارو هڪ باوردي شخص. هيٺ هڪ ٻيو فوٽو آهي. هڪ جوان عورت هنج ۾ ڪنيل ٻار سميت ۽ اهائي ساڳي پوڙهي عورت ۽ ڏهن ٻارهن سالن جو هڪ ڇوڪرو، فائرنگ جي منهن ۾ اچي مري رهيا آهن. هنن جون ٿهليل ٻانهون، ڪليل وات، ڌرتيءَ تان اکڙيل پير، لهرائيندا، رتوڇاڻ ٿي هيٺ ڪِرندڙ- مرندي مرندي هو ڪنهن امريڪن فوٽوگرافر جي ڪئميرا جي اک ۾ سدائين لاءِ freeze ٿي ويا آهن:

"محمد!!" مون سندس هٿ تي پنهنجو هٿ رکيو. هن جي سرد هٿ ۾ اڃان گرميءَ جي ڪائي لهر باقي هئي. "تون هاسٽل وڃي آرام ڪر. هن وقت تون ڊپريشن جي شديد دٻاءُ هيٺ آهين." موٽ ۾ هن پنهنجا چپ پيڙي لڙڪ

روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پوءِ انهن تصويرن تي پنهنجيون آڱريون ائين ڦيرائڻ لڳو جڻ تصويرن ۾ چپيل چهرن جو ڇهاءُ محسوس ڪندو هجي.

”هي منهنجو ــ پاءُ آهي ــ احمد ــ الفتح جو سرگرم ڪارڪن ــ موت کي پڪ وجهي وڙهندو هو ــ ۽ اڄ ــ هيءَ تصوير ــ“ عينڪ اندر هن اکيون ڀوتي هڪ اونهو ساهه کنيو. ڪن ترسي اکيون کوليائين. هن جي آڱر جوان عورت جي چهري تي هئي. ”هيءَ منهنجي ڀاڄائي آهي زينب ــ هي ــ ان جو ننڍڙو پٽ بلال ــ هي منهنجو ننڍڙو ڀاءُ عبدالله ــ ۽ ــ ۽ هيءَ منهنجي ماءُ آهي ــ“ هن جون آڱريون ماءُ جي چهري تي بيهي رهيون. هن جي اکين ۾ سمنڊ اٿلڻ لڳو. ”مان سدائين ان چهري کي چمي ڏئي گهر کان ٻاهر نڪرندو هئس. جڏهن مان هيڏانهن آيس پي، تڏهن ايئرپورٽ تي منهنجو هٿ پڪڙي چيو هئائين. ”محمد!- ڪير ڄاڻي وري ملون نه ملون!!- اڄ ــ اڄ پهرين مان تنهنجو چهرو ٿي چمان ــ“ ڪن لاءِ هو چپ ٿي ويو. هن جي اک مان هڪڙو لڙڪ ڪِري، هن جي ڳل کي پچائيندو ان جي ماءُ جي چهري تي وڃي ڪِريو. پوءِ هو اندر مان اٿندڙ پيڙا وچان ڪليو (مون کي لڳو، هو سڏڪي کي گهٽڻ ٿو چاهي جيڪو هن جي اختيار ۾ ڪونهي) ”پوءِ خبر آ ــ مان ــ تمام گهڻو هيٺ نمي پنهنجو چهرو ماءُ جي چپن تي ويجهو آندو هو ــ هوءَ منهنجن ڪلهن تائين مس ايندي هئي نه ــ نه ته ننڍپڻ ۾ جڏهن مان سندس گوڏن تائين مس ايندو هئس ۽ سندس آڱر جهلي ڪنهن ڳالهه تي ڪيتو ڪندو هئس ته هوءَ ايتروئي نمي مونکي چمي ڏيندي هئي. پر اڄ ــ اهي ــ چپ ــ اهو چهرو ــ“ هن جو آواز ٿڪي پيو ۽ هو منهن ورائي دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳو. ٻاهر رات پر ڦهلائي چڪي هئي. پاڻيءَ جي اندر پوندڙ روشنين جو عڪس. پاڻيءَ مٿان ترندڙ ٻيڙين ۽ لانچن جي روشني، ڪناري تي بيٺل عمارتن جون بتيون، آسمان جا تارا سڀئي پاڻ ۾ ڳڏجي هڪ ٿي ويا هئا پر مون کي لڳو ته اونداهي جي ڏائڻ هڪ هڪ ڪري روشنيءَ جا سموري تارا ڳڙڪائي رهي آهي.

........................................................................................................

اُها به اهڙي ئي تارن ڀري رات هئي. ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ٿي چڪو هو ۽ هينئر هينئر ريڊيو تي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي تقرير جي پڄاڻي ٿي هئي ۽ هاڻي ريڊيو تي قومي ترانو وڄي رهيو هو. ڪوٺيءَ ۾ بلب جي ميرانجهيءَ روشنيءَ ۾ کٽ تي پيل امان زندگيءَ جا آخري ساهه ڳڻڻ جا جتن

ڪري رهي هئي پر جيڪي ڪچيءَ تند جيان ڇڇيو ڇڇيو ٿي پيا. بابا جو هٿ پڪڙي ٻڏندڙ ناڪئي جيان آخري التجا ڪيائين: ”مون ڪي ـــ منهنجو پٽ آڻي ڏي ـــ ان جو ـــ منهن ڏسي ـــ مرندس ـــ“ بابا هارايل جواريءَ جيان ڇڻ خالي هٿ امان جي اڳيان پکيڙي ڇڏيا: ”مون تہ گهڻئي التجائون ڪيون ـ هٿ ٻڌا ـ بس پنجن منٽن لاءِ ڇڏيوس ـ سندس ـ ماءُ ـ موت ـ جي منهنءَ ـ ۾ ـ“ ڪن لاءِ ساهہ روڪي چپ ٿي ويو، پوءِ بي وسيءَ مان چيائين: ”پوليسءَ نٿي ڇڏيس ـ چون ٿا ـ هو ڏوهي آهي ـ دشمن جو جاسوس آهي ـ باغي آهي ـ غدار آهي ـ تون ـ تون ـ پٽ جو منهن ڏسڻ بنائي مري وڃ ـ پٽ ـ جو منهن ـ ڏسڻ ـ بنا ـ ئي ـ مري ـ وڃ ـ“ سندس ڏاڙهيءَ جي وار وار ۾ لڙڪن جا موتي پوئيجي رهيا هئا. امان زندگيءَ جي پتوار تي پنهنجا هٿ ڍرا ڪري ڇڏيا. تاوَ ڪُن جي گهيرت ۾ ڦرندي پاتال ۾ هلي وئي.

---

”مان روئڻ ٿو چاهيان، پوريءَ سگهہ سان ـــ تيسين تائين جيسين تائين منهنجي ڳلي مان رت وهئي نٿو نڪري.“ هن منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ورتو. اسان ريسٽورينٽ مان اٿي ٻاهر نڪري آياسين. سڙڪون، انسان، هجوم، روشنيون، سڀ ڪجهہ لتاڙيندا. يونيورسٽي روڊ سنسان هيو. ڪناري تي لڱل ڊگها وڻ سرد هوائن ۾ جهومي رهيا هئا ۽ انهن مان ڇٽيل هيڊا سڪل پن چوڌاري ٿهليا پيا هئا.

”ائين ـــ ڇو ٿيندو ـــ آهي!؟“ ساڻ هلندي هن چيو.

”ڇا ـــ!؟“ پڇيم.

”ڇا ـــ انياءَ جي ڪائي پڄاڻي بہ آهي؟- ڇا اسان مفت ۾ مارجي وڃڻ لاءِ آهيون؟- اسان بي وطن، هٿيارن کان وانجهيل قومون- اسان جي بقا جي ڪابہ ضمانت ڪانهي؟“ ڪي پل چپ چاپ هلندا رهياسون. پوءِ اُداس نوع ۾ چيائين، ”ها- مان سمجهي سگهان ٿو. غلاميءَ ۽ محڪوميءَ جون سوين صورتون هونديون آهن. جلاوطني، وطن اندر بہ ماڻهوءَ تي مڙهي سگهجي ٿي. سمورين صورتن ۾. انفرادي طرح بہ، اجتماعي طرح بہ ماڻهوئي ماريو ويندو آهي-“ هو بي ربط ڳالهيون ائين ڪري رهيو هو، جيئن ڦڙو ڦڙو زهر پئندو هجي. اچانڪ هن اننت سانت ۾ آسمان ڏانهن منهن ڪري، ٻئي ٻانهون ٿهلائي، سموري سگهہ ڪني ڪري رڙ ڪئي: ”اسان ڇو مارجي رهيا آهيون- ڇو!؟ ـــ ڇو ـــ مارجي رهيا آهيون!؟ Stop slavery“ هن جي رڙ پڙاڏو

ٻڄي هوائن ۾ گهلي هر شيءِ سان ٽڪرائجي موٽي آئي -

"S-t-o-p- s-l-a-v-e-r-y-"

مون هوريان هڻ جو هٿ جهلي ورتو.

...

تڏهن، جڏهن ادا وڏو انڊر گرائونڊ هو. ڪجهہ مهينا پهرين جيل مان ڏگهي سزا ڪاٽي موٽيو هو ۽ مٿس ٻيهر وارنٽ نڪتل هئا. ھاٿي پوليس هن ڪي پنهنجي فائل ۾ اسٽوڊنٽ ليڊر بدران مفرور ڏاڙيل لکيو هو. ۽ هو سندس ڳولها ۾ ناڪام ٿي چڪا هئا. اهڙي ئي ڪا سرد رات هئي سياري جي. سگريءَ ۾ دکنڊڙ اڳرن اڳيان بابا مونن ۾ منهن ڏيو ويٺو هو. امان ڪانپوءِ هو ائين ئي ويهندو هو ۽ نہ برابر ڳالهائيندو هو. ٻاهر ڳليءَ ۾ ڪتن جي يونڪار ٿي گونجي. جڻ شهر سڄو مري ٺري ويو هجي. در تي نڪ نڪ ٿي. بابا اٿي در کوليو. پوليس وارا بيٺا هئا. هنن بابا کي ٽاڊن جهڙين اکين سان جڻ آرپار ڏٺو. ادا وڏي جو پڇيائون. بابا ٺڏو ساهہ پري چيو: "مان تہ پاڻ سندس چهرو ڏسڻ ڪاڻ سڪان پيو. خبر هجيم ها تہ ڪٿي آهي تہ پهرين پنهنجيون اکيون ٺڏيون نہ ڪريان ها!" هنن بابا کي ڪرائيءَ کنان سوگهو پڪڙي جيپ ۾ ويهڻ لاءِ چيو.

"پر ڇو!؟"

"جيسين تنهنجو پٽ پاڻ پيش نٿو ڪري، تيسين توکي جيل ۾ رهڻو پوندو. ۽ پٽ جو پتو تہ تون تڏهن ٻڌائيندين جڏهن پوليس جي مار ڏسندين- نہ تہ ٻي صورت ۾ اسين اوهان جون عورتون ٻڌي وٺي ويندا سون." بابا جا پير جڻ چائنٽ تي جمي ويا- هنن سٽ ڏئي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو. هو ٿاٻڙجندو جيپ جي بانيٽ سان وڃي ٽڪرايو ۽ جڻ ان جي اندر ۾ وڇايل بارودي سرنگ اچانڪ بلاسٽ ٿي پئي. "ڇو- ڇو ٿا اسان کي ماريو!؟- ڇو-.اسان تي اسانجي ئي ڌرتي ڪٽي سوڙهي ڪئي اٿوَ!؟- ڪيڏانهن وڃون!؟- ٻڌايو- ڪيڏانهن وڃون!!؟" مُنيون پيڙي بابا رڙيون ڪري رهيو هو ۽ هن جون رڙيون پولار کان پاتال تائين گونجي رهيون هيون. پوءِ هو جيپ جي بانيٽ تي مٿو ڌري سڏڪا ڀري روئي پيو. هو ڪيس جيپ ۾ ويهاري هليا ويا. هيڪر وري اها ئي سانت هئي ۽ ڪتن جي يونڪار ۽ اها ئي سرد رات.

...

يونيورسٽي روڊ تي فٽ پاٿ ڪناري پٿر جي برف وانگر سرد بينچ تي

وٽن هيٺ چپ چاپ وينا هئاسون. چنڊ وٽن جي اگهاڙين ٽارين مان ليئاڪا پائي رهيو هو. سامهون هاسٽلن جون عمارتون هيون ۽ هيڏا چٽيل پن هوا ۾ اُڏري اسانجن چهرن سان ٽڪرائجي رهيا هئا. هن اسٽريٽ لائيٽ جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ هيڪر وري News Week جو اهو ئي صفحو کولي ڏٺو. اهي ئي تصويرون، موت جو freeze ٿيل منظر. ڪيترا پل ائين ئي لنگهي ويا اوچتو هو منهنجي هنج ۾ منهن لڪائي، ماءُ کان وڇڙيل اڪيلي ٻار جيان سڏڪا ڀري روئي پيو. روئندو رهيو. شايد مان بہ رني هئس. ڪنهن لاءِ ــ هن لاءِ ــ يا اهڙن ئي عذاب لمحن لاءِ جيڪي مان پويان پنهنجي ڌرتيءَ تي ڇڏي آئي هيس. اسان ٻئي روئي رهيا هئاسون.

ان رات، ان بينچ تان اٿي هو پنهنجي هاسٽل ڏانهن هليو ويو ۽ جڏهن مان پنهنجي ڪمري ۾ پهتي هئس تہ منهنجي ڪورئين روم ميٽ ڳوتان آيل بليو ايروگرام هٿ ۾ ڏنو هو. اوپرا هٿ اکر. ڪنهن مائٽ جو خط هو، "ڌيءَ!- اڄ ڪربلا جو واقعو ٻڌائڻ لاءِ مان ئي بدنصيب بچيو آهيان- تنهنجي ڀاءُ- ٻيءُ ۽ ڪڙم جي ٻين جوانڻ چوڪرن لاءِ پوليس جي فائل ۾ مفرور ڌاڙيل لکيو ويو ۽ اها رات قيامت کان بہ ڀيانڪ هئي. گهرين ننڊن ۾ ستل هئاسون جڏهن امن فورس اچي آپريشن ڪلين اپ ڪيو- ڌيءَ! سمجھہ ڪربلا جو ميدان هو- زالون، ٻار، جوانڻ، پوڙها- ڀڳاسون- جهنگن- ٻرن- مسجدن ڏي- ڳولهي ڳولهي مارياٿون ــ ٻاهين جا گولا ٽي اُڏاٿا ــ قرآن ڪٺي زندگيءَ جي ٻيڪ گهري سون ــ رت جو درياھ وهي ويو جنهن جو ڪوئي پار نہ هو. سڄي رات آپريشن هليو- فجر جون ٻانگون مليون ــ هو هليا ويا ــ اسان انڌن وانگر لاش ڪٺا ڪيا- تنهنجو ٻيءُ- ڀاءُ- ڀاڄائي- ان جو مهيني ڪن جو ٻار ۽ تنهنجو ننڍو ڀاءُ- چوڏانهن لاش- نہ داد- نہ فرياد- هيڏو انڌڪار!! پوءِ بہ جيئون پيا پر جيئڻ نٿو ڏنو وڃي- پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ماڻهو بي امان ٿيئي- پوءِ امان پائڻ لاءِ ڪيڏانهن وڃي- ڪيڏانهن!؟-" لفظ ڏنڌلائجي اکين کان الوپ ٿيندا ويا. ڪمري جي دريءَ کان ٻاهر آسمان تي چنڊ ۽ تارا ٽي جرڪيا پر مون کي لڳو آسمان هڪدم ڪارو ٿي ويو هجي. ڪارو ڪارونيار ۽ وڄ جا ڪڙڪات- تيز طوفاني هوائون هر شيءِ کي اُڏاريندون ٿيون وڃن.

ان ڪانپوءِ، بظاهر اهو صبح بہ عام نوع جو هو. هاسٽل جي دريءَ کان ٻاهر زندگي سمورن هنگامن سميت سجاڳ هئي. خط سڄي رات منهنجيءَ مٺ

۾ جڪڙيل رهيو هو ساهه جيان. صبح جو وڪ ڏاڪڻيون لٿي هئس. هن اوپري وشال ديس ۾ هڪ ئي ماڻهو اهڙو هو جنهن جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي روئي سگهيس ٿي. هن جي هاسٽل جي گيٽ تي سنڌس همه وطن ۽ روم ميٽ پٽ کي ٽيڪ ڏيو پٿر بڻيو بيٺو هو. ڄڻ سڄي رات هلندڙ سرد هوائن ۾ freeze ٿي ويو هجي. جڏهن مان ان جي پرسان لنگهيس تڏهن هن جا چپ چريا ــ ”مس!!“

مان بيهي رهيس.

”تون محمد سان ملڻ ٿي وڃين!“ هن جڻ پري کان ٿي ڳالهايو. هن جي اکين ۾ اوجاڳو هو. چيم: ”ها.“ ۽ اندر وڃڻ لاءِ وک وڌايم. هن هوريان منهنجو هٿ پڪڙي ورتو. ”آءِ ايم- سوري مس! ــ رات هن پاڻ کي ماري ڇڏيو- هينئر روم ۾ سنڌس لاش رکيو آهي-“ هن پنهنجا چپ پيڙي ڇڏيا ۽ اکيون منهنجي چهري تان هٽائي پنهنجن پيرن تي کپائي ڇڏيون. مون اويساهيءَ مان هن ڏانهن نهاريو- هن جي اکين جا لڙڪ ڏسي مونکي ويساهه اچي ويو. مونکي لڳو مان جڳن جو پنڌ ڪري آئي آهيان ۽ اڃان جڳن جو پنڌ باقي آهي. ٽڪل/ هارايل وڪون ڪٽيندي موٽي آيس. رستي ۾ ڪيترا پيرا منهنجو ايڪسيڊنٽ ٿيندي بچيو- ڪمري ۾ پهچي آرسيءَ اڳيان بيهي مون حيرت مان سوچيو: ”اڃا-!! تہ- اڃان مان- زنده- آهيان-!!!؟؟“

---

بوٽنگ منهنجي ڌرتيءَ تي جڏهن لينڊ ڪيو، منڊ جي ڀرين برسات پئجي رهي هئي ۽ منهنجيون اکيون ۾ ٿرپارڪر جي واري تي اُڏامي. ٽرين ۾ ڳوٺ ويندي مون محسوس ڪيو، مان ڪربلا جي واقعي جي آخري راوي بچي آهيان. منهنجن پنن تي منهنجن پيارن جا لاش آهن. ڳوٺ جي اسٽيشن تي ٽرين ٽڪجي، سهڪندي بيٺي تہ سڄ لهي سانجهي ٿي هئي. اها ڏهين محرم جي شام هئي. يومِ عاشور هو. شام غريبان جو آخري جلوس اسٽيشن جي پرسان لنگهندڙ روڊ تان وڃي رهيو هو. ڪارا ڪپڙا ــ ڪارا جهنڊا ــ رتوڇاڻ ڇاتيون ــ اگهاڙا پير ــ هو هڪ آواز ڇاتين تي هٿ هڻي رهيا هئا ــ حسين! ــ حسين! ــ حسين ــ جلوس روئي رهيو هو ــ اسٽيشن جون ڏاڪڻيون لهي مان بہ ان جلوس جي پويان هلڻ لڳس ــ حسين! ــ حسين! ــ حسين! ــ منهنجو هٿ منهنجي سيني سان مٿو ٽڪرائي رهيو هو ــ حسين! ــ حسين! ــ حسين! ــ ●

19- آگسٽ 1987ع، 4- محرم الحرام تي لکيل.

# مڪتي

وشال سمونڊ جي ڪناري ڄڻ ڄڳن ڪنان ويٺو آهيان. منهنجن پيرن هيٺان ڄڻ صدين تي ڦهليل اتهاس آهي- مان سوچيان پيو، ڇا ماڻهوءَ جو سمورو سفر دائري جو سفر آهي ۽ ماڻهوءَ جا سمورا سپنا- احساس- آدرش هڪ ڏگهو چڪر ڪاٽي، فنا جي آخري نقطي تي اچي بيهي رهن ٿا!- ڇا اهو ڪائنات جو آخري نقطو آهي ۽ ڇا فنا جي ان آخري نقطي کان اڳتي به ڪجهه ٿي سگهي ٿو!! ۽ پوءِ دائري جي ان سفر جو ڪهڙو حاصل آهي ڀلا!!- مان محسوس ڪندو آهيان ته مون کان اڳ به انسانن جو هجوم هو جيڪو اهو سڀڪجهه سوچيندي نيٺ به مري کپي ويو هوندو. مان مرڻ به نٿو چاهيان. ستي سپني ۾ ڪائنات جي گولي کي پاڪر ۾ پرڻ لاءِ ڊوڙ پائيندو آهيان پر گولو تيزيءَ سان اڇليل بال وانگر مون کان به تکو ڊوڙندو، اونداهين پولار ۾ الوپ ٿي ويندو آهي- ته ڇا انسان هيل تائين ڪائنات تي سوچ به ماٺي نه سگهيو آهي!!- تڏهن چنڊ جي سفر کان وٺي نيوٽران بم جي تخليق تائين سڀ ڪجهه فراڊ آهي ڇا!!- ۽ ڇا اخبارن ۾ ڇپجندڙ، ريڊيو ۽ ٽي وي تي رڙندڙ بک، بدحالي، انساني تباهي ۽ ڀيانڪ جنگين جون سموريون خبرون به فراڊ ٿي سگهن ٿيون!!- مان اهو به سلي نه سگهيو آهيان ته ماڻهوءَ جي سوچ ڇا ۾ آهي!!- جنگ ۾- امن ۾- مذهب ۾ يا سڀڪجهه تياڳي بن واس وڃڻ ۾، مون کي اهو به گمان ٿيندو آهي ته ان سموري مانداڻ جي پويان موت جو اوسيئڙو آهي. نه ته بظاهر ماڻهو جيئڻ جا هزارين ڪارڻ گهڙي وٺندو آهي - ڇا ان آخري نقطي تي اچي سموري ڪائنات تباهه ٿي ويندي!-

– جڏهن مان اهڙيون ڳالهيون سوچيندو آهيان، تڏهن منهنجن پيرن هيٺان صدين تي ڦهليل اتهاس ڄڻ کسڪڻ لڳندو آهي. مون پڙهيو آهي ته جڏهن ماڻهوءَ جي آتما ۽ وجود جي وچ ۾ آزاديءَ جي جنگ شروع ٿيندي آهي تڏهن ماڻهوءَ جي اندر احساسن جي تباهه ڪاريءَ جا اهڃاڻي آثار جنم وٺندا آهن. ان سموري احساساتي تباهه ڪاريءَ جي نتيجي ۾ آتما ۽ وجود مان ڪا هڪ

شيءِ آزادي ماڻي وٺندي آهي. نتيجي ۾ ماڻهو نارمل نہ رهندو آهي- تڏهن ڇا مان پنهنجا حواس وڃائي رهيو آهيان!!؟ هونئن منهنجو ان ۾ ويساهہ آهي تہ ماڻهوءَ جي آتما ۽ وجود هڪ ٻئي کان ڌار رهي بلڪل بيڪار آهن- پر مون کي پنهنجي اندر جي ان سموري ڪيفيت تي ڪوبہ اختيار ڪونهي- بي اختياريءَ جي اها ڪيفيت مون کي زوريءَ سمونڊ ڏانهن وٺي ايندي آهي-

ــ نيڻن تي ڌريل ٻئي هٿ هٽائي، ڪي ڪن تڪ ٻڏي پولار ۾ گهوريندو ٿو رهي ــ ۽ اوچتو سمونڊ جي نيري-ڪاري پاڻيءَ منجهہ باهہ ڀڙڪو ڏئي ٻري ٿي پوي ۽ اُلا آڪاس کي ڇهڻ ٿا لڳن. سندس مک تي واسو ڪري ويل پيڙا- موت- ٿڪ ۽ ڪاوڙ جا ڀاوَ- ۽ ڪائنات سموريءَ کي اوچتو، ڏسندي ئي ڏسندي، سندس ئي نيڻ نهار آڏو، باهہ جي سمونڊ ۾ ڦٽي ڪيو ٿو وڃي ۽ ڪائنس هانءُ ڏاريندڙ رڙ نڪري ٿي وڃي- نہ ـ نہ ـ ن ـ ن ـ نا ـ ا ـ ا ـ ا- هو سيڪجهہ ڏسي پيو سگهي (جيڪو سمونڊ ڪناري هلندڙ سُندر، اَسندر چهرن وارا ماڻهو نہ پيا ڏسي سگهن ۽ ڏسڻ- نہ ڏسڻ جي وچ ۾ سمجهہ جي ڏاڍي سنهڙي ليڪ هوندي آهي). هو ڏسي ٿو، جيڪو ڪجهہ باهہ جي سمونڊ ۾ سڙي ڀسم ٿي رهيو آهي سو سيڪجهہ سُندر آهي ۽ اَسندر تہ بس اُها باهہ آهي جيڪا سيڪِجهہ ساڙي رک ڪندي ٿي وڃي. ڪيس باهہ جي رقص ڪندڙ اُلن ۾ عجيب وحشي پڻو محسوس ٿئي ٿو ــ (سڏڪو/ آلا سيڪجهہ سڙي رک ٿي ويو، ڪنهن کي بہ سڌ نہ پئي- لوڪ- انڌو لوڪ ستوئي رهيو) ـ

اکيون ٻوٽي، هٿ ٽريون ڪنن تي ڌري رڙيون ڪندو ٿو رهي ـ نہ- نہ- بچو- باهہ- با- هہ- هہ هہ-

سمونڊ جي ڪناري هلندڙ ماڻهو سندس ڇوڏاري بيهي اچرج مان ڪيس ڏسندا رهن ٿا-

”ڪٿي آهي باهہ؟؟“ هجوم مان ايندڙ ڪجهہ آواز.

هو پيڙا ۽ خوف وچان سمونڊ ڏي نهاري ٿو، جت باهہ وڌندي پئي وڃي ۽ سموري سندرتا سڙي رک ٿي رهي آهي-

”ڪٿي آهي باهہ؟“ ماڻهو ڪيس ڪلهن کان پڪڙي ڌونڌاڙين ٿا-

”چريو آهي ويچارو- ڇڏي ڏيوس.“

۽ ڪيس ياد اچي وڃي ٿو تہ ماڻهو انڌا آهن- ماڻهن جا سيئي حواس مري

چڪا آهن- ماڻهو باهہ ۾ هلندي بہ- سڙندي بہ- مرندي بہ، خوش آهن- پنهنجا سپنا- احساس- آدرش هڪ هڪ ڪري باهہ جي مچ ۾ ساڙي رهيا آهن- بنا ڪا ورندي ڏيڻ جي-

هو ڪنن تي هٿ تريون ڏري باهہ- پڇو- هہ- جو شور مچائيندو، سمنڊ ڪان دور ڊوڙندو ماڻهن جي نيڻ هار ڪان الوپ تي وڃي ٿو ۽ ماڻهو ڪلندا- ٽهڪ ڏيندا ٽڙي پکڙي وڃن ٿا- ●

# پاتال

موت جي ڏسا ڏانهن ويندڙ سمورا رستا.

۽ زندگي انهن رستن تي پٿون پيرن سان هلندڙ.

ڏامر جي ڪاري تپي تامو ٿيل سڙڪ ـ آڳ اوڳاڇيندڙ آسمان ـ سناٽو- سانڻ سانڻ- وک وک هلندڙ مڙد ۽ عورت.

"ڏس نه- ڪيڏي سُندر آهي هيءَ ڪائنات ـــ ڪيڏو سڪون آهي سرشٽيءَ مٿان، ڪيڏو موهيندڙ آهي سڀ ڪجهه- تون، مان ۽ هي پل جيڪي پنهنجين هٿ آڱرين جي وٿين منجهان لنگهن ٿا. تون چوندو هئين نه ته ڪٿي به امن ناهي ـــ پر الاءِ چو مونکي چئني ڏسائن ۾ امن ئي امن ٿو پَسجي ـــ" ڳالهائيندي ڳالهائيندي هوءَ ڇرڪي هن ڏانهن نهاري ٿي. "ائين گهور پائي چا ٿو ڏسين مون ڏانهن!؟- نه- ائين گهوري نه ڏسندو ڪر مون کي، موت جهڙيءَ ان نهار سان-" هلندي هلندي هوءَ هن جو هٿ جهلي بيهي ٿي رهي ۽ موت ۾ مڙد جي نگاهن جي گهور تهائين سرد پوندڙ موت جيان- برف جيان- عورت پنهنجي اندر ۾ رڳن تائين ۽ رت ڦڙن تائين سرد-تهائين سرد دريا لهندو ٿي محسوس ڪري.

هيڪر وري پٽڪي ٿي.

"جڳن ڪنان منهنجي من ۾ هڪڙي ننڍڙي پرسڪون گهر جو جيڪو سپنو پلجي پيو، چا ڪڏهن به ان کي ساپيان نه ملندي!!؟" آواز ٽٽي پوڻ ڪان پهرين چپ ٿيو ٿي وڃي.

"گهر!!" زهر ۾ ٻڏل مرڪ مڙد جي چپن تي تري آيل. "مان سوچيندو آهيان، چا هر ديوار پناهه گاهه بڻجي سگهي ٿي!! چا هر گهر ۾ ماڻهو رهندا آهن!؟- ڪيترا اهڙا گهر آهن جن ۾ جانورن سمان ماڻهو ۽ ماڻهن سمان جانور رهندا آهن. ايڏي اوچي ديوار به چا اڏي سگهجي ٿي جنهن کي موت به نه اُڪري سگهي!!- هان!-" ڳالهائيندي آلين ڪانين جو دونهن چڻ نيڻن ۾ پرجي ٿو اچيس. ساجو هٿ نيڻن تي ڌري ٿو چڏي. انيڪ پل سانت جو واسو

ٿو رهي ٻنهي جي وچ ۾. ان سانت جي پچاڙڪي پل ۾ هوءَ ڄڻ سڏڪو ڀري ٿي. ”مان- مان- توکي سڏ بہ آهي تہ- تہ- تنهنجي ٻار جي- ماءُ بڻجڻ واري آهيان-“ عورت جي ڳالهہ ٻڌندي ئي نيٽڻ تان ڪاٻو هٽ لهي ٿو اچيس. نهار هن جي نيٽڻ منجهہ اٽڪيو ٿي پويس. ڄڻ بينل پاڻيءَ منجهہ پٿر جو شپاڪو ٿئي.

”نہ- تہ-“ بس ايترو ئي ڪيي سگهي ٿو.

”نہ ڇو!؟- ڇا تو مون سان راتيون ناهن گهاريون!!- ڇا تو ڪڏهن بہ مون کي ڇهيو تائين ناهي!؟“ ڏک ۽ پيڙا وچان نيڻ پرجيو ٿا اچنس. مڙد ڪابہ ورندي نٿو ڏي. چپ آهي پٿر جيان.

”توکي- توکي- شاڪ پهتو ڇا!؟“ پرجي آيل آواز ۾ پڇيس ٿي.

”ها-“ سانت ۾ سڏڪو، نيڻ نهار آڏو هوريان هوريان هن جو مک ڏنڌلو پوندو ٿو وڃيس.

”تون ڇوندو هئين نہ تہ- عورت جي ڳرڀ ۾ پلجندڙ ٻار، سرشتي جي سڀ کان سُندر تخليق آهي. ڇوندو هئين نہ!!؟“

”ها –“ ۽ پوءِ هڪ ڊگهي ماٺار. پولار ۾ گهوريندو ٿو رهي.

”پوءِ توکي ايڏو شاڪ ڇو پهتو، هن ٻار جو ٻڌي !؟ لوڪ ڪنان ٿو ڊڄين، مڙد ٿي ڪري....!؟- ۽ مان- عورت هوندي بہ- تون نٿو چاڻين تہ- هن ٻار جو سپنو تہ منهنجن رت ڦڙن ۾ بہ ٿو ساهہ کڻي- ۽- ۽-“ آواز اڌ پنڌ ۾ ڇڃيو ٿو پويس ڪچيءَ تند جيان.

”ٻڌ-“ مڙد جو پڻڪو.

ڪابہ ورندي نٿي ڏي. هو هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو هيڪر وري ٿو پڪاريس.

”ٻڌ!– هن ايج ۾، جڏهن ماڻهو ماڻهوءَ جو ماس کائي رهيو آهي ۽ موت چوڌسا ۾ پر ڦهلايو بيٺو آهي، تڏهن ڇا اسان کي اڌيڪار آهي ڪنهن انسان کي جنمڻ جو!!؟-“

موت ۾ هن جي نيٽڻ ۾ اُيري ٿا اچن اچرج جا ڀاوَ ڄڻ ڪجهہ بہ نہ پئي سمجهي.

”مان سوچيان ٿو تنهنجي ڳرڀ ۾ هي ٻار جو پيو آهي، هن بارود جي ڳ ۾ ڇا ڪنهن ڀيانڪ جنگ جي جوالا ۾ سڙي ڀسم ٿيڻ لاءِ جنم وٺندو؟ ۽ – ۽ – هيڏي ٻک آهي، هن وشال پرٿويءَ تي. نجاڻ ڪيترا ٻار بک وگهي روز ٿا

پناهہ گاهہ ڪانهي- اسان جي پُٽ سان بہ بڏا ويا آهن ۽ ڪير چاٽي!-
ڪڏهن، ڪهڙي سمي سڀ ڪجهہ پسمر ٿي وڃي، هڪ ئي ڌماڪي سان-
تون- مان- ۽- ۽- هو- بہ-"

۽ هوءَ اُداسيءَ وچان ڳالهائي ٿي، ميڻ جيان ڦڙو ڦڙو وگهرجندڙ آواز ۾.

"دک اهو آهي تہ تو ۾ اُهي سندر ڀاوَ آهن ئي ڪونہ جيڪي ڪنهن سرجڻهار جي من ۾ پلبا آهن- مون کي تہ ائين محسوس ٿيندو آهي چڻ هو پنهنجن پتڪڙن پيرن سان پيو منهنجي انگ انگ ۾ ڊوڙون پائي- هن جا هٿ منهنجي سموري وجود کي ٽا ڇُهن- ۽- مان تہ پنهنجين ڇاتين تي هن جي ڪير مان پنل چپن جو ڇهاءُ بہ ٿي محسوس ڪريان-."

"۽- ڏک اِهيو آهي تہ تڏهن بہ- تڏهن بہ تون هن کي جنمڻ ٿي چاهين!!- ڏس نہ، بک- بيروزگاري- بارود جو ٻرندڙ آڙاهہ- پيڙا- شڪستون ۽ چؤڏسا ۾ ڦهليل فنا جا ڪارا ۽ پوائتا پاڇولا- ٻيو پلا رکيو ئي ڇا آهي هن هيڏي ساري پرٿويءَ تي!!- ڇا اِهيو سڀ ڪجهہ ڏيڻ لاءِ جنميندئَن ڪيس!؟-"

اوچتو هوءَ اُٿي ويهي ٿي رهي. نيڻن منجهہ جڳن جي پريت اُجهامڻ ٿي لڳيس ۽ من ۾ ڌڪار پرجي تو اچيس هن لاءِ.

"تنهنجي سيني ۾ من ڪٿي تو ڌڙڪي پلا!؟ پٿر پيو آهي تنهنجي سينےَ ۾ دل جي جاءِ تي- آئي- آئي- هيٺ يو- ها ٻڌي چڏ- نفرت آهي- مون کي توکان- نفرت- آ- هي- تو- ڪ- ا- ن-"

سانت ۾ سڏڪا- وڃڻ لاءِ وک کڻي ٿي.

ڪن ترسي، هو آکي ٿو. چڻ ٻرندي ٻرندي اُجهامندو هجي.

"وڃين ٿي- ڇا!!؟"

"ها-"

"اهو ڄاڻندي بہ تہ پناهہ گاهہ ڪٿي بہ ناهي- هان!؟"

"پناهگاهون تہ ماڻهوءَ جي من ۾ ٿينديون آهن. جنهن کي پنهنجي من ۾ پناهہ ملي وڃي نہ، سموري پرٿوي پناهگاهہ بڻجي ويندي آهي هن لاءِ-"

وڃڻ لاءِ وک کڻي ٿي ۽ هن جي اندر ۾ چڻ ڪجهہ پُري پئي ٿو- برانگهون پريندو آڏو اچي بيهي رهيس ٿو. گس جهلي.

"نہ- وڃ-"

”ترسڻ لاءِ ڪهڙو ڪارڻ آهي باقي!!- تنهنجي من جون سموريون سندرتائون مري ٿيون آهن ۽ هاڻي مون کي تو مٿان موت جو گمان ٿئي ٿو. بدصورت موت جيڪو سموريون خوبصورتيون ناس ٿو ڪرڻ چاهي- آئي- هيٽ- يو-“

موٽ ۾ تڙڦي هو ڪيس پنهي پانهن کان سوگهو پڪڙي اکين ۾ اکيون وجهي نهاريس ٿو.

”حقيقت اها آهي تہ خوبصورتيون، بدصورتين جو ڪاڄ بڻجي چڪيون آهن. اڳتي- ٻي وک کڃڻ کان پهرين ڪائي اونهي کاهي آهي جيڪا ڪنهن ذائڻ جيان وات پٽيو اسان کي ڳڙڪائڻ لاءِ ڪوڙي وئي آهي- ڪلائمڪس ان ۾ بولاٽيون ڪائي هيناهينءَ ڏانهن وڃڻ آهي، ٽڪرائجي پرزا ٿيڻ تائين- ۽ ان کان اڳ هلي آ- هڪ ٻي جا چپ چمي وٺون-“

”چپ چمڻ لاءِ جيڪي ڀاوَ گهربا آهن نہ ـ اُهي تو- وٽ-“ عورت جي اکين ۾ جڻ آليون ڪانيون دکيو ٿيون پون- پنهنجين ٻانهن تي ڦٻيل هن جي هٿن مان پاڻ ڇڏائيندي، تکيون وکون کڻندي هلڻ تي لڳي.

”مان- وڃان- ٿي.“

”مان- توکي آخري موڙ تائين ڇڏي اچان ٿو-“ هو سنسان روڊ تي پرانگهون پريندو هن ساڻ هلڻ تو لڳي.

”پڌ تہ- اسان کي ڪوبہ اڌيڪار ناهي، ان ٻار کي جنمڻ جو. ڇا تون ۽ مان ڪافي ناهيون، هيڏا پهاڙ جيڏا ڏک ڀوڳڻ لاءِ-!؟“ ڳالهائيندي ساهہ پرجي تو اچيس.

”بڪواس تو ڪرين. نفرت آهي مون کي توکان- مان ڪجهہ بہ ٿي پوي ابارشن نہ ڪرائيندس- ڪجهہ بہ ٿي پوي- ڪجهہ- بہ- ٿي- پوي-“

گهاٽن ڏگهن وڻن جي ٽارين اندر سج اُلهي رهيو هو. سنسان روڊ جي ڪاري پٽرائين ڇاتيءَ تي ڇٽيل هيڏا پن هن جي پيرن سان ٽڪرائجي، وڪرجندا ٿا وڃن. پولار ۾ نيڻ کپايو هوءَ آس ۽ ويساهہ سان ڳالهائيندي ٿي هلي.

”مان ڄاڻان ٿي- جڏهن هو جنم وٺندو، تڏهن سڀ ڪجهہ تهائين سُندر ٿي پوندو.“

”۽ جڏهن اها سندرتا پل اپل ۾ ئي ڀسم ٿي ويندي ۽-“

”تڏهن بہ سچ تہ اُپرندو نہ!!- هر نئون چاول پار تئين سچ سمان هوندو آهي- تون ڇو نٿو سمجهين!؟- ڇو تو مارڻ چاهين اُن کي!؟- توکي ڏک نہ ٿيندو پلا!؟“

”سچ اُپرندو- اهو سپنو آهي تنهنجو-“

”نہ- ان جو ويساهہ آهي مون کي- ان ڪري ئي هن موڙ ڪان مان پنهنجا پيچرا ڏار تي ڳوليان- ڏس - منهنجو پيڇو نہ ڪجانءِ- مان نٿي مارڻ چاهيان پنهنجي اندر جي سندرتا کي. ٻڌين ٿو نہ!!؟“

”او- ٻڌ- تہ-“ برانگهون پري هو هن سان وک کڻڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.

”هن کي اهو ضرور ٻڌائجانءِ تہ مان هن کي جنمڻ جي فيور ۾ نہ هئس ان لاءِ- ان لاءِ- جو مون نٿي چاهيو تہ- هو- سڏڪي سڏڪي ساهہ ڏيڻ لاءِ جنم وٺي- تون- تون- ٻڌين پئي نہ!!؟-“

ڪن لاءِ هوءَ بيهي ٿي رهي- پل اپل لاءِ ڪيس تڪ ٻڌيو ڏسندي ٿي رهي.

”ٻڌ!- هن پل، جڏهن منهنجي گرڀ ۾ تنهنجو ٻار ٿو ساهہ کڻي، مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ ڌرتيءَ جي اندر ۽ ڌرتيءَ جي مٿان امن ئي امن آهي- شانتي آهي- ۽ منهنجو من پناهہ گاهہ آهي هن جي ۽ منهنجي ۽- ۽- فنا ڪان اڳتي ۽ پهرين بہ حياتيءَ جا ڏگها سلسلا آهن. اهم اُهو آهي جيڪو ماڻهوءَ جي اندر آهي- جيڪو سيني ۾ ڌڙڪي ٿو-“

هو بس پيڙا وچان مرڪي پوي ٿو. سامهون ئي اُهو موڙ آهي جتان هن جو الڳ پيچرو ڦٽي نڪري ٿو.

”الوداع- هتان ئي موٽي وڃ. منهنجو پيڇو نہ ڪجانءِ. جڏهن تنهنجو من آرسيءَ سمان جرڪڻ لڳندو نہ- جڏهن تون زندگيءَ تي ويساهہ مائي وٺندين نہ- تڏهن مان ۽ هو توکي ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي ليي پونداسون-“

ڪابہ ورندي نٿو ڏي. پن ڇڻ جهڙيءَ نهار سان هن کي موڙ مڙندي ڏسندو ٿو رهي. هوريان هوريان هوءَ نيڻ نهار ڪان الوپ ٿي وڃي ٿي ۽ هو وڻ هيٺان بيٺو اکين تي ٻئي هٿ ڌري ٿو ڇڏي.

ٻي پل

پنهنجي پويان ڪان هن کي بم بلاسٽ ٿيندو ٿو محسوس ٿئي ۽ نيڻن جي سامهون اُهائي گرڀ وتي عورت انهيءَ ٻار کي جنميندي ٿي پسجيس، ڇوڏسا ۾ ٻار جي روئڻ جو آواز ٿو ٻري ڄڻ. ●

# اڻپورو آسمان

روهڙي جنڪشن تان ريل ڪنجهندي، سهڪندي، ٺڪل ٺڪل نوع ۾ زمين تي وڇايل پٽن مٿان رڙهڻ لڳي (سچ لهي رهيو هو ۽ آسمان رت ۾ ٻڏل چنريءَ جيان ٿي محسوس ٿيو) اوچتو مان چرڪي سوچيان ٿو 'اڇا!- هيءَ سنڌ آهي!؟' مان پنهنجن ساٿين کي ٻڌائڻ لاءِ ڪنڌ ورائي هنن ڏانهن نهاريان ٿو. هنن سيني جون اکيون پوٽيل آهن ۽ هو گهري ننڊ جي اُونداهين غفائن ۾ وڃائجي ويا آهن. رائفلون هنن جي ٽنگن جي وچ ۾ نيزن جيان اُڀيون رکيون آهن ۽ لوهي ٽوپ هنن جي گوڏن مٿان اونڌا پيا آهن. هنن جي خاڪي وردي ۽ ڀاري بوٽن تي سفر دوران هلڪي هلڪي دز جمي وئي آهي. مان ڪنڌ نوائي پاڻ کي ڏسان ٿو. اسان هڪجهڙائي آهيون. اسان جا چهرا بس هڪ ٻي کان مختلف آهن. مان ڪير آهيان!؟- ڪيڏانهن پيو وڃان!؟ ڪهڙي ڪاڻ پيو وڃان!؟

اچانڪ ريل جي پريل گاڏي ۾ مان تنها رهجي ٿو وڃان. منهنجي ماءُ ملتان ۾ حضرت شيخ السلام بهاؤالدين ذڪريا جي چائنٺ چُمي، اُن جي روضي مبارڪ جيْ خاڪ پاڪ منهنجي سيني تي ملي ٻئي ٻڪ ڪنيا. هن جي پڻ جهڻ خوشبوءِ جيان منهنجي اندر گهلڻ لڳي (يا- حضرت!- منهنجو پٽ سنڌ جي شورش زده علائقن ۾ ٿو وڃي. اُن کي هر مصيبت ۽ آفت کان بچائج. ان کي سوڀ عطا ڪج يا حضرت!!) مون ماءُ ڏانهن نهاريو. هن جي پنبڻين تي ٻه لڙڪ اٽڪي پيا هئا.

مائون ٻارڙن جيان معصوم ٿينديون آهن. هر ڳالهه سمجهي نه سگهنديون آهن. هوا جي لهر لهر هن کي چرڪائي وجهندي آهي. جڏهن مان هيڏانهن آيوس پي، تڏهن هوءَ اندر ئي اندر ٻڏندي ۽ اُيرندي رهي هئي. پاڻيءَ ۾ ترندڙ پراڻي ناوَ جيان جنهن جي تر ۾ پائليءَ جيترو سوراخ ٿي ويو هجي. منهنجو وڏو ڀاءُ ڪلنا ۾ مڪتي ٻاهني جي غنڊن (!!؟) هٿان مارجي ويو هو. تڏهن کان ماءُ جي سهميل من کي چين ئي نٿي آيو. چوڻ لڳي: "پٽر!- جڏهن تون سنڌ

اندر داخل ٿئين تہ لا الہ الا انت سبحانڪ اني ڪنت من الظالمين جو ورد ڪندو رهج."

مان دريءَ مان ٻاهر نهاريان ٿو. اُونداهون پولار - لوهي پٽن تي ريل پري پري تائين گسرجندي وڃي ٻيهي رهي تي. ڪائي ننڍڙي اسٽيشن آهي شايد!!- نہ پر- ڪجهہ بہ تہ ناهي پري پري تائين-

۽ اپار اُونداهي انڌڪار آهي. سانت ۽ اُن ۾ تڏ جو توازڻ- جهٽڪو لڳڻ سان منهنجا ساٿي بہ جاڳي پون ٿا. اسين سڀ پنهنجي پنهنجي سيٽ جي پر ۾ لڳل درين مان ڪنڌ ڪڍي ٻاهر نهاريون ٿا. گرم هوا اسانجن چهرن سان ٽڪرائجي سڙي ٿي.

اچانڪ... ...

ليفٽيننٽ طارق آرائين ڪان رڙ نڪري ٿي وڃي. "اوهہ- مائي گاڊ- لڪ ايٽ هم-" موٽ ۾ منهنجي سامهونءَ واري سيٽ تي.اسانجيون اکيون ڄمي ٿيون وڃن. هو اندر آيو ڪيئن!؟- ڪيئن!؟- ڪيئن!؟- ڪمپارٽمنٽ جي دروازن جا تہ بولٽ چڙهيل آهن. سواليہ نشان اسانجين اکين منجهہ اُڀري اچن ٿا. پراڻي اجرڪ جي پڳڙي، ڪارن اچن ڳاڙڙ وارن واري ڳهاٽي ڏاڙهي جنهن جا وار پاڻ ۾ آڪيري جي ڪکن جيان اُلجهي ويل. ڏبرو ڏيل، ميرا ڪپڙا، هڙ جوٽن تي ۽ جتي پيرن بدران اُنهيءَ هڙ تي رکيل ۽ هن جون اکيون!!؟-

هن جون اکيون ڏسندي، بلڪل ان پل مون کي جنگي قيدين جون اکيون ياد اچي وڃن ٿيون. انهن منجهہ بہ اهڙائي گڏيل ڀاوَ هوندا آهن. خوف، احتجاج، بغاوت، ڏاڍائي، هيٺائي، ــ سڀڪجهہ. هو بلڪل منهنجي سامهونءَ واري سيٽ تي ويٺو آهي پنڊ پهڻ بڻيو. هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ ايترو گهٽ فاصلو آهي جو منهنجا گوڏا سرد پوڻ لڳن ٿا هن جي وجود کي محسوس ڪري. هو اسان منجهان ڪنهن ڏانهن بہ نہ نهاري رهيو آهي يا شايد هر ڪنهن جي اکين ۾ ساڳي وقت نهاري ٿو آر ۽ پار، اندر ۽ شهہ رڳ تائين.

اوچتو ... ...

ڪيپٽن رياض ملڪ جو آواز اسان کي ڪنهن هپنائزڊ لمحي کان ٻاهر ڇڪي وٺي ٿو اچي، "What a fantastic-unbelieveable" هو ويٺلن مان ڪجهہ کي مخاطب ڪري ٿو Look at him هي پوڙهو بلڪل اُن جهڙو آهي- اوهان کي ياد آهي!! ڍاڪا ۾ نواب پور روڊ وارو- پوڙهو بنگالي پيٽ مين ـ!؟" خوف

مان ڪيپٽن جو آواز ڄڻ ڪوهه مان ٿو اچي ۽ اڪيون ڦهلجي ڄڻ گرانٽ جيڏيون ٿيو پون. مان پنهنجي ڳلي ۾ رت جو ذائقو ٿو محسوس ڪريان. رستا- گهر- گهٽيون- اسڪول- ڪاليج- يونيورسٽي- اسپتالون لهو لهو ۽ لاش- ڳجهن ۽ ڪتن جا لامارا. ڪجهه ياد ڪري مان پنهنجا هٿ رائفل تي ڦٻائي ٿو ڇڏيان ۽ لانگ بوٽن اندر منهنجا پير پگهر ۾ شم تي تا وڃن.

”ڊونٽ وري ڪيپٽن!- هيءَ سنڌ آهي- هي ڍاڪا وارو بنگالي پيپٽ مين نہ پر ويچارو سنڌي ڳوناٺو آهي-“

اسان هن ڪي لاهڻ چاهيون ٿا ڪمپارٽمينٽ مان. ڪمپارٽمنٽ صرف اسان لاءِ بڪ ٿيل آهي. سويلئن ڪيئن ٿو هن ۾ ويهي سگهي!؟ لاهيوس- لاهيوس- پر- دروازن جا بولٽ چڙهيل آهن ۽ ريل ڪنجهندي سهڪندي- سڏڪندي- هلي ٿي پوي.

1970ع

ڍاڪا

نواب پور روڊ

هنگامي حالتن جو اعلان

ڪرفيو

ماڻهو سڀ گهرن ۾ بند. اسان ڪي سختيءَ سان آرڊر مليل، جيڪو ٻاهر نڪري گولي هڻوس فورن.

ديوارون سناٽو اوڳاڇيندڙ

ڄڻ موت اگهاڙن پيرن سڙڪن تي هلندو هجي- اچانڪ هڪڙو پوڙهو نجاڻ ڪٿان ڪان نڪري ٿو. سانورو، بندرو، ڏبرو، مٽي تي ڪکن واري ٽوپي، ٻچي ڏاڙهي، چيڪ واري لنگي ۽ ڦاٽل گنجي. هن جي ساڄي هٿ جي آڱرين ۾ ٻڌل ڌورين ۾ لٽڪندڙ پُتلي. پتلي ڄڻ رت ۾ ٻڏل ڪو لاش آهي جنهن جا ٻئي هٿ مٿي ڪنيل آهن آسمان ڏانهن ۽ ڪنڌ ڇاتيءَ تي لٽڪندڙ. اسان منجهان ڪو هڪ جوان هن کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ لاءِ رڙ ڪري ٿو، هو آڱرين سان پتلي نچائيندو، رڙيون ڪندو انڌن جيان سڏو وتندو ٿو اچي- ڪرانتي- ڪرانتي- ڪرانتي- سوراج- سوراج- سوراج-

فائر . . . . . .

ٺا

ٺا

ٺا- ا- ا- ا-

هن جا پير ڏرتيءَ تان اُکڙن ٿا ۽ هو لهرائجي، ٻانهون ڦهلائي ڌرتيءَ تي ڪِري ٿو ڪ- ر- ا- نْ- ت- ي- ي- ي-

دروازا ڪلي.پون ٿا ۽ ماڻهن جو سمنڊ اٿلي پوي ٿو- ڪرانتي- ڪرانتي- سوراج- سوراج-

فائر ... ...

آنسو گيس

لاٺي چارج

پٿرن جو وسڪارو ماڻهن طرفان ۽ موت ۾ رائفلن جا منهن هجوم ڏانهن ڪچي ويل.

ٺا

ٺا- ا- ا- ا-

۽

رابندرناٿ ٽيگور

نذرالسلام

زين العابدين

مڌو سودن داس

شهيد الله قيصر

شيخ مجيب

ڀاشاني

هڪ

هڪ

ٿي

سيئي

مري

نري

ويل

روڊ سنسان ٿي وڃي ٿو. لهوءَ ۾ لت پت ست لاش وچ روڊ تي پيل ۽

انون لاش اُن پيٽ مين جو. ان رات اسان شهر جي آڊيوٽوريئم ۾ پارٽ ناٽيم ڏسون ٿا. سانوري سنجها جهڙيون بنگاليائيون ۽ انهن جا پشم جهڙا پير.

ريل ڊوڙي رهي آهي

ها- ڪيپٽن سچ چوي ٿو- هي پوڙهو سچ پچ تہ اُن پيٽ مين جهڙوئي آهي جيڪڏهن ان جي ڏاڙهي ۽ لباس بدلائي ڇڏجي تہ- نہ- پر- اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي!؟. اهو اسانجي اندر ۾ رهجي ويل ڪو احساس آهي شايد!!- خوف جو!؟- يا- شايد- guilt-!؟

"هي هن شاعر جو روح آهي- ڇا نالو آهي هن جو!؟- هو سنڌي شاعر-" ميجر خالد بٽ کي نالو نٿو ياد پوي پر هو مذاق ۾ ڳري وايو منڊل تي ڇانيل سانت ۽ هراس کي ٽوڙڻ ٿو چاهي "ها- عبداللطيف- شاهہ- ڀٽائي!!- Am I right?" هو پاڻ ئي ٺهڪ ڏئي کلي ٿو- ها- ها- ها ٻين جا بہ گهبرايل- اُلجهيل ٺهڪ هن جي ٺهڪن ۾ رل مل ٿي وڃن ٿا. مان بہ ٺهڪ ڏيڻ چاهيان ٿو پر مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ هن پوڙهي سنڌيءَ جون اکيون خنجر جيان منهنجي سيني ۾ لهنديون ٿيون اچن ۽ مان ٺوٺ چپن تي چپ ڦيرائي چپ رهجيو ٿو وڃان.

ٺهڪ ڏيڻ کانپوءِ هو سڀ رليڪس ٿي وڃن ٿا ۽ نارمل نوع ۾ ڳالهائڻ لڳن ٿا.

"يار!- هيءَ زندگي بہ ڪائي زندگي آهي!! موت جو ڪاروبار آهي ڄڻ." طارق آرائين جي اکين منجهہ دريءَ مان اُڏامي ايندڙ مٽيءَ سان گڏ مايوسيءَ جي رک ٿي اڏامي.

"پر اهائي تہ زندگي آهي ينگ مين!- اسان پنهنجي فرض لاءِ جيئون مرون ٿا!- سرحدن جي حفاظت لاءِ- ملڪ جي بقا لاءِ-" سيني جا آواز بحث ۾ اُلجهي ويل.

"ها- سرحدن جي حفاظت لاءِ- ملڪ جي بقا لاءِ!؟- ملڪ جي ئي ماڻهن کي ماري، ڇيڀاٽي ملڪ جي بقا جو نانءُ ڏيڻ- نو- دس از- ناٽ فيئر- ڇا اها آهي زندگي!!؟- مائي فٽ- آئي هيٽ دس لائيف-" ميجر نواز چوڌريءَ جي لهجي ۾ پرجي آيل زهر.

"جيڪي ماڻهو ماريا وڃن ٿا- اُهي غدار آهن، ملڪ ۽ قوم جا-"

"پر غدار جي ڊيفينيشن ڇا آهي!؟"

موٽ ۾ ميجر خالد بٽ سوچ ۾ پئجيو وڃي ٿو: ”اون- غدار!!- غدار means غدارجي I think- definition -“ اچانڪ هو ڪنڌ ورائي پوڙهي ڏانهن نهاري ٿو. اکين ۾ ڪجهه جرڪي پويس ٿو، ”غدار- like this man -“ هن جي مذاق تي سڄو ڪمپارٽمينٽ ٽهڪن مان گونجڻ لڳي ٿو. پوڙهي جي نرڙ جون ريکائون تهائين گهريون پئجيو تيون وڃن. هن جون اکيون!!- بلڪل اُهو ئي بنگالي پيٽ مين- مون کي محسوس ٿئي ٿو ته هو ڳلو ڦاڙي رڙيون ڪرڻ ٿو چاهي- ڪرانتي- ڪرانتي- سوراڄ- سوراڄ- مان رائفل تي پنهنجو هٿ اچا به ڏاڍيان ڦٻائي ٿو چڙيان. ناليءَ جو رخ هن ڏانهن ڪريان ٿو. هو وات پٽي ٿو ڪجهه چوڻ لاءِ!؟ رڙيون ڪرڻ لاءِ!؟- ۽- ۽ ٻي پل منهنجا هٿ ڍرا پئجي وڃن ٿا ۽ لانگ بوٽن اندر منهنجن پٽرائجي ويل پيرن منجهه چڻ ٻيهر ساهه پئجي ٿو وڃي. ڪليل وات اندر هن جي جيڀ ڪپيل آهي- اڌواڌ- بلڪل وچ تان- ان ويساهه ڪانپوءِ ته هو ڳالهائي نه سگهندو، مان رليڪس ٿي ٿو وڃان. منهنجي جسم اندر ٽاٽجي ويل رڳون ڍريون پئجيو تيون وڃن.

ڪڏهن ڪڏهن منهنجو من چاهيندو آهي ته هيءَ رائفل- هي لوهي ٽوپ- هيءَ وردي- سڀ ڪجهه راويءَ جي درياهه ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيان ۽ فريال جو هٿ پڪڙي ٽيڪسلا جي کنڊرن ڏانهن نڪري وڃان يا مرگلا جي ٻهاڙين تي ٻيهي زندگيءَ کي پڪاريان- زندگيَ!- اي زندگيَ!- زندگيءَ جو ٻيو نالو مس فريال جهانگير آهي.

هيڏانهن اچڻ کان ڪجهه ڏينهن پهرين، اسلام آباد جي ڪشادين سڙڪن تي واڪ ڪندي هن پهريون ڀيرو منهنجو هٿ پڪڙي ورتو هو ۽ منهنجي اندر ۾ چڻ طوفاني هوائون ڦيريون پائڻ لڳيون هيون. آسمان جهڙالو ٿي چڪو هو ۽ مند جي پهرين برسات جون سنهڙيونٰ بوندون اسانجا چهرا پچائي رهيون هيون. دنيا پنهنجن هنگامن سميت اُن پل به روان دوان هئي پر مون کي لڳو اسان دنيا کان ڪٽجي ويا آهيون. سامهون ريسٽورينٽ جي شيشي جي ديوار جي هن پار ويٺل خوبصورت چهرن وارا ماڻهو ڌنڌ ۾ وڃائجي ويا آهن- سواءِ منهنجي- سواءِ هن جي- سڀ ڪجهه بي معنيٰ آهي ۽ جيڪڏهن ڪائي معنيٰ آهي ته هن جي هٿ جي ڇهاءَ کي- گلاب جهڙو ڇهاءُ جيڪو سڄي رات ماڪ ۾ پچندو رهيو هجي. اُن پل کان ٿي ڏينهن پوءِ مون کي وردي پائي سنڌ ڏانهن وڃڻ جو آرڊر هو. هنگامي حالتن تي قابو پائڻ لاءِ، شرپسندن جي سرڪوبيءَ

لاءِ-

سانڻ سانڻ هلندي هن چيو: ”ڪاش تون فوجي نہ هجين ها- ان ڪانسواءِ ڪجهہ بہ هجين ها-“

”مثلاً؟“

”مثلاً-“ ڪن لاءِ هوءَ سوچ ۾ پئجي وئي. هن ڪنڌ مٿي ڪٽي آسمان ڏانهن نهاريو. هن جي براؤن اکين جي پنبڻين تي برسات جون بوندون اٽڪي پيون. (يا خدا-!- زندگيءَ ڪي بقا چو ڪانهي- انسانن ڪي بقا چو ڪانهي-) ڪن پل لاءِ مون سوچيو هو.

ڪجهہ لمحن ڪانپوءِ هن ڳالهايو، ”تون- ڪنهن باغ جو مالهي هجين ها- گل پوکين ها- گل جي هر ڪليءَ تي تنهنجين آڱرين جو لمس هجي ها- پر- ڪڏهن ڪڏهن مون کي تومان بارود جي بوءِ ايندي آهي- ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ تنهنجي منهنجي وچ ۾ دونهون ئي دونهون آهي جيڪو ڪڏهن ڪڏهن مونکي پنهنجي ساهہ جي نالين ۾ بہ پربو محسوس ٿيندو آهي...

...“

هن هسٽريءَ ۾ ماسٽرز ڪئي آهي ۽ دنيا پر جو لٽريچر پڑهيو اٿس ۽ ان ۾ شاهہ جي رسالي جو انگريزي ترجمو بہ شامل آهي. چيونگمر چباڙيندي، هيل واري سينڊل سان ٺڪ ٺڪ هلندي هوءَ ڪبير ۽ امير خسرو کان ٽئگور تائين ۽ پٽائيءَ کان بلها شاهہ ۽ سلطان باهو تائين ڳالهائيندي اوچتو منهنءَ تي اڏامي آيل وارن کي ڪنڌ جي جهٽڪي سان جڏهن پوئتي ڪندي آهي تڏهن منهنجي سيني اندر پيل دل جو آواز بہ منهنجن ڪنن منجهہ بُرڻ لڳندو آهي. هن جي پيءُ ميان جهانگير اشرف جون سکر بئراج وٽ وسيع ايڪڙن ۾ ڦهليل زمينون آهن جن جو ذڪر هو ڪنهن فاتح جيان وڏي فخر سان ڪندو آهي.

۽ فريال جهانگير پاڻ، ٽيڪسلا جي کنڊرن ۾ مون سان هلندي، گوتم جي مورتين کي ڪومل آڱرين جي ڇهاءُ سان ڇُهندي، هسٽريءَ جا انيڪ صفحا هڪ ئي ڇلانگ ۾ لتاڙي ساڌ ٻيلي جي مندرن، لبِ مهراڻ، سکر بئراج ۽ بکر جي قلعي جي کنڊرن ۾ وڃي نڪرندي آهي، تڏهن هوءَ مون کي بي حد پراسرار ۽ اجنبي محسوس ٿيندي آهي.

”اوهہ گوش!!- ڪيڏو پراسرار ۽ عجيب آهي اُهو سيڪجهہ- يو نو!! - ساڌ ٻيلي جي مندرن جي ڊگهن ورانڊن ۾ مان اُگهاڙن پيرن هلي هئس. موسم

خزان جا هيڊا چٽيل پن هوا جي گهيرٽ ۾، وراندن ۾، ڪمري ۾، درين ۽ دروازن منجهان بي چين آتمائن جيان ٽي ٿريا. سچ - بليو مي - اُتان جا ماڻهو بہ ڏاڍا عجيب ۽ پراسرار آهن. جڻ ڪائي پاڳل ڪامنا انهن ڪي اندر ئي اندر ولوڙيندي هجي. اُها پاڳل ڪامنا ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!؟ تون سوچيندو هوندين مان ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪيان پر ڪڏهن ڪڏهن مان پاڻ بہ پاڻ کان ڪتجي وڃائجي ويندي آهيان. دنيا تہ ڇا نندي ڪنڊ ۾ سنڌ جي ئي هسٽري پڙهندي منهنجين رڳن ۾ رت برف جيان فريز ٿي ويندو آهي- اوهہ- مائي گاڊ!!- حيرت آهي تہ هو وقت جي ڪيترن اٿاهہ لشڪرن سان وڙهندي، اُنهن هٿان ڪسجندي بہ، ڪيترن حاڪمن هٿان پيڙهجڻ ۽ ڦورن هٿان ڦرجڻ جي باوجود بہ پنهنجي پراسرار ڪلچر ۽ ٻوليءَ سميت زنده آهن. ڪن ڏئي ٻڌ تہ زمين مان رڙين، دانهن ۽ گهوڙن جي سنبن جي ٽاپ ٽاپ جا آواز پيا ٻُرندا آهن- اُف سنڌياڻين جي ڊريس!!- how beautiful - گج جي آرسيءَ آرسيءَ ۾ پيو سج تجلا ڏيندو آهي- تون جڏهن اُتان موٽين تہ مون لاءِ گج ضرور آڻجانءِ.....: جنهن جي آرسيءَ آرسيءَ ۾ تون سامهون اچي بيهين تہ تنهنجو عڪس جرڪي..." موٽ ۾ مان ٿهڪ ڏئي ڪلي پيو هئس. گج ڪانسواءِ اُن جون سموريون ڳالهيون هن جون پاڳل سوچون محسوس ٿيون هيون.

ريل لاڳيتو ڪنجهندي سهڪندي لوهي پٽن مٿان ڊوڙي رهي آهي. هن سيني جا ڪنڌ ڇاتين تي لڙڪي آيا آهن ۽ هيڪر وري هو سيٽي نند جي گهيرٽ ۾ گهيرجي ويا آهن.

۽ پوءِ سموري وجود سان مان چرڪي ٿو پوان. منهنجي سامهونءَ واري سيٽ خالي آهي. الاءِ ڪهڙي پل هو اُتان اُٿي ويو آهي. بند دروازن ۽ مسلسل ۽ مسلسل ڊوڙندڙ ريل مان نڪري ڇڪو آهي. اُونهاري جي اُن رات جي پوئين پهر سياري جي ڪائي سرد لهر منهنجي لونءَ لونءَ ڪانڊاري ٿي ڇڏي.

---

فريال جهانگير سچ چيو هو. هتان جا ماڻهو سچ پچ تہ ڏاڍا عجيب ۽ پراسرار آهن. جڻ ڪائي پاڳل ڪامنا آهي جيڪا هنن ڪي اندر ئي اندر ولوڙيندي هجي. ڪنهن بہ پيانڪ انت جي ڄاڻ هوندي بہ اُها ڪهڙي پيڙا آهي جيڪا هنن کي آڳ جي درياءَ ۾ ٽپو ڏيڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي!؟ سمورو سک چين تياڳي آخر هي ڇو تا ذهني ۽ جسماني ايذاءُ جي بن ۾ ڀٽڪن. بظاهر

ڪيڏا اپوجهہ، ڪيڏا هيٺا، ڪيڏا ٽڪل ۽ ٽتل- پر هنن جون اکيون!!- بلڪل اهڙيون جهڙا ڪنهن ڪُنل ڳيروءَ جي ڪنڌ تي هاريل رت ڦڙا. ٽارچر ڪيمپ ۾ باغي ۽ سرڪش شاگردن کي ٽارچر ڪندي ڪندي مان ان احساس ڪانپوءِ ٿڪجي پيو هئس تہ هنن جي انهيءَ ويڙهہ جي ڪائي پڄاڻي ڪانهي ۽ ويڙهہ بہ هنن جي عجيب نوع جي آهي. نہ هٿيار کڻي وڙهن ٿا نہ ئي هنن جي احتجاج ۾ ڪائي گجگوڙ آهي. تڏهن بہ هنن جي ويڙهہ اڳلي کي ٿڪائي ٿي وجهي. هنن کي شڪست در شڪست ڏيندي ڪيترو بہ پوئتي ڌڪي وڃو. غلاميءَ جا زنجير پارائي دربار ۾ وقت جي حاڪم جي سامهون وٺي اچو. هنن جي رڳ رڳ ۾ ٽارچر ڪريو. پر هارائيندي بہ هار نہ مڃيندا، هنن جي اکين ۾ پر هٽندڙ جيت جو ويساهہ نٻو مري- بس اها ئي ڳالهہ ٿڪائيندڙ آهي. فاتح کي سرخرو ٿيڻ نٿا ڏين ــ واپسيءَ ڪان ڪجهہ ڏينهن پهرين، اُهو بہ هر لنگهندڙ ڏينهن جهڙو گرم ڏينهن هو. ڌرتي جڻ ٽامو- اُن ڪان گذريل ڏينهن تي ريلوي ڦاٽڪ وٽ ڪجهہ سرڪش ۽ باغي شاگرد اسانجي هٿان مارجي ويا هئا ۽ اهو ڪو چرڪائيندڙ ۽ پريشان ڪندڙ واقعو بہ تہ نہ هو. ائين ئي تہ ٿيندو رهندو آهي ۽ ائين ئي تہ ٿيندو رهيو آهي. تڏهن بہ مان ٿڪل ٿڪل وکون کڻندو، ريلوي لائن جي وچ ۾ وک وک هلندو اُنهيءَ ڦاٽڪ تائين اچان ٿو. هوا ۾ رت جي بوءِ آهي. ڦاٽڪ وٽ ريلوي لائين جي ٻن پٽن جي وچ ۾ هاريل رت جيتوڻيڪ خشڪ ٿي ويو آهي تڏهن بہ هن جو ڳاڙهو رنگ ائين ڦهليو پيو آهي جڻ ڪنهن سانوري نار جو ڪهنبو روءِ ريلوي لائن جي پٽن ۾ اُلجهي اٽڪي ليڙون ليڙون ٿي ويو هجي. دور دور تائين ڪير ڪونهي. هوا جا زوزاٽ آهن ۽ اُن جي ڪن ۾ گهيرجي ڦيريون پائيندڙ هيدا پن، ريتي ۽ مٽي آهي.

اچانڪ مان چرڪي پوان ٿو. ساهہ منهنجن پيرن جي آڱرين ۾ فريز ٿي وڃي ٿو. اُهوئي پوڙهو منهنجي سامهون بيٺل آهي. هن جي اکين جون وحشتون منهنجي مٿان جڻ اُلرون ڪن ٿيون. هو ٻئي ٻانهون ڦهلائي، پوريءَ سگهہ سان رڙيون ڪري ٿو. اڌو اڌ ڪپيل جيڀ هن جي کليل وات ۾ ڪرڙيءَ جيان ڦٿڪي رهي آهي. هو رت مان پنل مٽي ٻُڪن ۾ پري ڪڏهن منهن تي مَلي ٿو ۽ ڪڏهن سينہ ڪوبي ڪري ٿو ڪنهن سوڳوار ماتميءَ جيان- بلڪل اُهو- بنگالي پيٽ مين - نہ- بلڪل اُهو- ڪمپارٽمينٽ ۾ چڙهيل سنڌي پوڙهو-!! guilt- guilt- guilt- مان اکين تي هٿ رکي ٿو چڏيان.

منهنجي سامهون ۽ واري سيٽ تي ويٺل اُهو ئي پوڙهو. بند ڪمپارٽمينٽ ۾ هو اندر آيو ڪيئن!؟. اسان سيني کي خوف جا ياوَ ويڙهي وڃن ٿا ۽ پوڙهي ڏانهن هڪ ٽڪ نهاريندي اسان سيني جون اکيون ڄڻ پٿرائجي وڃن ٿيون.

سناٽو

هن جي اکين منجهه ڄڻ شڪار ٿيل پکي ٿو پَر هٽي. ڦٽڪندو ۽ رتوڇاڻ. بلڪل اوچتو هو ڪپيل ڇپ سان رڙيون ڪريَ، جهپو ڏئي مون کان رائفل ڦرڻ ٿو چاهي.

۽

ٻي پل

منهنجي ئي رائفل مان فائر ٿئي ٿو

هو ڦٽڪي

پَر هٽي

لهرائجي هيٺ ڪِري ٿو

(ڪ- ر- ا- ن- ت- ي- ڪ- ر- ا- ن- ت-)

هن جي سيني مان ڦٽي نڪتل رت جا ڇنڊا اسانجين وردين تي ڪِرن ٿا ۽ فريال جهانگير لاءِ ورتل گج!!

جنهن جي آرسيءَ آرسيءَ منجهه ٿو فريال جو چهرو پَسجي. جنهن جي آرسيءَ آرسيءَ منجهه، مان جي هن جي سامهون ٻيهان ته منهنجو عڪس جرڪي. اُهوئي گج منهنجن هٿن مان ڇڏائجي رت ۾ رڳجي وڃي ٿو. مان نمي گج کڻڻ چاهيان ٿو. گج جي آرسي آرسي رت ۾ رڳيل آهي. جنهن ۾ فريال جو گلاب مک نٿو پسجي سگهجي- نه ئي منهنجو عڪس.

اُهي آرسيون ته ڄڻ هِتان جي ماڻهن جون اکيون آهن!! بلڪل اهڙيون جهڙا ڪنهن ڪٽل ڳيروءَ جي ڪنڌ تي هاريل رت ڦڙا. ●

# جلاوطنيءَ جي سرنگهہ

اُن رات

جڏهن مون ڦيرو پيرو توکي پنهنجي گرڀ ۾ چُرندو محسوس ڪيو هو اُن رات جي شروعاتي لمحن ۾ شام ڪنان ئي شهر جا سمورا رستا وڏوا جي سينڌ جيان هئا.

سنسان

۽

اُداس.

شهر جون ديوارون ڄڻ ڪرپ منجهان سانت اوڳاڇي رهيون هيون.

ڪرپ ... ....!!؟

رهجي رهجي تن جون رڳون چڪيندڙ گولين جي ٺڪاءُ کان

شهر جي ڇاتيءَ تي گشت ڪندڙ موت کان

۽ ڪنهن ڪنهن پل هاڻُ چيري رڳن ۽ رت ڦڙن مان اُڇل کائي نڪرندڙ ڪنهن

چيخ

دانهن

رڙ

۽

سڏڪي کان.

سرءُ جي منڊ جون سرد هوائون گدريل تن چئن ڏينهن کان پيلا پن اُڏاريندون، بند دروازن ۽ ڳڙکين سان مٿو ٽڪرائي رهيون هيون. آڳنڌ ۾ اسان گدريل منڊ ۾ جيترا بہ بوٽا پوکيا هئا سي سمورا ڪومائجي پن پن ٿي ڇڻي چڪا هئا. مان ڪنهن ڪَنهن پل آڳنڌ ۾ اچي ويهندي هئس تہ چؤڏسا ۾ ڦهليل پن، ڪومائجي سڪي نوٽ ٿي ويل چبر ۽ وڻن جون ننگيون ٽاريون ڏسي من وسامجي ئي تہ ويندو هئم (ڄڻ ڪجهہ ٽيڻ کان ڦرين هوائون

صدائون ڏينديون هجن- جاڳندا رهو- اک- نہ- جهپڪي- صبح- ٿيڻ- تائين جاڳندا- رهو- و- و- و-) سرءُ زندگيءَ جي ڪلائميڪس جو اٿر منظر آهي. زندگيءَ جي مٽيءَ ۾ پوڪيل اسانجا وجود بہ ڇا محض ائين ئي ڪومائجي، چٽي، وڪري وڃڻ لاءِ ئي آهن!؟. ۽ باقي رهجي ويٺا آهن سرد هوا جا گهوگهات!؟

۽ قبرستان-!؟

۽ اجتماعي قبرون!؟

جڏهن تون منهنجي گرپ ۾ مس سُريو هئين، تڏهن اسان سڀئي پنهنجي گڏيل وجود جي بقا لاءِ وڙهندي وڙهندي ٿڪجي پور ٿيڻ لڳا هئاسون.

بي وسي

بي وسي

مسلسل

بي وسي

۽ انجام ڪار

سرينڊر— !!

سنگينن جي نوڪ هيٺ رکيل اسان جون ڇاتيون پٿرائجي ويون هيون چڻ. اُماس جي اُن ساڳي رات تنهنجو بيءُ انيڪ ڏينهن انڊرگرائونڊ رهڻ ڪانپوءِ موٽيو هو. رات جي پوئين پهر هو منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ ڏري، سڏڪا ڀري روئي پيو هو. ”سڀ لاحاصل- لا- حا- صل- نيٺ بہ غلاميءَ جو طوق اسانجين گردنن ۾ پوڻو ئي آهي- تہ پوءِ اها سموري ويڙهہ- اها خود اختيار ڪيل جلاوطني- لاحاصل- مان ٿڪجي پيو آهيان- منهنجا ڪيترا ساٿي- جوان- اڙٻنگ- اڌ پنڌ ۾ ئي مارجي ويا آهن ۽ هنن جا لاش رات جي اونداهين ۾ دفنائڻ وارن کي روئڻ لاءِ نوآبجيڪشن سرٽيفڪيٽ بہ نہ جاري ڪيو ويو- ماتم- ان لاحاصلات تي ماتم- ماتم- ماتم- ماتم-“ هو ڪنهن سوزخوان جيان ڇاتي ڪٽي ماتم ڪرڻ لڳو ۽ روئندو رهيو. بي ڏينهن هو پاڻ ئي اختياريءَ وارن اڳيان وڃي پيش پيو هو ۽ جڏهن هتان موٽيو هو تہ حالتن سان هڪ خاموش/ بي آواز ڪنڌ جهڪايل compromise ڪري چڪو هو.

توکي مون سانت ۽ ڪنڌ جهڪايل سمجهوتي جي اهڙي ئي طويل ۽ اونداهين سرنگهہ ۾ جنميو هو. اسان سڀئي مٿان جاري ٿيل آرڊر ڪي اوبي

ڪندي، ڪنڌ نوائي، اکيون پنهنجن ئي پيرن تي جميل، زبان بند ڪري پنهنجي پنهنجي حصي ۾ آيل ڊيوٽي ڏيڻ جا عادي ٿيڻ لڳا هئاسون. اسان جي قوم جي ٽريننگ ئي شڪر- گذاريءَ جي فلسفي هيٺ ڪئي وئي هئي. مانيءَ جي پاروٽي ۽ رُکي گراهه کان وٺي ڦاسيءَ جو آرڊر وصول ٿيڻ تائين شڪرگذاري.

توکي جنمڻ سمي مون جيترو به جسماني ايذاءُ سَنو هو اُهو گهٽو گهٽ هيو ان ذهني ايذاءَ کان جيڪو مان تن ڏينهن پوڳي رهي هيس. پر اُن پل جڏهن مون سموري ڏينهنءَ جي جسماني ايذاءَ کانپوءِ توکي جنم ڏيندي ئي تنهنجو آواز ڪنايو هو ان پل مان ڪيڏي نه سگهاري ٿي پئي هيس- ڪيڏي نه ٻلوان-!!

پر تنهنجو آواز لڪائڻ لاءِ ڊاڪٽر گهبرائجي ليبر روم جا دروازا ۽ ڳڙڪيون بوٽي ڇڏيون هيون. ان پل ليبر روم کان ٻاهر سڙڪن تي سنگينن جي ٻل تي ڪرفيو نافذ هيو ۽ هر طرح جي آواز تي پابندي پيل هئي.

سڏڪن تي به

ٿهڪن تي به.

جڏهن تون آڳنڌ ۾ پنهنجن پتڪڙن پيرن سان وک وک هلڻ لڳو هئين، تڏهن به پنهنجي آڳنڌ ۾ چانيل سوڪهڙي تي ساوڪ اچي نه سگهي هئي- ڳالهائڻ جي ڪوشش ۾ تون لفظن کي جڻ پوپٽن جيان پڪڙڻ چاهيندو هئين پر محض انهن جو رهجي ويل رنگ ئي اُڃاري سگهندو هئين. تڏهن تنهنجي ٻيءَ تي زبان بند رکڻ جي پابندي پيل هئي، ان ڪري هو چپ چاپ توکي هيڏانهن کان هوڏانهن هلندو پيو ڏسندو هو. هڪ ٽڪ. ڪاغذن تي مسلسل your obedient servant- your obedient servant- your- obedient- servant لکندي لکندي سندس آڱرين جا ٻل به آڱرن جيان ڪارانجي ويا هئا ۽ هو انهن آڱرين سان توکي ڇهڻ ئي نه چاهيندو هو- (افسوس- اسان جا وڏڙا ڪوئلي جي انهيءَ کاڻ ۾ اسان کي جبري جنم ڏئي ويا هئا- صد افسوس- اسان ڪوئلي جي انهيءَ ساڳي کاڻ ۾ توکي جبري جنم ڏيڻ لاءِ مجبور هئاسون. اتهاس جي ڪُن ۾ ڦرندي ماڻهو پنهنجي رضا ۽ فطرت خلاف جاگرافيءَ جي حدبندين ۾ ڦاسي پوندو آهي. اتهاس وقت جي الـمناڪ پيچ ڊاهه جي ري

ايڪشن ۾ پاڻمرادو سرجندو آهي ان تي ماڻهوءَ کي اختيار ناهي. پر جاگرافي هر هٿيارن کان وانجهي قوم تي، اُن کان ڏاڍي ۽ هٿيارن سان ليس قوم مڙهيندي آهي. اسان پنهنجي اتهاس ۾ جنگي گهوڙن جيان ڊوڙايا ويا آهيون. اسانجن سنبن هيٺان رت ئي رت هاريل آهي پر اسان ساڳي وقت جاگرافيءَ جي هوربان هوربان سوڙهي ٿيندڙ دائري ۾ ڦاسي بي دم ٿي ڪِريا به آهيون ۽ چؤڌسا ۾ رڳو اسان جي سهڪر جي گونج ئي باقي رهجي وڃي ٿي- ماتم- ماتم- ماتم-)

اڄ به اکيون ٻوٽي سارڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان ته تنهنجي ٻالڪپڻي جا ننڍڙا ننڍڙا ساروٽا به مون کي ڏاڍا تلخ محسوس ٿيندا آهن.

مثلاً: تو ڪڏهن به آزاد هوائن ۾ ڊوڙون ئي نه پاتيون پوپٽن ۽ ڪڙ ڪِبيتن کي ٻُڪن ۾ پرڻ لاءِ.

مثلاً: تنهنجين اکين ۾ ڪڏهن به اچانڪ ٽيڙوءَ جيان ٽمڪندڙ ڪائي ياوِنا نه اُبري هئي.

بس، اسانجين اکين ۾، ڇهري تي ۽ چؤڌسا ۾ جيڪو ساهه گهٽيندڙ دونهون پيو ڦيريون پائيندو هو، اُهوئي هوربان هوربان ويو ٿي تنهنجين اکين ۾ ۽ ڇهري تي ڦهلبو.

توکي هنج ۾.پيري ٻڌائڻ لاءِ مرٽيا ئي ته باقي بچيا هئا مون وٽ. انهن جا جيڪي تنهنجي جنم کان پهرين ئي/ سڄ اُبرڻ کان پهرين ئي ڪاري رات جي گرپ ۾ لاٿا ويا هئا. انهن تنهنجي لاءِ صبح ڪيءِ/ سڄ کي پيهر جنمڻ ٿي چاهيو.

تون اڌ ڪليل ٻُڙڪيءَ ۾ ويهي ٻاهر جا منظر ڏسندي ڏسندي اچانڪ هيڊبو پئجي ويندو هئين ۽ ڊوڙ پائي منهنجي ڇاتيءَ ۾ اچي لڪندو هئين. ڄاڻ ٿي ته ٻاهر جا منظر ڪيڏا ڀوائتا- بدنما آهن. من ئي من ۾ سهمجي ويندي هئس اهيو سوچي ته ڪير ڄاڻي زندگيءَ جون سندرتائون تون ماڻي سگهين يا نه!؟

ڪير ڄاڻي انت ڇا آهي، اسان جو- تنهنجو-!؟
پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي رفيوجي ڪيمپ!؟
واٽ ويندي اوچتو ٿري ناٽ ٿري بور جي رائفل جو ڪاچ ٻڌجي وڃڻ!؟
جيل جون ڪوليون!؟

ڦٽڪا!؟

ڦاسي گهاٽ!!

اهو بہ ڏاڍو ايڏائيندڙ عمل آهي. اتهاس ۽ جاگرافيءَ جي گهاٽي ۾ پيڙهجندڙ مائون گرپ وتيون تينديون ٿي، سپنن ۾ ڦاسي گهاٽ ئي پسي سگهنديون آهن- موت جو پيپ پرڻ لاءِ پٽ جنمينديون آهن. پاڻ مرثيا پڙهڻ لاءِ، سينا ڪوبي ڪرڻ لاءِ جيئريون رهجي وينديون آهن ۽ هنن جا جنميل جواڻ- اڙٻنگ پُٽ ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ وقت جي پندولم جيان لٽڪندا رهجي ويندا آهن.

انهيءَ انت ۾ هو قطعي بي وس آهن پر انهيءَ پيانڪ انت سان هر پيري نئين ۽ سگهاري ويڙهہ شروع ڪرڻ لاءِ هو گرپ وتيون تينديون آهن. پٽ جنمينديون آهن ۽ جواني ماڻڻ تي انهن کي آگ ۽ لهوءَ جي درياءَ ۾ پنهنجن هٿن سان ڌڪو ڪنديون آهن. انت ۾ پاڻ ڌرتيءَ جي مٽي مٽي ۾ پري، ڇاتي ڪٽي، ڪارا ڪپڙا پهري سوزخواني ڪنديون آهن- ماتم- ماتم- ماتم-

ڪنهن اهڙي ئي پاونا سان مون توکي گرپ ۾ پريو جنميو ۽ آگر ڪان جهلي ڌرتيءَ تي پيرڙا ڪڻڻ سيکاريو. تون سوال ڪرڻ لڳين ۽ منهنجي اندر بظاهر سرد تيل رک ۾، ڪنهن ڪنهن پل اوچتو ڪو سرڪش احساس پڙڪو ڪائي دکي پوڻ لڳو.

تنهنجيون پتڪڙيون ٻانهون مون کي وڻ ويڙهيءَ جيان ويڙهي وينديون هيون.

”مما!“

”هون؟“

”غلامي ڇا تيندي آهي!؟“

” — !!؟“

”محڪومي ڇا تيندي آهي!؟؟“

” —: !!“

”فوجي سنگينون ڪٽي اسانجن گهرن اڳيان ڇو تا هلن!؟- اسان کي ڇو تا گهورين!؟“

” — !!“

”مما!!!“

"هون!"

"توکي ڇا اهو سڀ سنو ٿو لڳي!؟"

"ڇا!؟"

"جيڪو ڪجهه پنهنجي گهر کان ٻاهر ۽ پنهنجي گهر ۾ ٿيندو رهندو آهي!؟"

"نه-"

"پوءِ تون چپ ڇو هوندي آهين!؟- بابا ڇو نه روڪيندو آهي هنن کي!؟"

" ___ "

"هو اڪثر اسان جي در جو ڪڙو ڇو اچي کڙڪائيندا آهن!؟ پنهنجي گهر جي تلاشي ڇو وٺندا آهن!؟ بابا جي سيني تي رائفل رکي هو ڇا پڇندا آهن!؟"

"تون سمهي پؤ هاڻي- ڏس ته ڪيڏي نه رات ٿي وئي آهي!!" اهو چئي مان شايد تنهنجن سوالن کي لنوائڻ چاهيندي هيس!!. پر مان ڇا اُهي ڀيانڪ منظر به لنوائي سگهيس ٿي جيڪي ڪنهن زهرياتي آڪسيجن جيان اسانجن ساهن منجهه لهي رهيا آهن.

بوند

بوند.

اڇاتو خوف

اويساهي- بس- اجهو- او- هي- پل- آخري- پل!؟

دروازي تي کڙڪو، ڳليءَ مان لنگهندڙورديءَ وارن جا ٺرڪ، اُڀيون سنگينون ۽ سڙڪن تي هارايل جوارين جو هجوم (شڪست جو بوجهه ڍوئيندڙ، ڪنڌ لنوائي ڪنهن اڇاتي ڏسا ڏانهن ويندڙ. زرد چهرا، واريءَ ڀريل اکيون ۽ چپ ڪپيل.)

هر صبح عدالت ۾ حاضريون. شڪ مان گهوريندڙ اکيون ۽- سوال- انيڪ سوال.

ننگا، بوءِ ڏيندڙ، ڇچريل، ڪتي جيان سهڪندڙ سوال.

وفاداريءَ جا گهربل ثبوت ۽ غداريءَ جا عائد ٿيندڙ الزام.

تنهنجي پيءُ عدالت ۾ سڏڪا ڀري چيو، "يور آنر!_ خاموشيءَ سان ماڻهوءَ جو compromise ۽ اهڙي ماڻهوءَ جو compromise جنهن جي وات ۾

هن جي چپ ڪرڙيءَ جيان ڦٽڪندي هجي- وفاداريءَ جو وڏو ثبوت ئي تہ آهي-"

پر هنن جو الزام هو تہ تنهنجي پيءُ جي اکين ۾ وفاداري نہ هئي. انهن مان گستاخي ۽ احتجاج ٿي بَکيو. انڪار ٿي ظاهر ٿيو. سو- هو- غدار هو.

ٽارچر ڪيمپ ۾ سوالن جا جواب ڏيندي ڏيندي هن جو جسم چيهون چيهون ٿي ختم ٿي ويو هو (الوداع)

تڏهن تون ٻارهن سالن جو اچي ٿيو هئين. اينڊڙ مهيني تنهنجو جنم ڏينهن اچڻو هو ۽ اُن رات، جنهن رات تنهنجي پيءُ جو لاش، پرهہ ڦٽڻ کان پهرين ترڪ مان پنهنجي در اڳيان اچي لاٿو ويو هو، اُن رات اسان جي سنجوڳ کي پندرهن سال پورا ٿيا هئا. اُهي سموريون چُميون، پاڪر، سرگوشيون، مُرڪون، ٿهڪ، سڏڪا ۽ لڙڪ جيڪي اسان پندرهن سال پاڻ ۾ شيئر ڪيا هئا تنهنجي پيءُ جي ٽارچر ٿيل جسمَ جي هر زخم ۾ رت جيان سرد پئجي چڪا هئا. اڄ بہ پيڙا وچان سوچيندي آهيان، افسوس- اسان تہ هڪ ٻي کي الوداعي چمي بہ نہ ڏني.

اُن ڪانپوءِ، منهنجي ٻانهن تي مٿو ڌري سمهڻ واريون تنهنجي ٻالڪپڻي جون اِهي سموريون راتيون تون سمهي ئي نہ سگهيو هئين- هڪ ٽڪ ڇت جي گول ڦرندڙ پکي کي گهوريندو رهندو هئين. اندران ئي اندران وکري ويو هئين ڇڻ.

هر آواز تي ڇرڪ
شڪ جي ڪيفيت
خوف جي پاونا ۾ تهائين شدت اچي ويل
۽ سوال پوَ جي احساس مان جنميل
"مما!"
"هون!"
"بابا- مري ويو آهي!؟"
"ها."
"يا- ماريو ويو آهي!؟؟"
"___"
"ماريو ويو آهي نہ!؟" ويساهہ ۽ اويساهيءَ جي وچ واري نوع مان.

”ها.“

”ڇو!!؟“ ۽ ان ڇو ۾ احتجاج جي سُگهه سمايل.

” — “

”جڏهن منهنجو قد به بابا جيڏو ٿيندو نه، تڏهن ڇا هو مون کي به ماري ڇڏيندا!!؟“

”الاءِ!!“ مون کي لڳو پيڙا جي پاونا اکين مان لهي ڄڻ نڙيءَ ۾ ڇيندي هجي،

”ته پوءِ تون ۽ مان اهڙي ديس ۾ ڇو ٿا رهون مما! جتي اسان کي جيئڻ به نٿو ڏنو وڃي!؟“

”ان تي اسان کي ڪوبه اختيار ڪونهي پٽ!، ته اسان ڪٿي ٿا رهون يا ڪٿي ٿا جنميا وڃون. پر ڌرتيءَ جي جنهن به ٽڪر تي اسان جنم وٺون ٿا ۽ جتي اسان جين پيڙهين جون پاڙون آهن ۽ جتي جي ٻوليءَ ۾ مون توکي ۽ منهنجي ماءُ مون کي ۽ ان کي ان جي ماءُ لولي ڏني آهي، ڪهاڻيون ٻڌايون آهن نه، اتي اسان ائين ئي جيئڻ لاءِ مجبور آهيون جيئن ساهه کڻڻ لاءِ– تون سمجهين پيو نه منهنجي ڳالهه!؟“

موٽ ۾ تون چپ چاپ تڪ ٻڌي مون کي ڏسندو رهيو هئين ۽ پوءِ ڪن ترسي منهنجي اُرهه تي ڪنڌ رکي اکيون ٻوٽي ڇڏيون هُئي پر تنهنجي چهري تي پَر ڦهلائي بيٺل پوَ جا پاوَ اڄ به ڪڏهن ڪڏهن هانوَ تي هُري اچنم ٿا.

۽ جڏهن تو سچ پچ پنهنجي پيءُ جيڏو قد ڪڍيو هو تڏهن مان مس تنهنجي ڪلهي تائين پهچي سگهيس ٿي. تنهنجين انهن هراسيل اکين ۾ نجاڻ ڪٿان/ نجاڻ ڪهڙي پل باز جي اکين جهڙي تکي گهور اچي وئي هئي. اهڙي تکي گهور جنهن جي اڳيان منهنجو من بلڪل تنهنجي ٻالپڻي جيان هيسجي وڳهڻ لڳندو هو. زندگيءَ جي انهيءَ دور ۾ اچي مان توکان سوال ڪرڻ لڳي هئس. ڊنل ڊنل ۽ هيسيل سوال ۽ موٽ ۾ تنهنجا جواب مون کي ڪيڏو پريشان ڪري وجهندا هئا. جيئن جيئن تون ڪنهن پهاڙ جيان اڏول، اڙٻنگ ۽ ٻلوان ٿُبو ٿي وئين، تيئن تيئن منهنجو ڏيل اوترو ئي ڏٻرو، منهنجو من ان کان به وڌيڪ پتڪڙو ٿيندو ٿي ويو. سڄيون سڄيون راتيون گم هوندو هئين ۽ مان اُهي سڄيون راتيون ڪليل در جي چائنٺ تي ويهي سرد هوائن سان پئي وڙهندي هيس. ڏينهن به ته اُهي اڳ کان به ڏکيا ٿي پيا هئا نه. اسان کي ايندڙ

پيڙهين تائين محڪوم رکڻ لاءِ اسان جي چئني پاسي فوجي ڇانوڻيون ڦهلايون بي ويون. منهنجو من انهن ڇانوڻين جي حدن ۾ لڳل لوهه جي ڪانڊاريل تارن ۾ اُلجهي اٽڪي پيو رتوڇاڻ ٿيندو هو اهو سوچي تہ افسوس، شايد تون بہ پنهنجي پيءُ وانگر آزادي ماڻي نہ سگهين- شايد- تون بہ- شايد- تون- بہ-، ائين پيو پاسندو هو جڻ بنا نوآبجيڪشن سرٽيفڪيٽ جي اسان ساهہ بہ نٿا کڻي سگهون.

ذهني ايذاءُ جي اهڙن لمحن ۾ تون مون کي پنهنجين لوهي ٻانهن جي گهيري ۾ آڻي چوندو هئين: ”تون پلا ڇاڪاڻ تي ڇرڪين مما!؟- هي ڏس منهنجي هٿ ترڙيءَ جي ليڪ ڪيڏي ڊگهي آهي- ڏس-“ ائين چئي هٿ تري منهنجين اکين اڳيان ڦهلائي ڇڏيندو هئين.

تنهنجي پيءُ جي هٿ تي بہ حياتيءَ جي ليڪ ايتري ئي ڊگهي هوندي هئي- يا شايد ان کان بہ ڊگهي- پر-!!

تون ۽ مان ڪڏهن ڪڏهن وڙهي بہ پوندا هئاسون، انيڪ ڳالهين تي.

مثلاً: رات جو تنهنجي دير سان اچڻ تي، تنهنجين انڊرگرائونڊ سرگرمين تي تنهنجي لهجي ۾ ٻرندڙ جوالا تي- توکان وڇوڙي جو خوف مون کي ڪيڏو ڪمزور ڪندو تي ويو نہ تہ ان رات جڏهن مان ۽ تنهنجو پيءُ سدائين لاءِ وڇڙي ويا هئاسون مون رنو ئي ڪونہ هو/ روئڻ ئي نہ چاهيو هو.

منهنجي پوَ جي اظهار تي تون، منهنجين اکين ۾ نهاريندي مُرڪي ڏيندو هئين- منهنجا ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ ڏاڍيان جهلي پاٻوهہ مان چوندو هئين، ”وڇوڙو اٽر آهي مما!- تو جهڙيون مائون ۽ مون جهڙا پُٽ اڪثر اڌ پنڌ ۾ ئي وڇڙي ويندا آهن. اسان وڇڙڻ لاءِ ئي جنميا ويا آهيون. اها ڪاري رات جيڪا توکي بابا کان ۽ مون کان وڇڙڻ جو ڪارڻ بڻجي تي، ان جو انت ائين ئي آڻي سگهجي تو-“

جنهن ڪاري رات جو تو انت آڻڻ تي چاهيو، اُن ڪاري رات جي ڪنهن حصي ۾ هو سنگينون کلهن تي ٽنگي توکي وٺڻ لاءِ پنهنجي در تي اچي بيٺا هئا- اُها تنهنجي جنم ڏينهن جي رات هئي. اُهو سڄو ڏينهن مان رڌڻي ۾ بيهي تولاءِ اُهي سموريون شيون رڌيندي رهي هيس جيڪي تون نندپڻ کان شوق سان کائيندو هئين. جيڪي کائڻ لاءِ نندپڻ ۾ تون ڪيتو ڪندو هئين. پر اجا اُهو سڀ ڪُجهہ چُلهہ تي ائين ئي رکيو هو جو در تي هٿ لڳو هو ۽ منهنجو من

جڻ ڏڙڪندي ڏڙڪندي بيهي رهيو هو. اهي اوپرا آواز مان سڃاڻي سگهيس ٿي چڱيءَ طرح، جڏهن هو تنهنجي پيءُ کي وٺڻ ايندا هئا. تڏهن کان. وسائل من سان مان تنهنجي پويان ئي در تي هلي آئي هيس. اسٽريٽ لائيٽ جي ميرانجهڻي روشنيءَ ۾ اهي ئي هيا. اهي ئي خاڪي ورديون، اهي ئي چهري جهڙيون اکيون، اهي ئي ٻُيون، تنهنجي سيني ڏانهن تاڻيل سنگينون.

نالو؟

پيءُ جو نالو؟

ڏوهہ؟

- ڏوهہ ڄاڻائڻ في الحال ضروري ڪونهي. تڏهن بہ سرسري طرح سان ٻڌائجي ٿو تہ:

ملڪ دشمني

غداري

بغاوت

وفاداري ۽ بيعت کان انڪار

وقت جي حڪومت خلاف پروپيگنده

احتجاج

پمفليٽ لکڻ ۽ ورهائڻ

باغي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن هئڻ

چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر خلاف نعره لڳائڻ

وغيره – وغيره–

في الحال پنهنجن ڏوهن سان متفق هئڻ ضروري نہ آهي. انهن جي تصديق ۽ فيصلو سرسري عدالت ڪندي. هن وقت توکي اسان سان گڏ هلڻو آهي.

- موت ۾ تو ڪنڌ ورائي مون ڏانهن نهاريو– اکين ۾ اهائي باز جهڙي تکي گهور.

”الوداع!؟“

”الوداع–“

تون هليو وئين. اُها رات تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ تهائين ڊگهي ٿي پئي هئي. بظاهر سپڪجهہ جيئن جو تيئن ئي تہ رکيل هو. ٽيبل تي رکيل اونڌيون

پليٽون، خالي گلاس، برٿ ڊي ڪيڪ، ميڻ بتيون، هينگر تي ٽنگيل تنهنجو ڪوٽ جيڪو ڪي پل پهرين ئي تو لاٿو هو ۽ ان ۾ تنهنجي خوشبو- تنهنجو ڪمرو- ڪتاب- ان گهر ۾ سڀڪجهه تنهنجو ئي ته هو. هر شيءِ تنهنجي حوالي سان ئي ته هئي. چوڌسا ۾ تنهنجي خوشبوءَ جوئي ته واسو هو.

پر تون نه هئين-

تنهنجي بدران اڪيلائپ جو پوت هيو جيڪو آدم بوءِ- آدم بوءِ ڪندو سڄي گهر ۾ ڦيريون پائي رهيو هو ۽ مان هئس.

ان رات کان پوءِ سمورو سلسلو ائين ئي هو جيئن تنهنجي بيءَ پيري هو. دائري جو سلسلو. دائرن منجهه دائرا. جڏهن ڪوڙ سچ تي سوپ ماٺي ويندو آهي نه، تڏهن ماڻهن جون زندگيون دائرن جو روپ ڌاري ونديون آهن. گول گول ڦرندڙ انڌا دائرا ۽ ان ۾ ٻڌل ماڻهو گهاڻي جي ڏاند جيان-

انهن دائرن ۾ ڳچيءَ کان ٻڌل عدالتون

اڪين تي ڪوپا چاڙهي گول ڦرندڙ جج ۽ وڪيل

ڏوهن جي فهرست

۽ تون

۽ توسان گڏ ڏوهين جي ڊگهي قطار

۽ مان تنها، عدالتن جي ڊگهن سرنگهه جهڙن ورانڊن ۾ توکي ڏسڻ لاءِ جُتيون گسائڻ لڳي هئس.

سر!

سر- پليز -

لسن مي سر!-

سر پليز هيلپ مي-

آئي - ايم- آ- مدر

آ- مدر- آف- آ- سن -

۽ ڳجهين جي شور ۾ منهنجو آواز دٻجي ويندو هو.

هڪ لڳان توکي چيو هئم

”پٽ!، هي ملڪ برف جو ڪارخانو آهي- هتي سپريئر ڪوالٽي جا ماڻهو برف مان ٺهيا آهن ۽ باقي عوام ۾ زوريءَ برف پري وئي آهي.“

تو چيو هو

”مما!، برف رجندي بہ آهي نہ. مون گليشئر ڏٺو تہ ناهي پر ان جي وهڪري کي مان پنهنجين رڳن ۾ محسوس ڪري سگهان ٿو-“

۽ پوءِ —

انيڪ انيڪ ڏينهن ڪانپوءِ

جڏهن سڙڪن تي برف رجڻ لڳي هئي

۽ گليشر ڦُٽي نڪتو هو برف جي پهاڙن مان

تڏهن مان توسان آخري ڀيرو مليو هئس. پگهر مان شم مُٺ ۾، نوآبجيڪشن سرٽيفڪيٽ پيڙي، وک وک جيلر جي پويان هلندي، هيڊن چهرن ۽ بيمار جسمن وارن قيدين جي بي وس اکين کي لتاڙيندي تو تائين پهتي هئس.

اونداهين کولي

اڪيلائي

سانت

۽

تون

مان تہ سجاڳي ئي نہ سگهي هيس توکي- تنهنجو تہ سڄو وجود منهنجن هٿن مان سرجي نڪتو هو پر- ڪيڏو ڏبرو ٿي ويو هئين- ڪيڏو زرد سرنهن جي گلن جهڙو- نرڙ ڪان هيٺ، اندر ڌانهن گهڙي ويل بہ اکيون ۽ انهن ۾ اهائي باز جهڙي تکي گهور پسي ئي سجاڳي سگهي هئس توکي. بنا ڪجهہ ڳالهائڻ جي تو منهنجن هٿن تي پنهنجا هٿ ڦہائي ڇڏيا هئا.

منهنجين اکين ۾ اکيون وجهي انيڪ پل نهاريندو رهيو هئين. منهنجين اکين ۾ تنهنجي جنم پل کان وٺي، تنهنجي ٻالڪپڻي جا ساروڻا، منهنجين راتين جا اوجاڳا، تو لاءِ ڏٺل خواب، تنهنجي پيءُ جو وڇوڙو، تنهنجي اڌول، اڙٻنگ ۽ ٻلوان جوانيءَ جا سمورا پل برف جيان رجڻ لڳا هئا. شايد!!- يا- پڪ سان مون توکي وڇوڙي جي انهيءَ پل لاءِ تہ جنميو هو. پنهنجي ڏيهہ جي اتهاس ۾ اهوئي تہ لکيل آهي تہ تون سوريءَ چڙهين ۽ مان تنهنجي سيرانديءَ ويهي، سينا ڪوبي ڪرڻ لاءِ باقي رهجي وڃان.

الوداع — •

# آ - وشواس

مان تہ چڻ وچائجي وئي آهيان/ پڪ تہ،
پنهنجي پاڻ کان
پنهنجي اندر کان
پنهنجي هئڻ کان.

شروعءَ ۾ مون کي محسوس ٿيندو هو تہ مان وڙهڻ چاهيان ٿي/ وڙهي سگهان ٿي.

گهڻو اڳتي هلي هوريان هوريان منهنجا هٿ ويڙهہ جي انهيءَ پاونا/ ويساهہ تي ڍرا پوڻ لڳا.

وڙهي ٿي نٿو سگهجي.
بلڪل بہ نہ.

سمجهوتن جا ڪيترائي بلينڪ پيپرز مون کان سائن ڪرايا ويا آهن- جن تي شرطن جي فهرست لکڻ وارا ٻيا آهن.

رشتا/ ناتا - اهم/ غير اهم
سماج
سرڪار
مها سرڪار/ سپر پاور.

(اها هڪڙي ئي چين آهي اُها، جيڪا شخصي/ گڏيل سطح تي ماڻهوءَ کي/ ماڻهن کي ٻوجهہ ڍوئيندڙ جانورن جيان انهيءَ هڪ ئي ڏسا ڏي هڪليندي ٿي رهي، جنهن ڏانهن ويندي هن کان/ هنن کان منظر سمورا الوپ هجن).

شرط مون مڃيا آهن زندهہ رهڻ جي فطري خواهش هيٺ نہ پر زندهہ رهڻ کانسواءِ ڪو رستوئي ڪونهي، ان ڪري.

جيتوڻيڪ زندهہ رهڻ لاءِ مان ٻن نتيجن تي پهتل آهيان.

(1) سماجي/ سرڪاري طرح سان مون کي زنده رهڻ جو آرڊر ڪونهي/ ذاتي

سطح تي مان زندهہ رهڻ افورڊ ڪري نٿي سگهان/ خدا مون کي محض زندهہ رکڻ لاءِ زندگيءَ ۾ ڦٿي ڪري ڇڏيو آهي.

(2) مون کي محسوس ٿيندو آهي تہ جنم کان ئي مون کي بنا ڪنهن مختارنامي جي موڪليو ويو آهي محض بي وسيءَ جو تجربو ڪرڻ لاءِ/ جنم کانپوءِ زندگيءَ جي ڪنهن اسٽيج تي مون کان مختارنامو ڦريو ويو آهي محض بي وسيءَ جو تجربو ڪامياب بنائڻ لاءِ.

انهن ٻن نتيجن کان هٽي ڪري جيئڻ لاءِ ڪيترائي ڪارڻ گهڙي ونبا آهن پر هر ڪارڻ جي پويان جيڪو ڪارڻن جو اننت سلسلو آهي اُهو تهائين گهٽو ڏگهو ۽ ٽڪائيندڙ آهي ۽ آخر ۾ اهو ويساهہ بہ تہ جيئڻ پنهنجي اندر آ- ڪارڻ آهي.

اهو سموڙرو احساس شروعءَ کان ناهي- اهو وچائجي وڃڻ کانپوءِ جو آهي ۽ ان احساس کي منهنجي اندر تڏهن جنميو هو جڏهن مان اهو ڄاڻي سگهي هئس (۽ اها ڄاڻ سرڪار/ سماج جي گهاٽي ۾ پيڙهجڻ کانپوءِ ئي ماڻي سگهجي ٿي) تہ جيئڻ معنيٰ محض ساهہ کڻڻ ئي ٿي نٿو سگهي.

جيئڻ معنيٰ:

پنهنجي شخصي سوچ ۽ اُن جي سگهہ ۽ اُن جي آزاد اظهار جي اندر ماڻهوءَ جو جياپو ڪنڌ کڻي هلي سگهي.

سوچ!!؟

اُن جي سگهہ!!؟

اُن جي اظهار جي آزادي!!؟

پوءِ مان ٻن حصن ۾ ورهايل. اڌ حصو عورت جي خاني ۾ پيل- پئي پئي بوءِ ڏيندڙ ۽ ٻيو اڌ حصو انسان جي خاني ۾ پيل ۽ مري مري بہ جيئندڙ پر-!!

نتيجي ۾ مليل شڪست ۽ مسلسل شڪست کانپوءِ

هاءِ بلڊ پريشر/ لو بلڊ پريشر.

ڊاڪٽر همدرديءَ وچان اکين ۾ اکيون وجهي چيو

”اهو سڀ ذهني دٻاءُ ۽ ڇڪتاڻ جي ڪري آهي- ڪارڻ؟ عورتن ۾ عام طرح سان اها ڪيفيت ڪنهن اندروني جسماني بيماريءَ ڪاڻ ٿيندي آهي- مثلاً- يوٽريس ۾ انفيڪشن وغيره- ٿي- سگهي- ٿو- تہ-

چڱو ڀلا تون ڪنهن سٺي گائناڪالاجسٽ کي ڏيکار.“

ڪيترا ٽيسٽ ۽ رپورٽون
آخر ۾ گائناڪالاجسٽ جي راءِ (ڪاروباري نوع ۾)

”يو آر نارمل- دراصل اسان جي سماج ۾ عورتون اڪثر اپ سيٽ رهنديون آهن. اُنهن ويچارين جو بہ ڏوهہ ڪونهي. مڙد جي ذهني ۽ جسماني domination اُن کي بہ ذهني ۽ جسماني طرح سان ٿڪائي وڌو آهي. دنيا جي بدلجندڙ سماج ۾ هوءَ عورت جي آزادي ڏسي وڌيڪ depress ٿي وڃي ٿي. منهنجو خيال آهي تہ تون ڪنهن سائيڪاٽرسٽ کي ڏيکار.“

”چرئين جي ڊاڪٽر کي!!؟“

”ها- ان ۾ برائي ڪهڙي آهي!؟ اسانجي ملڪ ۾ ٽيون حصو ماڻهو ذهني طرح سان وڪريل/ بيمار آهن.“

”پوءِ ذهني طرح سان صحت مند ڪير آهي!؟ باقي اُهو چوٿون حصو جيڪو سماجي/ سرڪاري سطح تي حڪومت ڪري،تو بيمار ذهن تي!؟“

ڊاڪٽر جو ٽهڪ- رسمي

”بهرحال، مون کي وومن لبريشن جو احساس بيماريءَ جي صورت ۾ ناهي. مان تہ ان کي پنهنجو حق سمجهي اون تي ڪريان، وومن لبريشن جي ڪائي موومينٽ جوائن ڪرڻ ڪانسواءِ. باقي اها الڳ ڳالهہ آهي تہ مون تي اها بيماري مڙهي مون کي وري بہ مڙد کان الڳ ٻي درجي جو فرد ثابت ڪيو وڃي ۽ مان سماج جي سيڪنڊ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ ۾ سفر ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي رهان/ رهندي ٿي اچان.“

”تڏهن پوءِ توں ڇا ٿي محسوس ڪرين!؟“

”مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي ڊاڪٽر! ڄڻ/ پڪ تہ مان وڃائجي وئي آهيان، پنهنجي پاڻ کان/ پنهنجي اندر کان/ پنهنجي هئڻ کان.“

”اڇا!!؟؟“

عينڪ جي پويان گائناڪالاجسٽ جي اکين ۾ همدردي/ رحم.

”پوءِ تون سائيڪاٽرسٽ کي ضرور ڏيکار- گاڊ بليس يو-“

رات جو
بستري ۾

اڪيون ڇت تي لفظ لکڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون

لفظ، جيڪي ڏينهن جو اُجاري نہ سگهيا آهن. سماج جو ڪاچ ٻڌجي ويل لفظ. پاڻ ۾ رل مل ٿي وڃائجڻ لڳن ٿا.

مون ڪان/ پنهنجي پاڻ ڪان.

پاسو ورائي پٽ ڏانهن منهن ڪرڻ ۾ ئي في الحال پناهہ ٿي محسوس ٿئي.

پٽ ۾ پناهہ!!؟.

اوچتو پٺيءَ تي هن جي هٿ جو ڇهاءُ- مان ڇهاءُ ڪان ڇرڪان ٿي. عادي ٿيڻ ڪانپوءِ ماڻهو ڇرڪي ٿو ۽ اهو بہ پنهنجيءَ نوع جو compromise آهي.

هڪڙو سرد ڪمپرومائيز

تهائين سرد ڪمپرومائز

برف

"چپ ڇو آهين؟"

"ڳالهائڻ ڪانسواءِ ڇا تون مون کي نٿو سمجهي/ محسوس ڪري سگهين؟"

"ڇا سمجهان توکي؟"

"مان- مان- ٿوم- بصر ۽ ڪچي گوشت جي اگهن کان هٽي ڪري ٻهاري جي دز ۽ چلهہ مان اُٿندڙ دونهينءَ منجهان نڪري، ڪجهہ پيو/ ڪجهہ مٺاهون محسوس ڪرڻ ٿي چاهيان- ڪجهہ اهڙو جنهن ۾ مان پنهنجو پاڻ پائي سگهان. رڌڻي کان بيڊروم تائين- بيڊروم کان رڌڻي تائين- جي- اها- زندگي-"

ڳلي ۾ ڪجهہ (الاءِ ڇا!!؟) ڪڙو، تز ۽ چڀندڙ اٽڪي پوي ٿو. اُن ڪانپوءِ مان چُپ ۽ هن جي اکين ۾ حيرت جا پاوَ. سمجهي سگهان ٿي تہ هو مون کي نہ پيو سمجهي سگهي- بس اچرج مان ڪيل هڪڙو سوال.

"تڏهن؟"

"مون ۾ ڳگهر جي بوءِ ئي تہ باقي رهجي وئي آهي، جيڪا منهنجي هئڻ جو احساس ڏياري ٿي مون کي بہ/ توکي بہ. رڌڻي جو ڳگهر- بستري جو ڳگهر- ڳالهائڻ لاءِ مون وٽ مهانگائي، نوڪرن جا مسئلا، ٻارن جون ضرورتون

۽ لوڪ ڪي اهو ويساهه ڏيارڻ کان سواءِ ته پنهنجي گهرو زندگي ڪيڏي خوشگوار آهي- پيو ڪجهه به ته باقي ڪونهي-"

"پر چا! اهو سچ ناهي ته اسانجي گهرو زندگي خوشگوار آهي!!؟" اکين ۾ اکيون وجهي ڪيل سوال.

شڪ

اکين ۾ به

سوال ۾ به

نجاڻ پنهنجي لاءِ!؟ نجاڻ منهنجي لاءِ!؟

"ها سچ آهي پر اهڙو سچ جنهن کي اسان ڪنهن ساهه ڪڻندڙ جيوَ جيان نه پر روبوٽ جيان نڀائي رهيا آهيون."

أن ڪانپوءِ

ڪنهن تلخ احساس هيٺ

هو به چپ

مان به چپ

۽ چپ کي پنهنجي پيڙا ٿيندي آهي ۽ ان پيڙا جي ري ايڪشن ۾ يا اُن پيڙا مان نڪرڻ لاءِ لائف بوٽ جيان هڪ ٻي جو استعمال.

ڀاڪر

چُمي

نهار

بي ذائقي هئڻ جو احساس

tasteless

وچ وچ ۾ ٽٽي پيل تعلق

بنا حواس جي مشيني انداز

بي حس

ٿڪائيندڙ

ريل جا ٻه الڳ الڳ پٽا ساڳي ڏسا ڏي ويندڙ ۽ اُنهن مٿان ٿڪل ۽ بيمار پوڙهيءَ جيان هلندڙ ريل ۽ ريل جي خالي ڪمپارٽمينٽ ۾ ويٺل ٻه اجنبي.

اُن منجهند مان مين روڊ ڪراس ڪرڻ لڳي هئس. ڪجهه بدليل هو جنهن روڊ جي روزاني روٽين کي به بدلائي ڇڏيو هو. گهٽ ٽريفڪ ۽ پوليس جا

جٿا گشت ڪندڙ، بند ٿيل دڪان يا تيزي سان بند ٿيندڙ- آنسو گيس جا
ڇڏيل شيل ۽ اکين ۾ لڙڪ.

مان بيهي رهان ٿي. سامهون نيڻ نهار جي حد ڪان اورتي، ايندڙ جلوس-
ڪارا ڳاڙها بينر، نعره، ڳاڙها ٽامو ٿيل چهرا- جلوس ويجهو ايندڙ ۽ گشت
ڪندڙ پوليس جي اکين ۾ لٿل رت.

ڪلهه يونيورسٽيءَ جا ڪجهه شاگرد پوليس جي گولين جو ڪاچ بڻجي ويا
هئا. اڄ اُن جو ري ايڪشن هو بنهي ڌرين ۾. صبح مارجي ويلن جا فوٽو ڇپيا
هئا اخبار ۾. ٽيبل تي ناشتو ڪندي، اخبار جي اُن حصي تي اکيون اُٽندي ٿي
ڪوسي چانهن جو ڍُڪ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هئم.

ڪن لاءِ من ۾ واڪا ڪندڙ خواهش: ٽيبل تي رکيل ٽي سيٽ پٽ تي
اُڇلي پيچي پور ڪري ڇڏڻ جي. اکين ۾ لهندڙ لڙڪ ۽ بي پل سڀ ڪجهه بي
معنيٰ بڻجي ويل گهر جي هنگامي ۾.

"جلدي چانهين ڏي- آفس کي دير ٿي ٿئي."

"منهنجا شوز نٿا لڀن."

"بٽڻ تہ ٽانڪي ڏي."

هوشوءَ جي هوم ورڪ ڪاپي گم

سبيءَ جو لنچ باڪس اڃا تيار ڪونهي

مسلسل وڄندڙ فون

۽ سمورو هنگامو پڄاڻيءَ تي پهچڻ ڪانپوءِ

مان

تنهائي

چانهين جو ٽٽو ٿيل ڪوپ

ٽي سيٽ

۽

اخبار

هينئر جلوس منهنجي ويجهي ڪان ٿو لنگهي. هٿ وڌائي ڇُهڻ چاهيان تہ
ڇُهي سگهان پر ڇُهان نٿي. چهرا منهنجا ڏٺل وائٺل. مارجي ويل چهرا بہ اهڙا
ساڳيا. اهڙا ساڳيا ڳيرو.

گذريل انيڪ ڏينهن ڪان مان ۽ اخباري خبرون هڪ بي سان وڙهي رهيا آهيون.

جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي اُن تان.

هي نياءِ آهي.

هي انياءِ آهي.

عين اُن پل، جنهن پل هن مون سان هم بستري ٿي ڪئي، عين اُن پل رت جو درياهہ وهي نڪتو هو اِن ساڳي ڌرتيءَ تي- عين اُن پل سرڪار آرڊر جاري ڪيو قتل عام جو. عين اُن پل انسانن جو هجوم توپ جي ڪلي ويل منهن اڳيان اچي ڇيهون ڇيهون ٿي/ پرزا پرزا ٿيندڙ.

عين اُن پل

عين اُن پل

عين اُن پل بستري ۾ اسانجي مٿان ڳجهن جا لامارا. اخبار جي پنن جي ڦڙ ڦڙ ۽ مري ويلن جا انگ اکر پٽ تي لڪجندا ٽا وڃن. ڪراهت جو احساس جڪڙي ٿو وٺي مون کي- هم بستريءَ کان، اُن مان ماٺيل لذت کان. پنهنجي جسم مان/ هن جي جسم مان ايندڙ رت جي ۽ سڙندڙ ماس جي بوءِ. پاڻ ڇڏائي اُٿي بيهي ٿي رهان.

"ڇو؟"

"ان کان اڳتي بہ ڪجهہ آهي."

"مطلب؟"

"ان- کان- اڳتي- ان- کان- اڳتي- عورت جو مڙد لاءِ استعمال نہ- نہ- پر- ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ لاءِ استعمال- صرف انسان جي حيثيت ۾- ان- لذت کان اڳتي- اڳتي- ڪجهہ ٿيڻ/ محسوس ڪرڻ تہ ڏي مون کي- ماڻهو- مري- رهيا- آهن- فار گاڊ سيڪ- اسٽاپ اٽ- ماڻهو- مر- ر- ي- ر- هہ- ي- ا- ا- ا-"

اُن ڪُانپوءِ مان چڻ هسٽريا جي ڍبڻ ۾ لهندي ٿي ويس.

سڏڪا

اوچنگارون

پوءِ ٿني، ڇجي پل دانهون.

گائناڪالاجسٽ چا سچ چيو هو تہ مان ڪنهن سائيڪاٽرسٽ کي ڏيکاريان!؟ ڇا منهنجي پيڙا رڳو سائيڪاٽرسٽ پائي سگهندو!!؟ ڇا سچ پچ هن ملڪ جا ٽيون حصو ماڻهو ذهني مريض آهن يا ڪيا ويا آهن!؟

جلوس: مارچي ويلن جون تصويرون هنن جي هٿن ۾- رڙيون، دانهون، نعرا، احتجاج احتجاج احتجاج- اچانڪ ڪجهه وراڪا ڏئي.وچ جيان منهنجي اندر گهڙي آيل ۽ ڪجهه دکي پيل. هوريان هوريان دکندڙ آگرن مان جيئن اوچتو پنيٽ ٻري پوندو آهي. آسمان کي ڇهندڙ اُلا. مان اُنهن ۾ گڏجڻ چاهيان ٿي. وک کڻڻ چاهيان ٿي/ کٽان ٿي ۽ ٻيهجي وڃان ٿي جڻ- ڪنهن حڪم هيٺ.

ٻه ٽا ٽين
ٻار اسڪول کان موٽندا هوندا!
هو ٻه اچڻ وارو هوندو!
بک کان اصل هنگامو ڪڙو ڪري ڏيندا.
چلهه تي رکيل منجهند جي ماني!؟
۽ هتي- هيءَ- نياءِ ۽ انياءِ جي ويڙهه- منهنجي اندر دُکي پيل احتجاج ۽ احتجاج ڪري نه سگهڻ جي پيڙا!!؟
ٻه واٽو
۽ ٻه واٽي مان ڦٽي نڪتل ڪيترائي ٻه واٽا/ ٽه واٽا/ چؤواٽا- زندگيءَ جا
آتما جا
احساسن جا
پنهنجي پاڻ ڏانهن ويندڙ راهه انهن ٻه واٽن/ ٽه واٽن/ چؤواٽن ۾ وڃائجي وئي آهي جڻ. يا هيئي ڪانه يا منهنجين اکين تي ڪوهيڙو چڙهي ويو آهي؟
اها منهنجي شخصي بي وسي آهي
۽ اُن سان مٿو ٽڪرائيندڙ اُن قوم جي گڏيل بي وسي جنهن منجهان مان آهيان.
اُن ڪانپوءِ منهنجو جسماني روبوٽ گهر واري راهه ڏانهن مڙي وڃي ٿو
انڌو
گونگو
ٻوڙو
روبوٽ. ●

# ڪليسا جي صليب تي ڳجهه

دريءَ کان ٻاهر نيڻ نهار تائين منظر سمورا بدنما ٿي چڪا آهن.

هن بيئر، وسڪي ۽ سوڊا جون بوتلون کوليون ۽ گلاسن ۾ اونڌيون ڪري ڇڏيائون ۽ پوءِ گلاسن ۾ هن جا وجود ترڻ لڳا.

چيئرز

چيئرز

چوٿين پيگ تي، پرين ڪنڌ ۾ ويٺل اڇي چمڙيءَ واري پوڙهي فلاسفر جو اندر جڻ اُٿلي پيو. هن رڙ ڪري چيو.

”فار گاڊ سيڪ — آواز سيئي بند ڪري ڇڏيو. مان انهن کي ننڊ ۾ ٻڌڻ چاهيان- منهنجن ڪنن جا پڙدا ڦاٽي پوندا- سڪون!!- سڪون!!- اڳتي اُونداهون پولار آهي. اتي ئي سيئي بيهي رهو اڏ پنڌ ۾- ڊونٽ موو — اڳتي اُونداهون پولار آهي، وات پٽي بيٺل، اسان کي ڳهڻ لاءِ Man has been thrown into this world in order to die- in order to die- to- die- die- e- e- e-“

چوٿين پيگ جي آخري ڍڪ تي ڦهڪندي ڦهڪندي هو ٽيبل تي مٿو ڌري سڏڪا ڀري روئي پيو ۽ هائيڊيگر جا جملا سندس آواز ۾ ٽٽندا وکرندا ٽي ويا.

ماڻهوءَ کي هن دنيا ۾ مرڻ لاءِ ڌڪيو ويو آهي.

ماڻهوءَ — کي — هن — دنيا ۾ — مرڻ — لاءِ — ڌڪيو — ويو — آهي —

هال ۾ رکيل ٽيلي ويزن جي چوڪنڊي اسڪرين تي ڳاڙهي روشني آئي ۽ نيوز ريڊر جي گرانٽ جيڏي جيڀ ٻاهر نڪري سهڪڻ لڳي.

اڄوڪيون اهم خبرون —!!!؟

مرڻ وارن جو تعداد

زخمي ٿيلن جو تعداد

ٻڌجي، جيلن ۾ پرتي ٿيڻ وارن جو تعداد
۾ اُن ۾ جنم ٽيپ، ڏنڊ، سخت پورهئي سان ڊگهي ٽيپ ۽ ڦاسي. ۽ مارڻ وارن، زخمي ڪنڊڙن ۽ پڌڻ وارن کي مليل گولڊ ميڊل. عالمي امن انعام.

هال ۾ وينلن پنهنجن پنهنجن گلاسن ۾ ترندڙ اکيون ڪنارن تي آئي، حيرت ۽ همدرديءَ وچان فلاسفر کي ڏٺو_ پوءِ نفرت پري نهار نيوز ريڊر تي _ نفرت جي پويان لڪل پوَ جا پاوَ.

چيئرز

چيئرز

اڄ صبح هن تهائين گهٽي شدت سان آپگهات ڪرڻ جي خواهش من ۾ محسوس ڪئي هئي. سائيڊ ٽيبل جي خاني ۾ ننڊ جون گوريون بہ رکيل هيون. ڪم از ڪم ان عمر جي موت لاءِ ڪافي هيون. هن شيشي ڪولي هٿ ترِيءَ تي اونڌي ڪئي. گوريون ڳٽيون. پاڻيءَ جو گلاس پريو. دريءَ مان ڏسجندڙ گلاب تي بہ هن آخري نهار وڌي. پر آپگهات ڪري نہ سگهيو. اسان آپگهات ڪري نٿا سگهون ان ڪري چا جيئون ٿا!!؟- جيئڻ جو ڪارڻ بہ ناهي، جيئڻ لاءِ من ۾ موهہ بہ ناهي، جيئڻ ممڪن بہ نٿو محسوس ٿئي پر هن کي محسوس ٿيو، جيئڻ هن جي مجبوري آهي، قدرتي موت تائين لاءِ.

هن زندگيءَ جي فلسفي تي ڪتاب لکيا- ليڪچر ڏنا. جنهن صبحَ امريڪن سرڪار طرفان زوريءَ سندس پٽ کي ويٽ نام جي محاذ تي موڪليو ويو، اُن صبحَ هن پهريون ڀيرو موت جي فلسفي تي سوچيو هن کي لڳو هو آيو ناهي، ڦٽي ڪيو ويو آهي، ان ناٽڪ ۾، جنهن ۾ هن جو ڪردار جيئن لکيو ويو آهي تيئن هن کي پرفارم ڪرڻو آهي، پنهنجي ڪردار سان سهمت نہ هوندي بہ. هن کي هڪ اهڙي جوان پٽ جي پوڙهي پيءُ جو رول پلي ڪرڻو آهي جيڪو ويٽ نام جي محاذ تي وڃائجي ويو.

نجاڻ زنده!!؟

نجاڻ مرده!!؟

هن پنهنجي اندر جو ڪٿارسس، هٿيارن جي ڊوڙ تي مضمون لکي ڪڍيو. تاڙيون بہ وڳيون ۽ هن کي عالمي امن انعام بہ مليو پر پوءِ تاڙين وڄائڻ وارن ئي، عالمي امن انعام ڏيڻ وارن ئي کيس ڳٽڙ ڪان جهلي بارود جي ڍير

تي ويهاري ڇڏيو.

هو بارود جي ان ڍير ۾ پسمر ٿيڻ جو اوسيئڙو ڪري سگهيو ٿي پر آپگهات نہ. آپگهات اُهي بہ ٿا ڪري سگهن جيڪي ٽيلي ويزن جي اسڪرين تي روز ماريا ٿا وڃن. هو ڏاڍي ڏيان سان عينڪ جا شيشا اُگهي، اُها نيوز ريل ڏسندو آهي جنهن ۾ ماڻهو ڪيس فٽ بال جيان، هيڏانهن کان هوڏانهن، هوڏانهن کان هيڏانهن اُڇلبا نظر ايندا آهن. نہ هو نيوز ريڊر جون اکيون اُگهي سگهندو آهي نہ نيوز ريڊر هن جون.

آواز_ سيئي _ بند_ ڪري _ ڇڏيو_ منهنجا_ ڪن _ ڦاٽي _ پوندا_

دريءَ وٽ ويٺل ڏکڻ افريقا جي گهري، ڪاري رنگ واري نوجوان دريءَ کان ٻاهر نهاريو. منظر سمورا بدنما هئا. هن جون ڳاڙهيون اکيون ٽانڊن جيان ٻري رهيون هيون. هن پنهنجي اڳيان رکيل گلاس مان آخري ڍُڪ پيري سوچيو، 'فرد جي حيثيت ۾ اسان سيئي بي وس آهيون. اسانجو شخصي انڪار ڪمزور پوندڙ آهي اڪثريتي احڪام هيٺ. guilt جو احساس ڪنهن اڻ ڪيل ڏوهہ بابت. جڻ اسان منجهان ڪنهن، ڪنهن کي واٽ ويندي ماري ڇڏيو آهي. جڏهن تہ ماربو ناهي/ ماريا ويا آهيون. شخصي طرح سيني تي دهشت جي بيماري مڙهيل. ائين محسوس ٿيندڙ، جڻ پيرن هيٺان زمين کسڪندي هجي. پيرن هيٺان زمين ڪيئن ٿي کسڪي سگهي!!؟

اسان زمين جي مٿان کان کسڪائي، پولار ۾ ڦٽي ڪيا ويندا آهيون. کسڪائڻ جي سازش کان ۽ اُها سازش رٿڻ وارن کان نفرت- نفرت- ۽ نفرت پاڻمرادو رحم ۽ همدرديءَ ۾ بدلجندڙ. هي ويچارو پوڙهو ڪري بہ ڇا ٿو سگهي سواءِ رڙيون ڪرڻ جي!!؟ مان ڇا ٿو ڪري سگهان سواءِ رڙيون ڪرڻ جي!!؟ اسان ڇا ٿا ڪري سگهون سواءِ رڙيون ڪرڻ جي!!؟'

هن رحم ۽ همدرديءَ مان اڇي چمڙيءَ واري پوڙهي فلاسفر کي ڏٺو. هن جي رحم ۽ همدرديءَ جي احساس ۾ ڪٿان گهڙي آيل ڪراهت جو احساس. هن جي وڏن اهڙن ئي اڇي چمڙيءَ وارن جي غلامي ڪئي آهي. گذريل پيڙهين کان هُن تائين.

غلامي!!!

هن ڳيت ڏئي نڙيءَ ۾ اٽڪيل ڪڙو ڪسارو احساس هيٺ پيٽ ۾ لاهڻ چاهيو پر اُهو نڙيءَ ۾ ئي اٽڪيو رهيو.

ڪلهه رات ٽيرس تي اهوئي امريڪن فلاسفر هن سان بحث ڪري رهيو هو ۽ مٿس ثابت ڪري رهيو هو تہ هنن جي غلامي فطري/ قدرتي آهي، سندن ڌرتيءَ جي طبعي ماحول ۽ موسمن جي دائري اندر جنميل سندن وجود اوترا ڪارائتا ناهن جيترا اڇي چمڙيءَ وارن جا. پوءِ هن ٿامس بڪل ۽ ڊارون جا حوالا ڏئي ڪيس مجرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ هو انسان جي ذهني ارتقا جي اڃا شروعاتي دؤر ۾ آهن. هنن جي مزاج ۾ غلامي آهي.

جيئن جيئن هو پوڙهو، اڇي چمڙيءَ وارو فلاسفر ڳالهائيندو ٿي ويو، تيئن تيئن هن جي اکين اڳيان غلاميءَ جي سينما اسڪوپ فلم هلندي رهي. هن جي ماءُ جي هٿن جا ڦلٽا، هن جي پيءُ جي پٺن جا نيرَ، بيمار، بکيا، مرٽينگ، هڏن تان لهندڙ ماس وارن ڪارن ۽ اُگهاڙن ٻارن جو هجوم. هٿ، ڪشڪول، ڪشڪول ۾ ڪِرندڙ داڻو داڻو ڪٽڪ ۽ مٿي هوائي جهازن مان نازل ٿيندڙ من و سلويٰ. ۽ لاش، لاشن جا پهاڙ ۽ پهاڙن مٿان لهرائيندڙ سپر پاورس جي فتح جو پرچم.

بلڪل اوچتو هن پوڙهي فلاسفر کي ڪالر کان پڪڙي ورتو هو ۽ چڻ وحشي ٿي پيو هو. ڳڦ سندس وات مان اُڏامي فلاسفر جو چهرو پچائيندي ٿي وئي. پرــ هينئر!!؟. هينئر هو اُن ساڳي پوڙهي کي همدرديءَ وچان ڏسي رهيو آهي. هن کي اوچتو خيال آيو تہ پيڙا ۾ ماڻهوءَ جا پاوَ هڪ جهڙائي تہ هوندا آهن.

اسان ۾ ڪجهہ مشترڪ، هڪ جهڙو آهي ان هوندي بہ تہ اسان ڌار ڌار سيمائن تي پنهنجي اندر، پاڻ کان ٻاهر، بي وس، اڪيلا ۽ خوفزده نوع ۾ پولار ۾ هٿ هٽي وڙهي رهيا آهيون. وڙهي نہ رهيا آهيون پر وڙهي نہ سگهڻ جي پيڙا هيٺ پولار ۾ بولاٽيون کائي رهيا آهيون.

ان ڪانسواءِ مان/ هو/ هي/ اسان ڪري بہ ڇا ٿا سگهون!؟

هن کي خيال اچي ٿو

اسان گڏيل/ اجتماعي ويڙهہ ۾، گڏيل/ اجتماعي مفادن خاطر وڙهندي بہ، ڌار/ پنهنجي اندر/ شخصي سطح تي ٿڪل، هارايل، ڪمزور ۽ وڃائجي ويل آهيون. منهنجي قوم شايد آزادي ماڻي بہ وٺي. منهنجي اندر غلاميءَ کان نفرت جا اُلا اُٿن ٿا. منهنجي ذهن ۾ ان جو زهر پريل آهي پر تڏهن بہ مان

پنهنجي اندر/ اڪيلو/ پاڻ کي unsafe ٿو محسوس ڪيان. ڪٿي شايد؛ ڪنهن ڪنڊ ۾ بي اعتباري مون کي ڇپي تي. اها بي اعتباري ڇا لاءِ آهي!!؟_ ڇا لاءِ آهي!؟

؟؟؟؟؟_ ؟_ ؟_ ؟_ ؟_ گلاس ۾ سوالن جون نشانيون اُيري هن کي اچا بہ بي اعتبار ڪنديون ٿيون وڃن.

رڙيون _ دانهون _ سڏڪا _

”بند ڪريو اهي آواز_ فار گاڊ سيڪ _ رحم ڪريو مون تي _“ پوڙهي ٽيبل تان ڪنڌ مٿي ڪٿي، ويٺلن کي بي وسيءَ مان نهاريو ۽ ڪنن ۾ آڱريون وجهي اکيون بوتي ڇڏيائين.

هال جي ڏاکڻي ڪنڊ ۾ بيٺل پادريءَ اُداس نوع ۾ سمورن ڇهرن کي ڏٺو، محسوس ڪيو، پوءِ دريءَ کان ٻاهر نهاريندي، نيڻ نهار تائين ٿهليل بدنما منظرن جي آخري ڪناري تان ٿٽي نڪتل آسمان جي اننت ٿهلاوَ ۾ خداوند کي ڳوليندي، سيني تي صليب جو نشان ٺاهي، خداوند سان مخاطب ٿيو.

”خداوند!!- ڪليسائن جي دروازن تي لٽڪندڙ قلفن تي ڪٽ چڙهي ويا آهن ۽ ڪتابن مان لفظ وڃائجي ويا آهن، بلڪل ائين، جيئن انسانن مان انسان وڃائجي ويا آهن ۽ هڏن تي چڙهيل ماس باقي رهجي ويو آهي. مان چرچ جي سنسان هال ۾، يسوع ۽ مقدس مريم جي ڇانوَ ۾ بيهي انسانن کي مخاطب ڪندو آهيان تہ مبارڪ آهي اُهو، جيڪو سچ کي آسمانن تي ڳولڻ بدران ان کي انسانن ۾ پائي ٿو. مبارڪ آهي اهو جيڪو پنهنجا هٿ ٻين جي رت مان ڌوئڻ بدران، اُنهيءَ رت کي بچائڻ لاءِ پنهنجو رت وهائي ٿو_ مبا _ رڪ_ آ_ هي _ اُهو_

۽ پوءِ خداوند!

چرچ جي سنسان هال ۾، قطار ۾ رکيل بينچون ٿڪ ڏئي مون تان کلي ڏينديون آهن.

۽ مان، يسوع ۽ مقدس مريم مونن ۾ منهن ڏئي ويهي رهندا آهيون.“

پادريءَ دريءَ کان ٻاهر نهاريو.

ڪليسا جي صليب تي ڳجهہ ويٺي هئي ۽ ڪليسا جي دروازي تي بيٺل رڃ ڏند ڪڍي پادريءَ جي معصوميت تي کلي رهيو هو. پادريءَ گهبرائجي پيهر سيني تي صليب ٺاهڻ چاهي پر هن کي لڳو تہ هن جا هٿ برف ٿي چڪا آهن ۽ هو پاڻ صليب تي ٽنگيو پيو آهي. ●

# ٽـٽي پرزا ٿيل عڪس

مون کي چئني ڏسائن کان گهيري بيٺل سماج جي دائري ۾ مان پنهنجي ئي وجود جي بائلاجيڪل سسٽم جي ماربل عورت، چادر ۽ چار ديواريءَ جي قبرستان ۾ پناهه وٺڻ لاءِ قبرون ڳوليان ٿي. تنهائيءَ جو نانگ منهنجن پيرن هيٺان کان سُرندو منهنجين رڳن ۾ لهي آيل. مان سڌ ڪيان ٿي پر عبادت گاهن جي دروازن تي اوساري ڪئي وئي آهي. اندر بند ٿيل ماٿهو سجدي ۾ پئي پئي بوءِ ڏيڻ لڳا آهن. مان ٻاهر هجوم ۾ گهيرجي وئي آهيان. مچريل هجوم منهنجي جسم تي ويڙهيل ساڙهي ڇڪي پٽي لاهي ٿو ۽ ان کي چوواٽي تي نيلام ڪري ٿو.

مون احتجاج ڪرڻ چاهيو.

وڻ جي آخري ٽار تي ويٺل چبري ٺهڪ ڏئي چيو.

عورت معنيٰ اُگهاڙي-

منهنجي ماءُ مون کي گونگو ڄڻيو ۽ جڏهن مون پنهنجي وات ۾ ڄڀ جو ٻج پوکيو، تيسين تائين لفظ حرام جي نُطفي مان جنميل ٻار جيان گند جي ڍير ۾ ساهه ڏئي چڪا هئا.

مون روئڻ چاهيو.

پر اُن کان پهرين سمنڊ خشڪ ٿي چڪو هو ۽ اُن جي پيٽ ۾ واري ٿي اُڏائي. مان پنهنجي سالن جي اُڃ ڪاڻ، ڄڀ ڪڍي، ٽئي جيان تپي باهه ٿيل واري چٽڻ لاءِ مجبور هئس. منهنجي وات ۾ منهنجي ڄڀ ڪرڙيءَ جيان ڦٿڪي.

چيائين،

ڪو هڪ لفظ نه ڳالهائڻ ڏين ها مون کي.

ڳالهائي نه سگهڻ جي پيڙا ماس جيان منهنجن ننهن ۾ پري پئي آهي ۽ اُنهن مان ڦڙو ڦڙو رت ٿو ٽمي. مان آڱرين جا رتوڇاڻ ٻل ڏندن هيٺ ڏئي، رت چوسيندي پٿرن جي ذهڻ ۾ لهندي ٿي وڃان.

مون کي سنگسار ڪيو ويو،

منهنجي هٿڻ جي ڏوهہ ۾.

مون ديوار جي هن پار جا منظر ڏسڻ چاهيا هئا- انهيءَ ڏوهہ ۾ منهنجي وجود جي مٿان سرون رکي اوساري ڪئي وئي. مان هاڻي آرسيءَ ۾ پاڻ کي ڏسي حيران ٿي سوچيندي آهيان ديوار ۾ ڏار ڇو پوندا تا وڃن!؟

منهنجن ڪلهن تان منهنجو چهرو غائب ٿيندو ٿو وڃي يا نقش ئي ڏنڌلائجي ويا آهن.

رات اسان ٻئي هڪ ئي تابوت ۾ بند هئاسون. هن منهنجو چهرو سڃاڻڻ کان انڪار ڪيو هو. محض منهنجو جسم ئي سڃاڻي سگهيو هو پر ان ڪري نہ تہ منهنجو جسم منهنجي چهري جو جسم آهي. ان ڪري تہ اُهو بهرحال جسم آهي. مڪمل جسم، جيڪو ڪنهن بہ عورت جو ٿي سگهي ٿو، جيڪا تابوت ۾ فِٽ ٿي سگهي. رات جي پڇاڙيءَ تائين مان پنهنجن ڪلهن تي، تابوت جي ڇٺي ديوارن تي ۽ هن جي پيرن جي ننهن ۾ ڦاٿل ماس ۾ پنهنجو چهرو ڳوليندي رهيس.

بازي گر منهنجو چهرو پولار ۾ ٽنگي آڊيئنس ڏانهن نهاريو. چوڏسا ۾ تاڙين جو ڪن چير شور ٻُرڻ لڳو.

وڃائجي ويل چهرو،

۽ اُن سان گڏ سموري سڃاڻپ رد ٿي ويل.

مان پاڻ، شخصي سطح تي، پنهنجي چهري ۽ اُنهيءَ مان جنميل سڃاڻپ جي حوالي سان،

ڪجهہ بہ نہ.

عورت — عورت — عورت — عورت — جي شور ۾ وڪوڙجي استعمال ٿيندڙ منهنجو جسم. محض جسم. بنا چهري، ناوَ ۽ سڃاڻپ جي.

منهنجو ساهہ پرجي آيو آهي. مان ريس ڪورس جي گرائونڊ ۾، ريس ۾ ڊوڙندڙ گهوڙن سان گڏ ڊوڙي رهي آهيان. نمبر ون — نمبر ٽو — نمبر ٿري — نمبر فور- منهنجي پٺيءَ تي لڪيل نمبر مان پڙهي نٿي سگهان ۽ ٻيا پڙهي سگهن ٿا — ٽريجڊي!!

ڇا مان بستري جو ئي ڪو حصو بڻجي چڪي آهيان!!؟

چادر!؟

وهاٽو!؟

ڪمبل!؟

ڪڏهن هينان وڃائڻ لاءِ!!

ڪڏهن مٿي هيٺ ڏيڻ لاءِ!!

ڪڏهن مٿان تاڻي سمهڻ لاءِ!!

تابوت مضبوطيءَ سان بند آهي. اُنهيءَ تي ٺوڪيل ميخون منهنجيءَ سگهه ڪان وڌيڪ سگهاريون آهن.

گونگو هئڻ ئي تہ پيڙا جي شدت آهي. ڪائنات ۾ ڪيترو ڪجهہ انڌو نہ هوندي بہ،

سج انڌو آهي.

چنڊ انڌو آهي.

زمين انڌي آهي.

آسمان انڌو آهي.

پر منهنجي سموري وجود تي اندر ۽ پاهر، اکيون ئي اکيون اُپري آيون آهن.

پاڻمرادو

نچاڻ ڪهڙي پل!!

ٻئين جي نہ چاهيندي بہ.

اُن ڪانپوءِ ڏسي سگهڻ، ڏسي سگهڻ جو احساس ۽ اُن مان جنميل پيڙا تہ اُنهيءَ ڏئل تي نٿو ڳالهائي سگهجي ۽ اهو تہ محض ڏسندو ئي رهڻ، اُن ڪي محسوس ڪرڻ ۽ محسوسات ڪي ڀوڳڻ ۽ برداشت ڪرڻ ئي منهنجي مجبوري آهي.

مجبوري!!؟

وچ تان ڪٻي اڌ ڪندڙ مجبوري ۽ اُهي ٻئي اڌ پاڻ ۾ محض ان ڪري نہ جڙي سگهجندڙ تہ ان ۾ ٻين جو مفاد آهي.

مفاد!!؟

معاشيات جي اُصول هيٺ ڦرندڙ زندگيءَ جو ڦيٿو ۽ اُن جي وچ ۾ اٽڪيل مان.

گول، تيز ۽ مخالف ڏسا ڏي ڦرندڙ.

بازار ۾ لهندڙ چڙهندڙ اگهہ تہ منهنجي شخصي حيثيت ۾ ڦيرڦار آڻي سگهن ٿا پر مان پاڻ نہ. مان پاڻ بلڪل بي معنيٰ آهيان. جيئن جيئن پئسي جي ويليو وڌي ٿي، تيئن تيئن مان پراپرٽي جي ڪاغذن يا اُن مان حاصل ٿيندڙ منافعي جي حيثيت ۾ لاڪر ۾ بند ٿيندي ٿي وڃان.

چادر ۽ چارديواريءَ جو لاڪر/ سيف ڊپازٽ!!؟؟

مون مان ماٿيل انٽريسٽ (وياج) يا ٻين جو مون لاءِ محض ان ڪري ڪانشس هئڻ تہ مون تي رقم سيڙايل آهي، انهيءَ ڦيٿي کي اڃا بہ تيز ڦيرائي ٿو.

اڃا بہ تيز.

اڃا بہ ٽيز.

مان سهڪڻ تي لڳان. منهنجي ننڍي پُٽ جي ڪير جي باٽل منهنجن ڦرندڙ هٿن سان ٽڪرائجي ٿي ۽ منهنجيون اکيون اڃا بہ ويڪريون ٿي کُلي پون ٿيون. مان منظر اڃا بہ چٽا پَسي سگهان ٿي پر محض پَسي سگهان ٿي. باٽل جو کير منهنجين ڇاتين ۾ جذب ٿي منهنجي وجود کي سائو ڪندو ٿو وڃي.

فصل جي ساوڪ

جنهن کي سياٽي ائين ئي ڪٽي وئبو ــ جيئن منهنجي ڇپ.

ڪپيل ڇپ.

۽ مان رڙيون ڪرڻ چاهيان ٿي پنهنجي هئڻ جو احساس ڏيارڻ لاءِ. پنهنجي الڳ ۽ شخصي آواز جون رڙيون. ڪير جي باٽل ۾ بند رڙيون- پتلون جي ٻنهي کيسن ۾ قيد ٿيل رڙيون.

منهنجي وات تي هٿ رکيل آهي.

سگهارو، لوهي هٿ.

رڙيون سانت جو ڪفن اُٽين ٿيون، بلڪل ئي ائين جيئن مان پنهنجي ئي جسم جي ريشمي ڌاڳن سان پنهنجي لاءِ ريشمي ۽ رنگين ڪفن اُٽيندي آهيان. مان بہ هر ڪفن مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ (ڀيو ڪفن اُڻجي تيار ٿيڻ تائين) مري ويندي آهيان ۽ منهنجي ڳلي ۾ هڏيءَ جيان اٽڪيل رڙيون بہ مري وينديون آهن.

اهو انت ناهي.

اهو اننت آهي.

۽ اهو اننت ڪيڏو ٿڪائيندڙ آهي.

ڇا مان ساهہ کڻان پئي!!

يا مون کان ساهہ کڻايو پيو وڃي!؟

گهر جون ديوارون، دريون، فرنيچر، ڪپڙا، ڪچن جا ٿانوَ سڀ ڪجهہ سوالن ۾ بدلجي ويا آهن.

مون کان منهنجي باري ۾ سوال.

منهنجن سوالن جي باري ۾ سوال.

۽ اُنهن جي باري ۾ سوال.

رت چوسيندڙ سوال.

سوال مون کي بي امان ڪندا ٿا وڃن ڪلٖيل زمين مٿان ۽ ڪليل آسمان هيٺ- سوال منهنجي ئي مٿان سلهہ جي پراڻي مريض جيان ڪنگهندي ڪنگهندي رت ٿا ٿڪين.

مان پنهنجي ئي ظاهري وجود جي مڇَ تي هٿ سيڪيان ٿي، پاڻ کي پنهنجي هئڻ جو ويساهہ ڏيارڻ لاءِ. جيڪو هر رات جي پڇاڙيءَ تي اوسيساهيءَ ۾ بدلجي وڃي ٿو پر منهنجي اندر جي برف وڳهري ئي نٿي- شايد سمنڊ جو ٻيو ڪنارو آهي ئي ڪونہ!!؟- ڌرتيءَ جو ٻيو ڪنارو ڪونهي!!؟- منهنجو بہ ٻيو ڪنارو ڪونهي!!؟

نہ پر،

ٻيو ڪنارو آهي شايد.

سمنڊ جو بہ.

ڌرتيءَ جو بہ.

منهنجو بہ.

مان ٻي ڪناري تائين پهچڻ لاءِ پنهنجا ڪپيل پير مُنهن ۾ پيڙي ڊوڙڻ ٿي چاهيان پر ڪپيل پيرن سان تہ ڊوڙي ئي ڪونهي سگهبو. بس ان جو سپنو ئي پَسي سگهبو آهي. مان ٻي ڪناري تائين، پنهنجي ئي وجود جي ٻي ڪناري تائين پهچڻ لاءِ (شايد منهنجي وجود جي ٻي ڪناري تي پير جڙي پوندا هجن!!؟- پکي پَر پکيڙي اُڏامي سگهندا هجن!!؟) سپني ۾ ڊوڙڻ ٿي چاهيان پر منهنجي اندر ۾ جڻ وهيل چيئر جو ڦيٿو تيزيءَ مان ڦربو وڃي ۽ ان جا گهوگهاٽ باقي رهجي ٿا وڃن.

منهنجي گهر جي چار ديواريءَ تي ڪانگ، ڳجهون ۽ چبرا اچي ويهندا آهن ۽ مون کي ڪنهن ننڍڙي ۽ اڪيلي ٽانڊاٽي جو اوسيئڙو آهي. منهنجي اڱڻ ۾ ڪِرنڊڙ پٽر ميڙي ميڙي منهنجا هٿ رتوچاڻ ٿي پيا آهن. دروازي تي چڙهيل قلف جي چابي مون کان ڦري سمنڊ ۾ ڦٽي ڪئي وئي آهي ۽ مان بس ان چار ديواريءَ جي ديوارن تي رتوچاڻ آڱرين سان خوابن جي فهرست ٿي لکان.

اوچتو مان محسوس ٿي ڪريان، هسپتال جي مرده خاني ۾ برف ۾ فريز ٿيل منهنجو لاش ننگو ٿي پيو آهي ۽ اُن جي مٿان ٽاٽيل اچي چادر جو ڪفن ڪانگ، ڳجهون ۽ چبرا پنهنجين پنهنجين چهنبن ۾ جهلي اُڏامي ويا آهن.

ننگو لاش.

هسپتال جو مرده خانو ۽ برف.

ڇا اهائي حاصلات آهي/ هئڻ گهرجي!!؟؟؟

!!؟؟؟

؟

منهنجي ننڍي پٽ جي ڪير جي باٽل مان ٽانڊاٽو نڪري ٿو اچي ۽ ٻي پل منهنجين خشڪ ٿيل چاتين تي وهي ٽمڪڻ ٿو لڳي-

منهنجي ننڍي پٽ جي اکين ۾ حيرتون پرجي آيون.

هن چرڪي چيو

امان!!

هو ــ ڏس

ص ــ ب ــ ح ــ •

# منظر- جنهن جو ڪو انت ڪونهي

شهر سڄي ڪي سانت ڳڙڪائي وئي آهي (سانت/ موت!؟) ڇا ماڻهو مري ويا آهن؟ ڇا باقي ڪتا جيئرا بچيا آهن، يونڪڻ لاءِ، مري ويل/ اتفاق سان زنده رهجي ويل ماڻهن جو ماس پٽڻ لاءِ؟. مان ڪٿي آهيان (ڪير آهيان؟) هي ڪهڙو شهر آهي؟. ڇا مان اُهوئي آهيان جيڪو هئس يا مان اُهو ناهيان!؟ جيڪو ڪجهه آهي ڇا اُهو ناهي ۽ جيڪو ڪجهه ناهي ڇا اُهوئي آهي!؟ گذريل ٽن ڏينهن ۽ راتين کان انهيءَ قبر (گهر/ قبر!؟) ۾ پوريو پيو آهيان/ پوريو ويو آهيان. ٻن حصن ۾، وچ تان ڪپجي، اڌ ٿي، ورهائجي ويو آهيان ڄڻ.

0 = 1 ـ 1 (هڪ ڪاٽو هڪ، برابر- ٻُڙي)

هڪڙو حصو ڪٽ تي مئو پيو آهي- بلڪل لاش- سرد لاش- ڪليل اکيون ڇت ۾ اٽڪيل- ڪجهه به ناهي اُنهن ۾- ڪجهه به ته نه- پوءِ مان (جيڪو پنهنجو ئي پيو آڪسيجن ڇڪيندڙ فزيڪل وجود آهيان/ ناهيان؟) ڇو پڳهرجي وڃا ٿو اُنهن اکين ۾ نهاريندي!؟ ڇا ان لاءِ ته اُنهن اکين ۾ ڪجهه به ناهي؟ معنيٰ ته نه هئڻ، هئڻ کان وڌيڪ پيانڪ آهي. ماڻهوءَ جو پاڻ ۾ نه هئڻ- ماڻهوءَ جي اندر احساس جو نه هئڻ- احساس جي اندر زندگي/ سگهه جو نه هئڻ- شايد مان وڌيڪ بي چيني ننڊ جون گوريون ختم ٿي وڃڻ کاڻ ٿو محسوس ڪريان. هاڻي خالي شيشي ۽ منهنجي وچ ۾ ڄڻ ڊوئل شروع ٿي چڪو آهي (يا مان پُشڪن وانگيان انهيءَ ڊوئل ۾ ڦاسايو ويو آهيان!؟) ۽ هر راؤنڊ ختم ٿيڻ تائين مان تڪجي سهڪڻ لڳان ٿو. ڪاش مان جن جيان انهيءَ خالي شيشيءَ ۾ سمائجي سگهان پر مان جن ناهيان.

انسان آهيان.

انسان آهيان؟

ا- ن- س- ا- ن- ڪيڏو عجيب، اوپرو ۽ بي معنيٰ لفظ آهي اهو ۽ ائين ڪيترا لفظ بي معنيٰ بڻبا ٿا وڃن، جن کي مان هر هر ائين اُچاريندو آهيان ڄڻ حادثي ۾ وڃائجي ويل وسارڻا سارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو هجان پر

هر پيري ذهن تي ڪجهه اڀرندو، پاڇولي جيان لهرائجي گم ٿي وڃي ٿو. هر هر ڪاڪوس ڏانهن ائين وڃان ٿو ڄڻ اِها ئي آخري پناهه گاهه باقي بچي هجي.

ڪرفيو لڳڻ کان پهرين، مون پاڻ ڪيڏي شديد نوع ۾ اها خواهش محسوس ڪئي هئي ته شهر ۾ ڪرفيو لاڳو ٿي وڃڻ گهرجي. مون کي پنهنجو بچاءُ ڪرفيو ۾ ئي محسوس ٿيو هو. ڪرفيو لڳڻ کان پهرين فساد نفرت/ خوف جو روپ ڌاري پهرين اخبارن ۾، پوءِ بي بي سي تان، پوءِ سڙڪن کان گلين ۾ ۽ اُتان شخصي طرح سان هر شخص جي اندر بلڊ ڪينسر جيان ڦهلجي ويا هئا. نفرت پنهنجيءَ نوع جو بلڊڪينسر ئي ته آهي. مريض کان وڌيڪ مريض جي هٿان، غير واسطيدارن جي موت جو ڪارڻ بڻبي آهي. سڀئي ماڻهو مريض ئي ته آهن. خوف/ نفرت/ ڪراهت جي مرض ۾ وڪوڙيل. ايڊز جي مرض جيان، جسم مان جسم ۾ داخل ٿيندڙ. مان پاڻ ڄڻ بيمار ٿي پيو آهيان. گهر ۾ سور لاهڻ جون جيتريون به دوائون هيون، کائي چڪو آهيان. جسم جي مختلف حصن ۾ سور جو دٻاءُ ايذاءُ وانگر ٿو محسوس ڪريان، جيڪو رات جي پوئين پهر، ڪاڇي پاسي، سيني ۾ تنگي خنجر جيان لهڻ لڳندو آهي. صبح ٿيڻ تائين پيٽ ۾ ڪڇي ويندو آهي. مون کي ڇا ٿي رهيو آهي!؟ هارٽ اٽيڪ يا السر!؟- السر يا هارٽ اٽيڪ!؟- مان ڊوڙي دروازي کان ٻاهر نڪرڻ چاهيندو آهيان پر- ڇائنٽ منهنجا پير پڪڙي وٺندي آهي. خبردار!!- خطرو- ٻاهر ڪرفيو لڳل آهي. نستو ٿي پوندو آهيان. هڪڙو خوف اهو ته ڇا مان ان اڪيلائيءَ ۾ اوچتو دل جي حرڪت بند ٿي وڃڻ ڪاڻ سرد پئجي ويندس!! هڪ ڏينهن/ ٻه ڏينهن، پوءِ منهنجو جسم بوءِ ڏيڻ لڳندو. انيڪ ماڪوڙا ۽ ماڪوڙيون مون کي ڇُهٽي ويندا. تڏهن اُها ڍونڍ جي بوءِ ٻاهرئين جو ڌيان ڇڪائيندي مون ڏانهن. ته ڇا- ته ڇا- ماڻهو نيٺ به، محض ڍونڍ جو ڍير آهي!؟ ٻاهر ڀڄي وڃان؟- ڇا ڀڄي وڃان؟- ها ڀڄان ٿو- نه پر- ٻاهر ڪرفيو آهي. ٻاهر نڪرندي ئي گولي سيني کان پار ٿي ويندي. ٿي سگهي ٿو ته هو مون کي فسادي سمجهن! نه به سمجهن پر ماڻهن کي تهائين گهٽو هيسائڻ ڪاڻ به ته منهنجو نشانو وٺي سگهن ٿا نه!؟ ڇا فسادين جيان، قانون نافذ ڪرڻ وارا به مون کي/ اسان کي شڪاريءَ جيان تاڙيو ناهن وينا. وشال نيرو آڪاس. اڏامندڙ پکي. شڪاريءَ جو چرڪ. اکين ۾ شڪار پائڻ جي چمڪ. بندوق جو منهن آسمان ڏانهن کڄي ويل. هڪ کن پکيءَ جي اُڏام

جو پيچو/ فاصلي جو اندازو. ٻي ڪن ٽرائيگر تي آڱر جو دٻاءُ. ٽين ڪن، سانت جو سينو چيري، پکيءَ جي جسم ۾ پيهي ويندڙ ڇيرا. شڪاريءَ جي اکين ۾ چمڪ. فتح جو احساس. ٿاٺيل سينو. ان دوران هيٺ، ٻولاٽيون کائي ڪرندڙ زخمي/ مئل پکي، شڪاريءَ جي پيرن ۾ اچي پيل.

مان/ انسان/ پکي!؟

فسادي/ قانون نافذ ڪرڻ وارا ادارا/ شڪاري!؟

نه، ڪرفيو ۾ هاڻي جيڪو وقفو ٿيندو اُنهيءَ ۾ نڪري ويندس. ڪنهن دوست جي گهر يا پوءِ ڳوٺ. پر-!!؟ نه، اهو وڌيڪ خطرناڪ آهي. ها، اڃا اُن ئي ڏينهن ته بازار ۾، منهنجين اکين جي سامهون بيٺل جيئرو جاڳندو ماڻهو بلڪل اوچتو لهوءَ ۾ لت پت ٿي ويو هو. مون ته بس هن جي پيٺ ۾ لتل خنجر ڏٺو ۽ خنجر وارو هٿ هجوم ۾ گم. اُهو خنجر منهنجي پيٺ ۾ به ته لهي سگهيو ٿي نه! شڪر مان اُن وقت پنهنجي ٻوليءَ ۾ نه ڳالهائي رهيو هئس. پيل به مون کي پينٽ شرٽ هئي. نه ته مان ڪپڙن مان، ٻوليءَ مان جي سڃاڻپ ۾ اچي وڃان ها ته!!؟

هيڏي تنوز جڻن تتل گرميءَ ۾ به منهنجا پير ڄڻ برف جي سر تي رکيا آهن. سرد ۽ سُن. مون کي به هٿيار ساڻ کڻي هلڻ گهرجي. پر مون وٽ ته هٿيار آهي به ڪونه.

هٿيار!!؟

مان ته وڌ ۾ وڌ ڪو ديسي پستول ئي افورڊ ڪري سگهان ٿو پر اُهو ڇا انهن پيانڪ هٿيارن جي سامهون ٻي ڪار ۽ فضول نه هوندو، جيڪي هڪڙي سيڪنڊ ۾ ماڻهوءَ کي ڇيهون ڇيهون ڪريو ڇڏين. ٻم اُن ڪانسواءِ. منهنجي گهر ڪير ٻم ته نه اُڇلي ويندو!؟ هو ٻم به ته اڇلي رهيا آهن. مطلب ته هڪ ئي سيڪنڊ ۾ سڀ ڪجهه ڀسم. آڳ!!- نه- آڳ ۾ جيئرو سڙي مرڻ!! نه- نه- اوهه- منهنجو ڳلو خشڪ ٿي ويو آهي. منهنجو ساهه!!- نه- مان نارمل نوع ۾ نه پيو ساهه کڻان.

دري کولي ڊگها ڊگها ساهه کڻان ٿو. دريءَ کان ٻاهر نهاريندي منهنجو من ڄڻ ڏڙڪندي بيهي ٿو رهي.

شهر-!؟. ٽڪل تتل، مُئل، ڪانڊين جي اوسيئڙي ۾، برف تي رکيل لاش. اهوئي شهر ڪجهه ڏينهن اڳ تائين جيئرو ۽ ساهه کڻندڙ. فيصلو ٿي نه

سگهيو آهي.

ان لاش کي دفنائڻ گهرجي؟ جلائڻ گهرجي؟ پاڻيءَ ۾ لوڙهڻ گهرجي؟ يا- يا- ڪانون ۽ ڪتن جي اڳيان ڦٽو ڪرڻ گهرجي!؟ شايد آخري رڳا تي سڀئي متفق ٿين. ها شايد!! شايد معنيٰ شڪ! شهر جي آخري رسمن سميت، اسانجي/ منهنجي جيئڻ/ مرڻ جا فيصلا شڪ ۾ پيل. بهرحال قبرستانن ۾ جڳهه خالي ڪانهي ۽ نه ئي ان جو ڪو امڪان آهي. قبرستانن جي اندر مرڻ وارن جي رش آهي. قبرستانن کان ٻاهر ماتمين جي پيهه لڳي پئي آهي. قبرستانن جي ديوارن تي نعرا لکيل آهن ۽ قبرستانن جي ديوارن جي پاڙن ۾ پيشاب جي بوءِ آهي. منهنجو لاش!؟ دفنايو ويندو؟ جلايو ويندو؟ پاڻيءَ ۾ لوڙهيو ويندو؟ پولار کان هيٺ ڦٽي ڪيو ويندو؟ پرزا پرزا ٿي وچائجي ويندو ۽ ليندو به ڪونه!؟

شهر جو لاش/ منهنجو لاش/ اسانجو لاش!!؟

هو سامهونءَ وارو رستو جتان مان روز لنگهندو آهيان ايندي به ويندي به. لنگهڻ ۾، رستو پار ڪري بس تائين پهچڻ ۾، ماڻهن ۽ ٽريفڪ جي پيهه ڪاڻ جتي مون کي پندرهن منٽ لڳندا آهن، هينئر ٻن منٽن جي برابر ٿو ڀاسي. هينئر ڄڻ هتان راڪاس گهمي ويو آهي. ماڻهن کي ڳهي ويو آهي. ننڍڙا ننڍڙا جيتامڙا ماڻهو. سناٽو. اڌ اڌ فرلانگ تي بيٺل ٻه ٻه، ٽي ٽي وردي پوش. تاٽيل اسٽين گنون. رستن تي وڇايل، ڪانڊاريل لوهي تارون. فسادن دوران ساڙيل ٽائر، موٽرون ۽ رستن تي ڦٽي ڪيل پٿرن جو ڍير. هو ڇا آهي؟. هو- ڳوڙهو ڳاڙهو. وچ رستي تي. عين وردي پوش جي بوٽن هيٺ ڇا آهي؟. رت!!؟. ڪنهن جو؟ آخر ڪنهن جو؟. ڪنهن جو به ٿي سگهي ٿو پر آهي ته ماڻهوءَ جو رت. رت ڏسي هاڻ ڪجهو ٿيندو آهيم. ڪڏهن ڪڏهن ڪو تاريخي ڪتاب پڙهندي به ائين ئي هاڻ ڪجهو ٿيندو آهيم. حملا آور بادشاهن جي فوجن هٿان ڪرايل قتل عام جا داستان. آباد شهرن کي ٻاهيون ڏيڻ جا منظر. انساني سرن جا پهاڙ کڙا ڪيل ۽ انهن جي چوٽيءَ تي لهرائيندڙ فتح جا جهنڊا ۽ آخر ۾ لٽيل مال سميٽي، عورتن جي لوئيل کوئيل جسمن ۾ ٻار پيري، لاشن مٿان گهوڙا ڊوڙائيندي حملا آورن جي واپسي. ان واپسيءَ کان پوءِ پڪ ته ائين ئي رستا سنسان ٿي ويندا هوندا جيئن هينئر منهنجي دريءَ کان ٻاهر آهن. ڇا تاريخ انهن واقعن کي ورجائي ٿي؟. ساڳين شهرن ۾؟. ساڳي ڌرتيءَ تي. ڇا مان به-

اسان- بہ-!!؟ چاتي مهٽيان ٿو. هاڻ ۽ ٿو ڪچو ٿيئيم. اُلٽي ڪرڻ ٿو چاهيان. نڙيءَ ۾ ڪڙو پاڻي ٿو پرجي اچيم. ڪنهن کي سڏ ڪريان؟ دريءَ ۾ بيهي رڙيون ڪريان؟. هيلپ- هيلپ- پوءِ جڏهن هو ايندا تہ ڇا چوندس!؟. ٻڃان ٿو؟. ڇا ڪان؟. اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ رڙيون ڪرڻ تي پابندي پيل هجي. هيءَ گهري/ ڏگهي سانت تہ اهيو ٿي ظاهر ڪري ٿي تہ رڙيون ڪرڻ تي بہ پابندي هوندي. پوءِ جي هو مون کي آواز استعمال ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ شوٽ ڪن تہ؟!- نہ، ٻاڙي واري کي ٿو سڏ ڪريان!. نہ، اهيو بہ رسڪ آهي. ٻاڙي ۾ مخالف گروهہ سان تعلق رکندڙن جو گهر آهي. پر هو تہ تمام سٺو ماڻهو آهي. پر ٿي سگهي ٿو تہ هينئر هن جي اندر ۾ بہ ڪروڌ پريل هجي! اُن ڏينهن بہ تہ ڪيئن گهور پائي مون کي نيهن ڪان چوٽيءَ تائين ڏٺو هيائين، ڇڻ- ڇڻ-!!؟. اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ هو مون کي مارڻ جي رٿا رٿيندو هجي. مون کي ڇو ماريندو؟ مون هن جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ مون تہ ڪڏهن شعوري طرح سان ماڪوڙي بہ ناهي ماري.

پوءِ ڏوهہ؟

هينئر مسئلو ڪنهن بہ شخصي ڏوهہ جو ڪونهي. مسئلو اهو آهي تہ مان هن جي قوم مان ناهيان. هن جي ٻولي ڳالهائيندڙ ناهيان. پر- ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ!؟ يا هو اسانجي قوم مان ناهي، اسانجي ٻولي ڳالهائيندڙ ناهي تہ اُن ۾ اُن جو ڪهڙو ڏوهہ؟ پوءِ- هي سڀ ڇا آهي؟ ڇو آهي؟ ڇالاءِ آهي؟ اڃا اُن ڏينهن آفيس ۾، ڇتو، رت چوسيندڙ بحث ٿيو هو جنهن ۾ مون کي پريان کان ائين لڳو هو ڄڻ لفظ ڪو هڏو اهن جن تي اسان ڪتن جيان وڙهي رهيا آهيون. هڏو ڪنهن جي حصي ۾ بہ نٿو اچي. ان بحث دوران ڪنهن چيو هو: ”يار! سچو مسئلو آهي ماڻهوءَ جي بنيادي حقن جو. حق مٺيان ڦريندا آهن. جيڪي ٿورا گهڻا حق خيرات ۾ ملندا بہ آهن تہ اُنهن ۾ بہ دوائن جيان ملاوٽ ٿيل. مريض جو مرض گهٽجڻ بدران مرڳو ري ايڪشن ٿيو پوي. ملاوٽ ۾، ٿورڙي ڪڙاڻ، ٿورڙو مناڻ ۽ ٿورڙو زهر گڏيل. ظاهر آ تہ ري ايڪشن تہ ٿيندو ئي. سو، حق مٺيان ڦريندا آهن. خونريزي هيٺ ٿيندي آهي. هيٺ، تهائين هيٺ، عام، تهائين عام ماڻهن ۾. ٻولي يا قوميت مسئلو ناهي. ٻولي يا قوميت استعمال ڪئي/ ڪرائي ويندي آهي، هٿيار طور. انهيءَ خونريزيءَ ۾- معاملو بلڪل ائين آهي جيئن مفاد پرست ڊاڪٽر پنهنجي

ڪمائيءَ خاطر مريض جي مرض کي ٻيڻو پيو ڏيندو آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن بنا ڪنهن ڪارڻ جي، محض پنهنجي مالي مفاد خاطر، مريض جو ميجر آپريشن به ڪري وجهندو آهي ۽ مائنر آپريشن ان ڪانسواءِ آهن. ڊاڪٽر ڪير آهي؟ مريض ڪير آهي؟" پوءِ آخر ان جو انت ڇا آهي؟ ڪوبه نه؟ ماڻهن جو ڪوس- بس اهو ئي آهي. ان ۾ ئي جيئڻو آهي. جيئڻو؟- يا مرڻ جو انتظار. اُن ڏينهن مان مچريل جلوس ۾ ڦاسي پيو هئس. اکين ۾ پرندڙ تانڊا ۽ وات مان اُڏامندڙ گرم گرمُ ٻاڦ. هو نعرا ماري رهيا هئا. مون ڪجهه لفظ سمجهيا ڪجهه لفظ نه سمجهيا. اوچتو مون کي خيال گهيري ويو ته هڪڙو پيو به نعرو ماري سگهجي ٿو يا سمورن نعرن جي معنيٰ اها ئي ٿي سگهي ٿي.

نعراءِ موت!

جيئي موت

جيئي موت

نعراءِ موت

نعراءِ موت

جلوس مان پاڻ بچائي نڪرڻ ڪانپوءِ، گهر ڏانهن ايندي مان چپن ۾ چڙ اهوئي پڙڪي رهيو هئس. هينئر به شايد مان اهوئي ٿو پڙڪان. مان شايد ڊڄڻو ٿي پيو آهيان!؟ (يا ڊڄڻو ئي هئس!) پيءَ معنيٰ ۾ ڪانئر!؟ نه، مان ڪانئر هجان ها ته استوڊنٽ لائف ۾ به سال جيل نه ڪاٽيان ها. مان سمورين حالتن ۾ زنده آهيان ڇا اها ڪانئر نه هئڻ جي نشاني ڪانهي؟ مان ماڻهوءَ کي نٿو ماري سگهان. ڪنهن به ماڻهوءَ کي. اهو ممڪن ڪيئن آهي ته مان ماڻهوءَ کي ماريان. اهڙو ماڻهو جنهن کي مان سڃاڻان به نٿو. وات ويندو. عين وچ سڙڪ تي، سڙڪ کي پار ڪرڻ دوران، هن ڪناري تي پهچڻ کان پهرين شوٽ ڪري ڇڏيان. هن کي گهر پهچڻ نه ڏيان. هن جي هٿ ۾ جيڪو ڪاڏي پيتي جو سامان آهي ان کي سڙڪ تي ڦهلائي ڇڏيان پوءِ پاڻ گم ٿي وڃان. صبحءَ اخبار ۾ هن جو نالو، پتو، ٻولي، قوميت پڙهي، مان پاڻ جيئڻ جو ساهس ماڻيان!؟. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟. ڇا مان ڪانئر آهيان؟- ڪجهه خيال مِنهنجي ٻت مان سيسرات ڪڍيو ڇڏين. اهو ته سنو ٿيو مون زال ۽ ٻار اڳ ۾ ئي ڳوٺ موڪلي ڇڏيا. زال ۽ ٻار هتي هجن ها ته-!؟ اُن ڏينهن آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ ئي ته ڳالهه ٻي ڪئي ته هُنَ گروهه جا فسادي سنڌس ڪنهن

مائٽ جي گهر ۾ گهڙي پيا هئا ۽ گهر جي عورتن کي بي عزتو ڪيو هئائون. مون اُن پل ئي جسم مان ڊسمبر جي سرد هوا کي ڦيريون پائي لونءِ لونءِ مان لنگهندو محسوس ڪيو هو. هو جي منهنجي گهر ۾ بہ گهڙي پون!؟. مون کي ڪرسيءَ سان ٻڌي، منهنجي ئي سامهون منهنجي زال ۽ ڌيءَ جا ڪپڙا سنگينن جي نوڪ سان ليڙون ليڙون ڪري وجهن ۽ ڪتن جيان هنن ڪي-!!

منهنجي زال جو ننگو جسم.

منهنجي ڌيءُ جو ننگو جسم.

مان هيڊ ڪلارڪ جي آفيس مان ڇڻ ڊوڙندو ٻاهر نڪتو هئس. اهڙو وقت آيو تہ مان ڇا ڪندس!؟ زال ۽ ڌيءَ کي، هنن جي هٿن ۾ پهچڻ کان پهرين ئي شوٽ ڪري ڇڏيندس. تڏهن آخري نهار هو مون تي ڪيئن وجهنديون؟ مون کي ڪيترين فلمن جا منظر ياد اچن ٿا جن ۾ مڙد جي سامهون هن جي زال/ ماءُ/ ڀيڻ/ ڌيءُ کي ننگو ڪيو ٿو وڃي. نيڻن ۾ ٻدل مڙد رڙيون ڪري ٿو. ڦٿڪي ٿو. اکيون ٻوٽڻ چاهي ٿو پر هو هن جي جسم کي ايذاءُ ڏئي اکيون کولڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. اُهو ڀوائتو منظر ڏسڻ لاءِ ٿا مجبور ڪن، جنهن کان موت وڌيڪ بهتر سزا آهي. نہ چاهيندي بہ پاڻ کي اهڙن منظرن جي فريم ۾ ڇڻ فڪس ڪرڻ جو تصور ٿو ڪريان. پنهنجي ئي تصور ۾ رڙيون ٿو ڪريان. ڪنڌ ٿو هڻان. ڪرڙيءَ جيان ڦٿڪان ٿو.

منهنجين اکين جي سامهون هر هر منهنجي زال ۽ ڌيءَ جو ننگو جسم-

منهنجين اکين ۾ ڪنڊا اُڀري ٿا اچن.

منهنجي سڄي جسم تي ڪنڊا ٿا اُڀري اچن.

مون کي ڪنڊا چڀي رهيا آهن ۽ مان اُنهن جو چڀڻ ايذاءُ وانگر ٿو محسوس ڪريان. پگهر ۾ شم ٿي ٿو وڃان. منهنجن پيرن هيٺان قبرون ئي قبرون وچايل آهنُ. هر قبر ۾ رڙيون، دانهون، سڏڪا پوربل آهن. منهنجا پير هوريان هوريان/ تيزيءَ سان انهن قبرن ۾ لهي رهيا آهن. لائٽ آف ٿي وئي آهي يا منهنجن اکين ۾ اُونداهي آهي؟

ايذي اُونداهي!؟؟.

مان پنهنجي پاڻ کي ان اُونداهي ۾ ڳوليان ٿو. هٿوراڙيون ڏيان ٿو. نيٺ بہ کٽ تائين پهچي، پنهنجي ئي لاش مٿان ڦان ٿي ڪِران ٿو. کٽ تي پيل منهنجو ئي لاش مون کي ہِڪ وجهي سنڀارڻ ٿو چاهي سمهي پؤ. انهيءَ ۾ ئي

عافيت آهي تہ سمهي پؤ. .مان سمهڻ نٿو چاهيان. جاڳڻ ٿو چاهيان، جيسين تائين مون ۾ جاڳڻ جي سگهہ آهي. ايذاءَ کي محسوس ڪرڻ جي لذت منهنجو پيڇو نٿي ڇڏي. مان شايد ايذاءَ پسند ٿي پيو آهيان. نہ، ايذاءَ جو عادي ٿي پيو آهيان. ايذاءَ جو عادي ٿيڻ ۽ ان کي قبولي وٺڻ، چرس، آفيم، مينڊريڪس ۽ هيروئن جي نشي جي عادي هئڻ ۽ ان تي ٽِڪڻ برابر آهي. ايذاءَ کان نجات پائڻ لاءِ مون کي روئڻ گهرجي. زور- زور- سان، هسٽيريا جي مريض عورت جيان رڙيون ڪري روئڻ گهرجي. ننڍپڻ ۾ رنو هوندس پر ان ڪانپوءِ مان رنوئي ڪونہ آهيان. هاڻي مون کي روئڻ گهرجي. پر مون وٽ روئڻ جو ڪارڻ بہ ڪهڙو آهي؟ ڇا لڙڪ ايندا منهنجبن اکين ۾!؟ ڪو اهڙو منظر ياد ڪريان جيڪو مون کي رئاري سگهي. ڪهڙو اهڙو منظر ٿي سگهي ٿو؟ ماءُ جي مرڻ جو منظر؟ نہ، پيءُ جي مرڻ جو منظر! نہ، اُهو منظر جڏهن پاءُ ڦوهہ جوانيءَ ۾، مئل حالت ۾ گهر کڄي آيو هو ۽ ماءُ ڇاتي ڪُٽي، پار ڪڍي رني هئي. مون کي ماءُ جا اُهي اکين ۾ پرجي ايندڙ پار بہ ياد آهن پر ان پل بہ مان رنو ڪونہ هئس. پٽ کي ٽيڪ ڏئي بيٺي مون کي لڳو هو تہ مان بہ ان پٽ جوئي هڪڙو حصو آهيان. سيمنٽ، ريتي، بجريءَ مان اڏيل وجود. ان ئي منظر کي ياد ڪري روئان. پر روئڻ اچي ئي نٿو. مان ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهان. روئي نٿو سگهان. پنهنجي مرضيءَ جو موت نٿو مري سگهان. رڙيون نٿو ڪري سگهان. ڪنهن کي سڏ نٿو ڪري سگهان. ٻاهر نڪري نٿو سگهان. ٻاهر؟ شايد هاڻي ڪرفيوءَ ۾ وقفو ٿيندو ئي ڪونہ. ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ بند، پئي پئي مري نري ويندا. شايد مري بہ ويا هجن!! ڇا اسان کي ڪنهن گڏيل قبر ۾ پوريو ويندو!؟ رنگ، نسل، مذهب، قوم، ٻولي، نظرئين ۽ اختلافي نقطي کان هٽي ڪري، ڪوٺيل اجتماعي قبر. اجتماعي جنازي نماز. خبر نہ پوندي تہ ڪهڙا لاش هن گروهہ جا آهن! ۽ ڪهڙا لاش هُن گروهہ جا آهن! لاش!؟ هيءَ بوءِ ڇا جي آهي؟ جيئري ماڻهوءَ جو ماس سڙڻ جي بوءِ! مان ساهہ کڻان ٿو. بوءِ منهنجي نڙيءَ ۾ ڪنڊي جيان اٽڪي ٿي پوي. مان گهرا گهرا ساهہ کڻي بوءِ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. هيءُ ڪهڙي گروهہ جي ماڻهوءَ جي ماس جي بوءِ آهي. هِن گروهہ جي يا هُن گروهہ جي!؟ ڪٿ تي پيل منهنجو لاش ٿهڪ ڏئي کلي ٿو. نہ سڃاڻي سگهندين- نہ سڃاڻي سگهندين- ها- ها- هو- هو- هي- هي- ٻاهر وري فائرنگ شروع ٿي وئي آهي. ماڻهوءَ

جو ماس سڙڻ جي بوءِ ڇتو ڪندي ٿي وڃي مون کي. منهنجي دروازي تي منهنجو پاڙي وارو پوريءَ سگهه سان هٿ هڻي رهيو آهي. در کولڻ لاءِ رڙيون ڪري چئي رهيو آهي. در کوليان؟ ٿي سگهي ٿو هو پناهه چاهيندو هجي! ٿي سگهي ٿو هو مون کي مارڻ چاهيندو هجي. در کوليان؟- نه، نٿو کوليان مخالف گروهه جو ماڻهو آهي، پڪ ته مون کي مارڻ چاهيندو هوندو. کوليان ٿو پلا. آخر به ته ماڻهو آهي. ٿي سگهي ٿو پناهه چاهيندو هجي. کوليان؟ نه- نٿو کوليان- ها- نه-!؟- نه- ها-؟؟؟. ●

# تتو تن تنور جنءِ

+ گهڻن سالن کانپوءِ مليا آهيون.؟

– الاءِ!!. مون تہ سالن کي آڱرين تي ڳڻڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي.

+ مان سوچيندو هئس تہ شايد مان ئي هڪڙو بدلجي ويو آهيان پر هينئر ڏسان ٿو تون بہ اُها ساڳي نہ رهي آهين. جهڙا نشان منهنجي چهري تي آهن، اهڙا ئي نشان تنهنجي چهري تي بہ آهن. شايد مختلف حالتون بہ نشان هڪجهڙا ئي ڇڏينديون آهن!!

– پيڙا کي، ماڻهو پوڄي تہ ساڳي ئي نوع ۾ ٿو.

+ ها. انهيءَ پوڄڻا وقت کان ڀهرين ئي پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي توکي بہ ۽ مون کي بہ. اڃن وارن ۽ چهري جي نشانن ۾ ڪم کان وڌيڪ حالتون انوالوَ هونديون آهن.

– منهنجا وار تہ توکان بہ وڌيڪ اڇا ٿي ويا آهن ۽ چهري جا نشان بہ توکان وڌيڪ گهرا. ڇا مون توکان وڌيڪ پوڄيو آهي!!؟

+ ڪير ڄاڻي، ڪنهن، ڪيترو ۽ ڪنهن کان وڌيڪ پوڄيو آهي!!. هاڻي مان سوچيندو آهيان، هيترا سال گذرڻ کانپوءِ تہ ڇا بس اها ئي هئي منهنجي حصي جي زندگي!!؟. ان کان وڌيڪ/ ان کانسواءِ ڇا ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو/ آهي، ٿيڻ لاءِ!؟.

– ٿي سگهي ٿو ان کان اڳتي بہ اڃا ڪجهہ هجي!!

+ ان کان اڳتي ڇا ٿي سگهي ٿو! باقي موت جو تجربو ئي تہ رهجي ويو آهي ٿيڻ لاءِ ۽ اُهو ڪيترو سياويڪ/ اسياويڪ آهي، مرڻ کانپوءِ اهو سوال بہ بي معنيٰ آهي ۽ مان ان نتيجي تي پهتل آهيان تہ سڀ ڪجهہ بي معنيٰ آهي.

– تڏهن تون اهڙيون ڳالهيون نہ ڪندو هئين!!؟

+ تڏهن مان ڪنهن بہ نتيجي تي پهتل نہ هئس.

– ...!!-؟-؟-!

+ ... ...!-!-؟-!!

- پيو!؟

+ پيو- چا-!!

- اهي- وچ وارا سال چا ڪندو رهيو آهين؟

+ گهڻو ڪجهہ!!/ ڪجهہ بہ نہ. شايد گڏهہ جيان بار ڍوئيندو رهيو آهيان جيڪو مون پاڻ پنهنجي لاءِ چونڊي ڪونهي ڪنيو پر مون تي مڙهيو ويو آهي بي وس ڪندڙ حالتن هٿان.

- تو لفظ "شايد" استعمال ڪيو. ڇا تون انهن حالتن لاءِ پنهنجي ذهن ۾ اڃا تائين ڪليئر ناهين!؟

+ نہ، حالتن لاءِ تہ مان ڪلير آهيان تہ اُهي ذليل ڪندڙ ۽ مڙهيل آهن پر مان اِن لاءِ واضع ناهيان تہ مان ڪهڙي جانور طور استعمال ڪيو ويو آهيان/ ڪيو پيو وڃان!؟ گهوڙو؟/ گڏهہ؟/ ڪتو؟

- !!-؟!!- - - -!

+ - - - - - - - - - - - -

- مون اهو ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو تہ وري جيڪڏهن، ڪڏهن، ڪنهن موڙ تي حادثاتي طرح سان ٿي سهي، ملياسون تہ ڳالهائڻ لاءِ اسان وٽ لفظ نہ هوندا، زهر هوندو يا هر هر وچ تي، مٿو ٽڪرائڻ لاءِ سانت جي ديوار اچي بيهندي !!

+ اسان جيڪو ڪجهہ سوچيندا آهيون، اُهو ڪونهي ٿيندو ۽ جيڪو ڪجهہ سوچي بہ نہ سگهندا آهيون، اُهوئي پيو ٿيندو آهي. انهن ٻنهي احساسن جي وچ واري وٿيءَ تي جيڪو خلا آهي، اُنهيءَ ۾ پنڊولم جيان لٽڪندي، هر لنگهندڙ لمحي سان مٿو پيا ٽڪرائيندا آهيون.

- تلخ ٿي ويو آهين!؟

+ تون تلخ نہ ٿي آهين!؟

- مون ڪوشش ڪئي آهي سدائين تہ مان تلخ نہ ٿيان. ظاهري طرح سان ائين ڪرڻ ۾ شايد سڦل بہ وئي آهيان- پر- اندران-

+ مان اهو نٿو پڇان تہ ظاهري طرح سان تو ڪيئن زندگي گذاري آهي!؟. ڇاڪاڻ تہ هن سماج ۾ سيئي عورتون هڪ جهڙي ئي زندگي گذارين ٿيون ظاهري طرح سان. جبنئيس عورتون بہ ۽ جاهل عورتون بہ. اُنهن کي ساڳي نوع ۾ ئي تہ استعمال ڪيو ٿو وڃي. ساڳي طرح سان هو رک ٿين

ٿيون. بس اُنهيءَ رک کي هرڪا پنهنجيءَ پنهنجيءَ پيڙا جي شدت هيٺ، الڳ الڳ پوڄنا سان ميڙي ٿي.

– جڏهن ايترو ڪجهه ڄاڻين ٿو، تڏهن ڇا تو پڇڻ چاهين مون کان؟

+ تنهنجي اُها پيڙا/ پوڄنا، جيڪا تنهنجي ظاهر جي نه، اندر جي وارتا آهي.

– پڏائڻ کي ڪهڙي معنيٰ آهي؟

+ معنيٰ ڪنهن کي به ناهي. اسان بي معنيٰ آهيون، اهو ته ڏک آهي. ڪيترن سوالن کي جوابن جي معنيٰ نه گهربي آهي پر اُهي ڪيترا سوال، اُنهن کان به وڌيڪ پيڙهيندڙ سوالن کي پڇڻ لاءِ پڇيا ويندا آهن.

– !!؟؟

+ ؟

– گذريل سمورا سال گذارڻ ڪانپوءِ، هاڻي سوچيندي آهيان، مان پاڻ انهن سمورن سالن ۾، انهن ۾ سرجندڙ طويل ڪهاڻيءَ ۾، ڪٿي هئس !؟ ڪهڙي ڪردار جي روپ ۾!؟ مون هر صفحي تي سوچيو، شايد اها ئي ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي آهي پر صفحو اُٿلائڻ ڪانپوءِ خبر پئي ته نه اڃا به اڳتي. اڃا به اڳتي. نيٺ اهوئي ڄاتم ته ان ڪهاڻيءَ جو ڪلائمڪس آهي ئي ڪونه. منهنجو پنهنجو ڪردار (؟)، ڪردارن جي هجوم ۾ ائين وڃايو آهي جو آرسيءَ ۾ اچي بيهان به ته نٿو لڀيم. آرسيءَ ۾ ته سدائين، الاءِ ڪير، ٿڪل، ٽڪجي چور ٿيل اڌڙوٽ عمر جي عورت ملي. مون مرڪڻ چاهيو به ته اُها عورت مرڪي نه سگهي. مون کي ته ائين به لڳو ته اجهو، هن پل هوءَ روئي ڏيندي پر هوءَ زني به ڪانه. بي جان بُت جيان، پراڻي ورثي ۾ مليل شوپيس جيان بيٺي ئي رهي، ڪڏهن گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾. ڪڏهن ڪنهن ڪنڊ ۾. ۽– اڃا– تائين– ائين ئي– آهي.

+ تون سچ پچ ته وڃائجي وئي آهين!

– تون– نه– وڃايو– آهين؟

+ نه، نه وڃائجڻ ڪاڻ، اها ڄاڻ هئڻ ڪاڻ ته مان آهيان/ ڪير آهيان ۽ پنهنجي مرضيءَ خلاف، ڪنهن بي جي ماپ جي قبر ۾ پوريو ويو آهيان اهڙيءَ ريت جو منهنجا گوڏا ميخن جيان منهنجي ئي پيٽ ۾ گهڙي ويا آهن– ۽ اهڙن انيڪ ڪارڻن ڪاڻ مان زندگيءَ کي پوڄيان پيو، جيڪا مون لاءِ + - ÷ x جي

سوالن جيان تي پئي آهي ۽ مان انهيءَ طبقي مان آهيان جنهن جي ذهن ۾ مابرن
ڪمپيوٽر فٽ ڪيو ئي ڪونهي ويو/ نه ئي ملڪ جي بجيٽ ۾ يا پاليسيءَ ۾
ان لاءِ ڪا گنجائش رکي وئي آهي. ان ڪري ظاهر آ ته مون وٽ انهن کي
سلڻ جا وسيلا ڪونه آهن. جيئن تون چاهيندي آهين ته ڪتي، آرسيءَ ۾ يا
گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ توکي پنهنجو پاڻ ليي پوي تيئن مان سوچيندو آهيان
ته ڪاش مان وڃائجي وڃان/ وڃائجي سگهان، پنهنجي پاڻ کان ۽ ٻين کان به.

- هن پل سارڻ لاءِ ڇا اسان وٽ ساروٽا به ڪونه آهن؟ ڇا اسان هن پل
کانپوءِ ٻيهر جدا ٿي، ٿڙو ٿڙو زهر پيئڻ لاءِ ئي ٻيهر گڏجي ويٺا آهيون، ڪجهه
دير لاءِ ئي سهي؟

+ اسان شعوري طرح سان ته نه مليا آهيون. نه ئي شعوري طرح سان
ملڻ ممڪن ئي آهي. زندگي/ حالتن ۾ هن موڙ تي اسان کي جهڙي شڪل ۾
ڦٽو ڪيو آهي، اُنهيءَ ۾ ئي حادثاتي طرح سان هڪ ٻي جي سامهون اچي بيٺا
آهيون. تون جيڪڏهن مون کي فرصت جي انهن ڪجهه لمحن بدران آفيس ۾
ملين ها ته شايد مان فائلن جو ڍير ڏوئيندو، ڪتي وانگر باس جي ٽيبل جي
آس پاس نوس نوس ڪندو توکي نظر اچان ها. شايد توکي سڃاڻڻ کان ئي
انڪار ڪيان ها يا تون ئي ائين ڪرين ها. توکي ڪانهي خبر، پر مان توکي
ٻڌايان ٿو. ڪجهه سال پهرين سول هسپتال جي ڊاڪٽرن تي تون مون کي ملي
هئينءَ. منهنجي زال زندگي ۽ موت جي وچ واري وٿيءَ تي آپريشن ٿيٽر ۾ پئي
هئي. ان پل مان ايڏو اوپرو هئس پاڻ لاءِ به جو توکي ڏسي هڪ ڪن جي
چرڪ ڪانسواءِ ڪائي ياونا نه اُبري هئي منهنجي من ۾. انهيءَ يوَ کان ته متان
تون مون کي سڃاڻي وٺين مون پٺ ڏانهن چهرو ڦيرائي ڇڏيو هو ۽ تون بنا مون
کي ڏسڻ جي هيٺ لهي وئي هيئين.

- ها ــ ياد اٿم. توکي ڪانهي خبر پر توکي ڏٺو به هئم ۽ سڃاڻي به
ورتو هئم. مان هيٺ لهي رهي هيس ۽ تون مٿي چڙهي رهيو هئين (مون کي ته
ائين ٿو لڳي ڄڻ زندگي ائين ئي لنگهي آهي/ لنگهي ويندي. مان لاڳيتو هيٺ،
اڃا هيٺ، اڃا به هيٺ لهي رهي آهيان ۽ تون مسلسل مٿي چڙهي رهيو آهين/
چڙهندو پيو وڃين. نه تون ڪڏهن آخري فلور تي پهچي سگهندين نه ئي مان
ڪڏهن گراؤنڊ فلور تي پهچي سگهندس. اُن پل مون تنهنجو نانءُ به اُچارڻ
چاهيو هو پر پوءِ الاءِ ڇو مون کي وڌيڪ بهتر اهوئي لڳو هو ته اسان اوپرا

ٻڄي پر مان لنگهي وڃون. جنهن ديوار ڏانهن تو رخ ڦيري ڇڏيو هو. اُن جي سامهونءَ واري ديوار ڏانهن مون بہ چهرو موڙي ڇڏيو هو.

+ ... .../- -!

- ... ... ....!!

اسان ڪهاڻين جون پڇاڻيون ڳولهي رهيا آهيون. ڳولهي ڳولهي تڪجي پيا آهيون. تڪجي پوڻ ڪانپوءِ بہ ويهي رهڻ تي اسان کي اختيار ڪونهي. جنهن ڏڳهي سڙڪ تي، نجاڻ ڪير مون کي براپ ڪري ويو آهي، اُنهيءَ تي ڪنهن بہ گهاٽي ٻڙ جي ڇانوَ ڪانهي. ڪائي بينچ ڪانهي. منهنجي حصي ۾ زندگيءَ جي سمورن فوٽوگرافس جون نيگيٽو ڪاپيون آيون. نيگيٽو ڪاپين کي روشنيءَ ۾ جهلي ڏسو تہ سمورا چهرا ڇڻ ڦاٽڻ جو روپ ڌاري بيهندا. مون کي جيڪڏهن منظر بدنما ٿا نظر اچن تہ ان ۾ منهنجو ڪوئي ڏوهہ ڪونهي. مون کي بيهاريو ئي منظرن جي اهڙي رخ تان ويو آهي جتان اُهي بدنما ٿا نظر اچن. تون چوندي هيئنءَ، سيئي چوندا آهن تہ چنڊ زرد آهي. مون انيڪ ڀيرا پاڻ کي ويساهہ ڏيارڻ چاهيو تہ چنڊ زرد ئي آهي پر نجاڻ ڇو/ نجاڻ ڪيئن مون کي چنڊ نيرو ئي ٿو نظر اچي. آسمان جي رنگ کان بہ گهرو نيرو. ائين گهڻو ڪجهہ اُهين ناهي جيئن پيا ٿا ڏسن/ نٿا ڏسن. مون وٽ ٻين جون اکيون ناهن يا ٻين وٽ منهنجون اکيون ناهن يا اکيون آهن ئي ڪونہ. مان گهاٽي جو ڦاند آهيان شايد!! مان ڪهڙي رستي کان اِن دائري ۾ گهڙيو هئس ۽ ڪهڙي رستي کان ٻاهر نڪري سگهان ٿو؟ مان بس اکين تي کوپا چاڙهيو ڦِري رهيو آهيان. اُونداهي منهنجين اکين ۾ ڏند ٿي ڪرٽي. مان بس اُن جي ڏند ڪرٽڻ جو آواز ٿو ٻڌان. تون هئينءَ، مان هئس، خواب بہ هئا. خواب!!؟؟. مان پتلون جا کيسا ڇڪي ٻاهر ڪڍان ٿو. مهيني جي پڇاڙڪين تاريخن جا خالي کيسا يا شناختي ڪارڊ (مان ان ڪارڊ جي وسيلي ئي تہ آهيان سرڪاري طرح سان. سرڪاري لسٽ تي لکيل. شخصي حيثيت ۾ ڇا مان آهيان بہ؟ شناختي ڪارڊ تي منهنجو فوٽو چنبڙايل نہ هجي ها تہ ڇا منهنجو چهرو سڃاڻپ جوڳو هجي ها!؟) ان کانسواءِ بجلي، گيس، پاڻي ۽ دوائن جا بل. اينڊڙ مهيني لاءِ لسٽ، اٽو، چانور، گيهہ، دال، کير، چانهہ وغيره وغيره وغيره. زندگيءَ ۾ اهي ئي بہ لفظ پنهنجيءَ معنيٰ سان بچيا آهن، وغيره وغيره. ساڳي کيسي ۾ پيئل ٻارن جي اسڪول فِي جو آخري نوٽس، جنهن ڪانپوءِ انهن جو نالو بہ ڪٽجي سگهي ٿو.

انهن سيني مان تنهنجا ساروڻا، خواب نجاڻ ڪٿي ۽ ڪهڙي پل مون کان ڪبي ويا آهن. گهر ڪنهن روبوٽ جيان موٽندو آهيان. هوءَ به ڪنهن روبوٽ جيان انتظار ڪندي ملندي آهي، منهنجو نه پر ان جو ته جيئن مون کي ماني گرم ڪري کارائي، آخري ٿانوَ ڌوئي سمهي. ان ڪانپوءِ مشيني انداز ۾ ڪوري ڪاڳر جهڙي ڇهري سان ساڳي بستري ۾ گهڙي ايندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن، جيڪڏهن ٽڪجي چور ٿيل جسم ۾ اجا ساهه جي ڪائي لهر باقي هوندي آهي ته بک جي ڪنهن احساس هيٺ مان هن کي چڪي پاڻ ڌلنهن ڪندو آهيان. پر هن جي ته بک ئي مري وئي آهي. ڪيس بک نه لڳڻ جي چڻ بيماري ٿي پئي آهي. سمنڊ جي ڪائي لهر سندس جسم مان نٿي اُٿي. بيڻل پاڻيءَ جيان ٿي پئي آهي. هر سال جڏهن يورن ربورٽ ڏسڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر ڪيس گرپ وتي هئڻ جي نيوز ڏيندي آهي، اُن رات مون لاءِ هن جي نهار ۾ ڏاڍو ڏڪار هوندو آهي. مان پاڻ گِلتي محسوس ڪندو آهيان. هن جي اکين ۾ اکيون وجهي نهاري نه سگهندو آهيان. هاٿي گذريل انيڪ سالن کان سڀ ڪجهه ائين ئي ورجائجي رهيو آهي. اسان ٻئي هاٿي ويٽنگ روم ۾ ويٺل ٻه اجنبي مسافر آهيون ڄڻ جن جي ٽرين هنن کان نڪري وئي هجي. شايد ٻي ٽرين ايندي به ڪانه. واپسيءَ جا رستا به ته برف سان ڍڪجي ويا آهن. هوءَ به ته گهاٽي جي ڏاند جيان آهن. اکين تي ڪوپا چاڙهيو ڦري رهي آهي منهنجي ڇوڏاري. گول ۽ مسلسل. نجاڻ هن ڪڏهن خواب ڏٺا به هئا يا نه!! نجاڻ هوءَ ڇا سوچيندي هوندي ! بظاهر ته هوءَ ڄڻ ڪوما ۾ آهي سالن کان. گهر کان نڪري مان ساڳين رستن تان لنگهندو آهيان جتان ڪڏهن تون ۽ مان گڏ لنگهيا هئاسون. هاٿي ته اُهي رستا مون لاءِ هر لنگهندڙ ڏينهن ڪانپوءِ اوپرا ٻٽبا ٿا وڃن جيتوڻيڪ مان روز اُتان لنگهان ٿو ۽ لنگهندو رهندس. تنهنجا ساروڻا منهنجو رستو روڪي به ڪيئن بيهن!!. گهر کان آفيس ويندي دير ٿي وڃڻ جو خوف شڪاري ڪتي جيان منهنجي بوءِ سونگهيندو پيڇو پيو ڪندو آهي ۽ ان خوف جي پويان ٻيا ڪيترائي ساهه چوسيندڙ خوف. باس جي هٿان ذليل ٿيڻ جو خوف. منهنجي انتظار ۾ پيل فائلن جو ڍير. باس جي ڪمري کان منهنجي ٽيبل تائين نڪتل سڏي ليڪ ۽ ان ليڪ تي ساندهه اٺ ڪلاڪ هيڏانهن کان هوڏانهن ۽ هوڏانهن کان هيڏانهن گڏهه جيان اچ وڃ، اچ وڃ. ان هوندي به روز نوان سرڪيولر، روز نيون وضاحتون، معذرتون ۽ نتيجي ۾ اندر، منهنجي

وجود جي گنبذ ۾ پَر هٽندڙ پاربل جيان زخمي ٿيندڙ Ego جنهن کي مان هر لمحي نيري نپري سمهارڻ چاهيندو آهيان. واپسيءَ تي به ساڳين رستن تان لنگهندو آهيان جتان ڪڏهن تون ۽ مان لنگهيا هئاسون. واپسيءَ ۾ جڻ سرد لاش هوندو آهيان ۽ اُن لاش کي گهر پهچي پٽ تي ٽنگي چڏڻ لاءِ اتاولو ٿي اُچا به تکيون وکون کڻندو آهيان. سچو وجود ميزڄي پيرن ۾ پيل بوٽن ۾ سمائجي ويندو اٿم. تنهنجا خط سال ٿيا ڪونه پڙهيا اٿم. نجاڻ اسٽور ۾ رکيل ڪوڪن مان ڪهڙي کوکي ۾، ڪتابن هيٺ دٻائي ڇڏيا هئم. ڪجهه ڏينهن پهرئين منهنجي زال چيو پي ته اسٽور ۾ پيل ڪتابن کي اڏوهي کائيندي ٿي وڃي. ڪا دوا چو نٿو وجهين ! چيم، پهرين تاريخ تي ڪوشش ڪندس. تلخ نوع ۾ چيائين، پهرين تاريخ ايندي ئي ڪڏهن آهي!؟ تنڊ ڪانه ايندي اٿم بنا ڪنهن احساس جي. سڄي رات سوچيندو آهيان ڇا صبح ٿيندو!؟ چنڊ زرد آهي يا نيرو!؟ اڄ ڪهڙي تاريخ هئي!؟ ڪهڙو ڏينهن هو!؟ رات ڪيڏي ڊگهي آهي!!؟ رات ڪٿي چو نٿي!؟ بيهجي ويل هوا ڪاڻ گهٽ، ٻوسٽ، پگهر ۾ شم ٿي ويل جسم ۽ سڄي رات پراڻي کٽ جا چرڙاٽ. شايد هن پاسي ننڊ اچي!!، شايد هن پاسي ننڊ اچي!. منهنجي ياداشت ڪمزور پوندي ٿي وڃي. نجاڻ ڪيترو ڪجهه سارڻ چاهيندو آهيان پر جڻ ڪاغذ تي ڪو لفظ لکجڻ بدران مس هارجي پوندي آهي. منهنجي چئني پاسي ماڻهن جا ايڏا هشام آهن جو مان ڪلي ساهه به نٿو کڻي سگهان. نه، منهنجي چئني پاسي ايڏي رڳون چڪيندڙ تنهائي آهي جو منهنجو ساهه ٿو گهُٽجي. الاءِ تو ۽ مون ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون هيون! الاءِ اُها ڪهڙي تاريخ هئي، جڏهن پهريون پيرو مليا هئاسون!؟ الاءِ اُها ڪهڙي تاريخ هئي، جڏهن آخري پيرو مليا هئاسون ۽ اُهو آخري جملو ڪهڙو هو جيڪو تو مون کي چيو هو ۽ جيڪو مون توکي چيو هو، نجاڻ اُهو آخري جملو ڪهڙو هو!!؟؟

– ... ... !!... ... !/؟...

+ تون ڪافي نٿي پئين!؟ اها ٻي ڪافي آهي جيڪا تو ائين اڳيان رکي رکي ٿڌي ڪري ڇڏي آهي!

– ها. ائين اڪثر ٿيندو آهي. چاهن يا ڪافيءَ جي سخت ٻاڙ محسوس ٿيندي اٿم پر جڏهن اڳيان ايندي آهي ته ائين ئي اڳيان پئي پئي ٿڌي ٿي ويندي آهي.

+ شايد، گهڻو سوچيندي آهين؟

– گهڻو سوچيندي هئس پر پوءِ سوچڻ ڇڏي ڏنم يا شايد سوچ جي سڃائپ ئي وڃائجي وئي مون کان!! مون کي لڳو، مون کي ايترو سوچڻ نه گهرجي. سوچڻ ڪانپوءِ، گهڻو ڪجهه اهڙو آهي جنهن سان مان سهمت ٿي نٿي سگهان. چاهيندي به نه. جڏهن ته مون کي اُنهيءَ سموري سان سهمت ٿي وڃڻ گهرجي.

+ تڏهن، جڏهن تون ۽ مان اٿين ئي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڳالهيون ڪندا هئاسون. جيتوڻيڪ ڇڻ جڳ لنگهيا اُنهيءَ کي، پر مون کي هينئر ياد اچي ٿو. گهڻو ڪجهه اهڙو هوندو هو جنهن سان تون سهمت نه هوندي هئينءَ.

– ها. جڳ لنگهيا اُنهيءَ کي. پر اسانجي سهمت هئڻ نه هئڻ سان ڇا ڪوئي فرق پوي ٿو!!؟؟– ان سان اسان جي شخصي سزا ۾ ڇا ڪائي ڪمي اچي ٿي!؟

+ Compromise؟

– Compromise جي سسٽم هيٺ جيئان ٿي. اهو جيئڻ پاڻ پنهنجي اندر سمجهوتو ئي ته آهي. جيتوڻيڪ سوال اهو ناهي ته مان ظاهري زندگي ڪيئن گذاريان ٿي پر سوال به اهو ئي آهي ته مان ظاهري زندگي ڪيئن گذاريان ٿي!؟

+ هڪڙي ڳالهه پڇان توکان؟

– پڇ.

+ تون ۽ مان، جيڪڏهن گڏجي زندگي گذاريون ها. ڪنهن هڪڙي ئي اڱڻ تي. تڏهن شايد ايترا وڪريل نه هجون ها، جيترا هينئر آهيون؟

– تڏهن ڇا دنيا به بدلجي وڃي ها!؟

+ پر دنيا کي پنهنجيءَ اک سان ته ڏسي سگهون ها نه!؟

– تڏهن به ته ان ساڳي سماجڪ سسٽم هيٺ رهون ها نه ۽ آخرڪار اک ۾ ڦلو پئجي وڃي ها. تون اٿين ئي خارجي حالتن جون ذلتون صليب جيان ڪلهن تي کڻيندو گهر موٽين ها ۽ مان اهڙي ئي مشين هجان ها/ اڄ هنن حالتن ۾ به اهڙي ئي مشين آهيان، جهڙي تنهنجي زال آهي.

+ ها شايد اٿين ئي هجي ها/ نه به هجي ها!! هن مشيني دور جي ڦيٿي ۾ ڦرندي ڦرندي اسان ۾ به ته مشيني خصلتون اچي ويون آهن. تون ۽ مان

انهيءَ ڦيٽي کان ڪيئن آجا رهي سگهون ها.

- [ هاڻي تہ پڇتاءُ جو احساس ئي ختم ٿي ويو آهي يا ائين سمجهہ تہ هر پڇتاءُ تي پڇتاءُ ٿيندو آهي. پڇتاءُ ٿيندو آهي پنهنجي ذهني/ جسماني شڪست تي پر پوءِ انهيءَ پڇتاءُ تي اهو پڇتاءُ ڀاري پئجي ويندو آهي تہ مون کي شڪست جي اثر وارتا تي نہ پڇتائڻ گهرجي. پڇتاءُ بہ تہ احتجاج آهي نہ!! انهيءَ سوال جو تہ ڳلو گهٽيل آهي تہ مان پنهنجي حصي جي زندگيءَ سان committed آهيان يا نہ!؟ وچ تي غير مشروط commitment رکيل آهي، منهنجي اُنهن سان جيڪي منهنجي حوالي سان آهن يا مان جن جي حوالي سان آهيان. نہ پر مان رڳو ٻين جي حوالي سان آهيان. حوالن جي پٺيان انيڪ حوالا آهن زنجير جيان. ڏگهي ۽ اڻ ڪٽ زنجير. هڪڙو سرو پولار ۾ ٻيو سرو پاتال ۾ وڃائجي ويل. رڳو وچ جون ڪڙيون آهن. ڪنهن ڪڙيءَ ۾ پير ڦاٿل آهي، ڪنهن ۾ هٿ ڪَڙايون ۽ ڪنهن ۾ گردن جڪڙيل آهن. آڳنڌ جي ديوار تي ڪانءُ ويهي ٻوليندو آهي. مون کي اُن ۾ پنهنجي معنيٰ نظر ايندي آهي هڪڙي بي معنيٰ، معنيٰ. مان بہ شايد آڳنڌ جي ديوار تي ويٺل ڪانءُ آهيان!! منهنجا پير انهيءَ ديوار تي ائين ڄمي ويا آهن جو انهن ۾ ديوار کان اُکڙي الڳ ٿيڻ جي ڪامنا ڪن لاءِ بہ نٿي هُري. عجيب سڀنڌ آهي ٻنهي جو!! ڪڏهن اهائي ديوار ڇڪجي مون کان بہ متي، اڃا بہ متي تي بيهي رهندي آهي. ايترو متي جو مون کي پنهنجو پاڻ اُن ننڍڙي ماڪوڙيءَ جيان ڀاسندو آهي، جيڪا مسلسل ديوار جي آخر تائين پهچڻ لاءِ جتن پئي ڪندي آهي ۽ هر ڀيري ديوار کيس پنهنجن پيرن ۾ ڦتو ڪري ڇڏيندي آهي. ديوار جي آخر تي پهچندي بہ مون کي ديوار جو آخر نٿو نظر اچي. ديوار منهنجي لاءِ ڪڙي ڪئي وئي آهي يا مان ديوار لاءِ ڄنمي وئي آهيان!!؟؟ اهو سوال بس سوال آهي. شايد ان جو جواب آهي بہ ڪونہ. منهنجي وات تي ڪنهن ٻي جو هٿ رکيل آهي ۽ منهنجي آواز تي سانت جي اوساري ڪئي وئي آهي. اڪثر رات ڪيڏي گهري ۽ اُوندانهين ٿي ويندي آهي ۽ ڪيڏي عجيب ڳالهہ آهي تہ ان پل ظاهري طرح سان ڏينهن هوندو آهي. ڏينهن رات آهي يا رات ڏينهن!؟ دروازا کليل آهن يا بند!؟ ديوار آسمان ۾ ڪيئن وڃائجي وئي آهي!؟ ۽ مان ڇيلهہ تائين پاتال ۾ لٿل آهيان. اهو سمجهي سگهڻ ڪيڏو ڏکيو ٿي پيو آهي تہ منهنجو هيٺيون ڌڙ جيئرو آهي يا مٿيون ڌڙ!؟ مون کي تہ جسماني طرح سان پيڙا نٿي محسوس

ٿيئي جسم جي ٻنهي حصن ۾. مان پيڙا کي ڇو نٿي محسوس ڪري سگهان؟ مان گهر جي آڳنڌ ۾ رات جو اُگهاڙن پيرن سان، ٿڌي فرش تي هلي پاڻ کي محسوس ڪرڻ چاهيندي آهيان. اُن ڏينهن ٻه منهنجو مڙس مون کي ڪنهن سائيڪاٽرسٽ وٽ وٺي ويو هو. چيائين: ”منهنجي زال کي ننڊ ۾ هلڻ ۽ ڳالهائڻ جي عادت آهي. سائيڪاٽرسٽ مونٰ کي غور مان نهاري سوال منهنجي مڙس کان پڇيو هو: "Are you sure!! اوهانجي زال اُن مهل ننڊ ۾ ئي هوندي آهي، جاڳيل نہ!؟. ان سوال جو جواب هوئي ڪونہ. مان ننڊ ۾ آهيان يا جاڳيل؟. مون جنهن رات جنم ورتو، اُن ئي رات منهنجي ماءُ مون کي چيو هو، ڌيءُ!، خواب نہ ڏسجانءِ. پر مون خواب ڏٺا. سوئيٽر جيان هڪڙو هڪڙو ڪڻ خوابن جو مون پنهنجين آڱرين تي اُٽيو. هاٿي خوابن جو اُهو سوئيٽر اسٽور ۾، پيتين ۾ رکيل پراڻن استعمال ٿيل ڪپڙن جي هيٺ ڪٿي رهجي ويو آهي. مون هڪ لڱان اُنهن پيتين کي کولڻ ٻہ چاهيو پر اُنهن مان اُٿندڙ ڪافور جي گورين جي تيز بوءِ منهنجو ساهہ مٺ ۾ وٺي ڇڏيو هو. اهڙو ڪو احساس مون ۾ گهڙي آيو هو تہ ڄڻ مان قبرن جا ڍڪ کوليان پئي ۽ لاش سڙي بوءِ ڏيڻ لڳا آهن. خوابن کي ڇا ڪافور جون گوريون بچائي سگهن ٿيون. مشين جو بٽڻ جيئن آن ٿيو آهي، اُن ڪانپوءِ آف ئي نہ ٿي سگهيو آهي. آن ئي رهندو، فيوز اُڏامڻ تائين. اسان هڪ ٻي جي اکين ۾ نهاريندا ئي ڪونہ آهيون. اسانجين اکين واري جاءِ تي هاٿي ٻہ-گهرا غار آهن. انهن غارن جي اُونداهي سمنڊ وانگر اسانجي وچ تان وهي ٿي. ڀهرين گونگا ٿياسون، ٻوءِ ٻوڙا ٿياسون هاٿي انڌا ٿي پيا آهيون. هوريان هوريان جسم جي هڪ هڪڙي حصي کان ائين ڪٽبا ويندا سون. جيئن جيئن معذور ٿيندا ٿا وڃون، تيئن تيئن هڪ ٻي جي مجبوري ٻڌبا ٿا وڃون. گهر کان ٻاهر زندگيءَ جون گنديون ڳليون ٿهليون پيون آهن. ماٿهن پنهنجي پنهنجي حصي جو گند درن کان ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏيو آهي، ٻين تي مڙهڻ لاءِ. هرڪوئي پنهنجي حصي جي گند مان جان ڇڏائڻ چاهيندو آهي پر ٻين جي حصي جي گند مان گندو ٿي وڃي ٿو. هو ٻہ انهيءَ گند ۾ لت پت گهر موٽندو آهي. پاڻ آجو ڪرڻ لاءِ هو اهو گند اوڳاڇڻ چاهيندو آهي ۽ اسان جي وچ ۾ بوءِ ڦهلجي ويندي آهي. گند تہ منهنجي اندر ۾ ٻہ پربو ٿو وڃي. جنهن ٻہ وهڪري جي اڳيان ٻنڌ ٻڌجي تہ اُهو بوءِ ڏيڻ لڳندو آهي. منهنجي اندر جو وهڪرو ٻہ بيهي رهيو آهي پر مان پنهنجي اندر

جي گند کي اوڳاڇي نہ سگھي آهيان. ڏوھہ هن جو بہ ناهي. ڏوھہ منهنجو بہ ناهي، اسان بئي ان سسٽم اڳيان بي وس آهيون جنهن اسان کي هڪڙي ئي قبر ۾ پوري ڇڏيو آهي. قبر ئي تہ آهي. جنهن تي بيا مٿي وجهي هليا ويا آهن. اُهي ئي منهنجو مختارنامو مون کان ڦري هن جي کيسي ۾ وجهي ويا آهن. هو اُنهيءَ مختارنامي کي کيسي ۾ رکڻ لاءِ ۽ استعمال ڪرڻ لاءِ مجبور آهي. ان ڪانپوءِ ڪيترو ڪجھہ/ سيڪجھہ پاڻمرادو ڪوريئڙي جي ڄار جيان اُڻبو ويو آهي. هو سهمت آهي يا نہ/ مان سهمت آهيان يا نہ، ان سوال کي معنيٰ ڪانهي. هن ڏکوئجي ڇيو. تون آزاد ناهين تہ مان ڪهڙو آزاد آهيان. فرق اهو آهي تہ تنهنجو پڃرو سوڙهو آهي ۽ منهنجو پڃرو اُن جي پيٽ ۾ ٽوڙڙو ويڪرو ۽ بس. پَر نہ توکي آهن نہ مون کي. تون جيڪڏهن منهنجي وجود سان ٽڪرائجي پرزا ٿئين ٿي تہ مان بہ ڪنهن اڻ ڏٺي ديوار سان ٽڪرائجي پرزا ٿيان ٿو. زندگيءَ جي ان واهيات سسٽم کي بدلائڻ يا ٽوڙڻ ڇا تنهنجي اختيار ۾ آهي؟. ڇا منهنجي اختيار ۾ آهي؟ بس شعور ۽ سمجھہ جو اهو موڙ انتهائي نازڪ ٿي پوندو آهي، آرسيءَ جيان. هڪ ٻي جي جسمن تي لکيل صلح نامي تي پنهنجي پنهنجي صحيح ڪري نستا ٿي ڪِري پوندا آهيون. مان سوچيندي آهيان منهنجي زندگيءَ ۾ هن جي بدران جي تون هجين ها يا ڪو ٻيو هجي ها، هن جي زندگيءَ ۾ منهنجي جاءِ تي ڪا ٻي هجي ها تہ بہ سيڪجھہ بلڪل اهڙو ۽ ائين ئي هجي ها. شخصي مٿاسٽا سان اهو سڀ مٽجي تہ نٿو سگھي. تڏهن بہ جنهن رات مون پنهنجي ڌيءَ کي جنم ڏنو هو ان رات منهنجي ماءُ وانگر کيس خواب ڏسڻ کان منع نہ ڪيو هئم. بس اهوئي ڪري سگھي آهيان.]

+ ڌيءُ جي اڱرين تي تو پيهر خواب اڻڻ شروع ڪيا آهن؟

– ها خوابن جو سلسلو ٽٽڻ نہ گهرجي.

+ تون جنم کان. پڃري ۾ قيد پکيءَ کي ڪڏهن اُڏائي ڏنو آهي!؟.

پڃري مان نڪري بہ اهو پڃري کان هٽي پري نہ ٿيندو آهي اُڏامي نہ سگهندو آهي. پيهر پڃري ۾ موٽڻ چاهيندو آهي.

– مان هلان هائي. پڃري جو دروازو کليل ڇڏي آئي آهيان ۽ هوءَ اڪيلي هوندي.

+ پڃري جي چاٻي؟

– اُها مون سمنڊ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏي آهي ۽ دروازو کليل ئي ڇڏي ڏنو آهي. ●

# ناٽڪ (1947-1988ع)

[پرومي ٿيوس (Prome Theus) يوناني ڏندڪٿا ۾ دنيا جو پهريون باغي آهي. ان يونان جي سڀ کان سگهاري ديوتا زيوس جي ڊڪٽيٽرشپ کان بغاوت ڪئي ۽ هيٺ زمين تي پيل بي ڪار انساني مخلوق کي سگهاري ٿيڻ ۽ غلاميءَ جي شرمناڪ ذليل زندگيءَ تي سوڀ ماڻڻ جا راز ٻڌايا هئا جن مان هڪ آڳ جو استعمال به هو. موٽ ۾ پرومي ٿيوس تي، زيوس جو ڏمر نازل ٿيو ۽ ان جي آرڊر هيٺ، پرومي ٿيوس کي ڪوهه قاف پهاڙ جي چوٽيءَ تي زنجيرن سان ٻڌي، مٿس هڪڙي ڳجهه جي ڊيوٽي مقرر ڪئي وئي، جيڪا رات ٿيڻ تائين، سڄو ڏينهن پرومي ٿيوس جو ماس پٽيندي هئي. زيوس جو حڪم هو تہ جيسين تائين پرومي ٿيوس معافي نٿو گهري، تيسين ائين ڪيس انهي مسلسل عذاب ۾ مبتلا رکيو وڃي. پرومي ٿيوس ٽيهہ هزار سال اها سزا ڀوڳي. پرومي ٿيوس جي ڪردار کي سڀ کان پهرين مشهور يوناني ناٽڪ ڪار ايس ڪائي لس (Aeschylus) ادب ۾ امرتا ڏني. ايس ڪائي لس، پرومي ٿيوس جي ڪهاڻي ٽن حصن ۾ بيان ڪري ٿو.

(1) Prometheus fire bringer

(2) Prometheus bound

(3) Prometheus unbound

پر چا اڄ جي اسٽيج جو الميا ناٽڪ ڪونهي!؟. پرومي ٿيوس !!؟.
ڪنهن ڊڪٽيٽر جي آرڊر هيٺ مسلسل سزا ڀوڳيندڙ ۽ ڳجهن کي پنهنجو ماس کارائيندڙ. شايد اها سزا به ٽيهہ هزار سال طويل هجي. يا اُن کان به طويل- يا- اُن- کان- بہ-!!؟؟_ ان کان اڳتي سوالن جون نشانيون باقي رهجي وڃن ٿيون.]

دربار

سيني کان اوچائي تي رکيل ڪرسي

[ اسان انهيءَ ڪرسيءَ جي پاين سان ٻڌل مخلوق آهيون!! ]

۽ اُن تي وينل وردي پوش ديوتا زيوس پنهنجون گول اکيون ڦيرائي چئني پاسي نهار ڪري ٿو [مالڪ جي وفادار ڪتن تي پوندڙ نهار. ۽ ڪتا!! بيمار، تکل، نبل ۽ نِستا ٿي، جيئن ڪڏي سهڪندڙ، پنهنجا ئي پراڻا، جڳن جا ڦٽ چٽيندڙ ڪتا.] بظاهر اهي ئي چهرا ماڻهن جا. قطار ۾، ڪنڌ نوايو وينل ۽ ڪنهن اڻ ڄاتي، اڻ ڪئي ڏوهه تي شرمسار.

ڪجهه ٻيا به ڪردار

زيوس جا محافظ/ زيوس جا وزير/ زيوس جا جلاد/ زيوس طرفان مڙهيل الزام ثابت ڪندڙ وڪيل/ ڪتا/ چبرا/ گدڙ/ بگهڙ/ ڪُتا/ نانگ/ ڳجهون/ ماڪوڙا/ ماڪوڙيون- ننڍڙيون- ننڍڙيون- ننڍڙيون- ما- ڪ- و- ڙ- يو- ن- انهن مان ڪجهه، هڪ ٻي ڪان پري. هِتي، هُتي، وينلن ۾، بيٺلن ۾. اُهي به آهن جن پرومي ٿيوس کان سگهاري ٽيڻ ۽ غلاميءَ جي ذليل زندگيءَ کان انڪار جو احساس ماٺيو آهي [انڪار سگهه آهي.]

اُهي "ڪجهه" پنهنجي اندر ۾ هر هر ڪنڌ ڪٽي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ بظاهر انهن جا به ڪنڌ جهڪيل آهن.

[ڪنڌ ڪٽي سگهڻ/ ڪنڌ ڪٽي سگهڻ جو احساس ماڻڻ/ ڪنڌ ڪٽي سگهڻ جي سگهه کي پاڻ مان ئي ماٺي سگهڻ کي وڏي معنيٰ آهي.]

زيوس انهيءَ معنيٰ کي، اُنهن "ڪجهه" جي اندر مان پاڙان پٽي ڪڍڻ لاءِ باغيءَ کي دربار ۾ گهرايو آهي.

زيوسورديءَ ۾ اندر ڪيترو ننگو آهي. اهو هو پاڻ به ڄاڻي ٿو ۽ ٻيا به ڄاڻن ٿا ۽ اهو به ته زيوس جا لانگ بوٽ اُن جي سائيز کان ننڍا ۽ سوڙا آهن ۽ اهو به ته زيوس زوريءَ چڪي اهي بوٽ پيرن ۾ چاڙهيا آهن ۽ اهو به ته انهن اندر هن جا پير پاٽيءَ ۾ پيل لاش جيان سُڄي نيرا پئجي چڪا آهن.

تڏهن به سڀ [ انهيءَ سڀ ۾ ڪجهه اُهي به آهن، جن انڪار ڪري سگهڻ جي احساس کي ته ماٺيو آهي پر بظاهر جن جا ڪنڌ جهڪيل آهن- پرومي ٿيوس جي سزا ڏسي اجا انهن جي رڳن ۾ خوف جو ڪارو نانگ سُرندو رهي ٿو] اُن جي اطاعت لاءِ، ان طرفان مڙهيل انڌي قانون ۽ اُن قانون هيٺ عطا ٿيل ذليل زندگيءَ کي محض گذارڻ خاطر گذارڻ لاءِ مجبور آهن.

ان ذليل زندگيءَ جا ذليل ترين اُصول/ شرط:
اطاعت کان انڪار نہ ڪرڻ
ڪنڌ گوڏن تي ۽ اکيون پيرن تي رکي ساھہ کڻڻ
محض -سا- هہ- هہ- هہ- هہ- هہ- کڻڻ-!!-؟-؟؟.
اچي- هيءَ ڏگهي سڙڪ آهي- سڌي ۽ اڻ کٽ.
ڊوڙ
ڊوڙ انهيءَ تي
ڊوڙ
ا- چا- بہ- تيز-
اچا بہ تيز
ڊوڙ
هُن سري تائين [۽ سرو آهي ئي ڪونہ]
ساھہ پرجي اچي، تڏهن بہ
ساھہ ڇڄڻ لڳي، تڏهن بہ
ڪٿي بہ- ڪنهن بہ اڌ تي- ڪِرڻ ڪانپوءِ بہ
پيهر اُٿي
پيهر ڊوڙ
هِن سِري کان هُن سِري تائين/ هُن سِري کان هِن سِري تائين [۽ سِرا آهن ئي ڪونہ]
ڊ- ۽- ڊ- و- و- و- ڙ-
باغي ان سزا جي ليڪ تي ڊوڙندو رهيو آهي
ڊوڙندو رهيو آهي
مسلسل ڊوڙندو رهيو آهي
ساھہ جو هانبارو
هہ- هہ- هہ- هہ-
اُبڙڪو
آخ
ا

آ– خ–

ٿو

و

۽ ڳلي کان وات ۾ پرجي آيل ڪرهت ۽ نفرت جي ٿُڪ هو ٻيهر ڳڙڪائي ٿو ڇڏي ۽ اها هن جي مجبوري آهي [انتهائي مجبوري] اهائي مجبوري ڪيس اُبڙڪو ڏيڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي ۽ اُبڙڪو ئي سندس بغاوت آهي.

انڪار ڪان پهرين هو ڪرهت جي انهيءَ احساس ڪي سالن ڪنان پوڳيندو آيو آهي.

Nausea جي ڪيفيت.

ڏنل منظرن تي هانءُ ڪچو ٿيندڙ

هي هُن جا پير چٽي رهيو آهي

هو هُن جا

۽ اُهو — هن جا.

هر ماڻهو پاڻ کان وڌيڪ سگهاري جا پير چٽي رهيو آهي. شل تي ويل زبان. سُڪي ٺوٺ تي ويل چپ ۽ ڏندن هيٺ پُرندڙ ريتي.

جيئري ماڻهوءَ کي مئل ماڻهوءَ جو ماس کائڻ جو آرڊر

جيئري ماڻهوءَ کي جيئري ماڻهوءَ جو ماس کائڻ جو آرڊر

ماڻهو، ماڻهوءَ جو ماس کائڻ کانپوءِ وڌيڪ سياويڪ نوع ۾ جانور بڻجي سگهي ٿو ۽ جانور بڻجڻ کانپوءِ اُن ۾ پاليل ڪتي جون خصلتون حاصل ٿيندڙ. اهوئي تہ زبوس کي گهربل آهي.

ماڻهو نہ،

ڪُتا.

پاليل ڪتا.

ٻُڌ

پرومي ٿيوس!!

مڙهيل الزامن جي فهرست

[تنهنجو انهن سان سهمت هئڻ/ نہ هئڻ ضروري ڪونهي.]

تو زيوس کي سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اهو ڄاڻندي بہ تہ زيوس ڪيڏو سگهارو آهي. تو زيوس جي اکين ۾ اکيون وجهي نہ رڳو نهاريو پر پنهنجي نهار ۾ اُن لاءِ نفرت ۽ ڌڪار جو بہ اظهار ڪيو. ڇا تون نٿو ڄاڻين تہ زيوس جو سگهارو هئڻ قدرتي آهي ۽ سگهاري جي اطاعت ڪرڻ توتي/ اوهان سڀني تي لازم آهي. ڇا زيوس جي اطاعت کان فرار ممڪن آهي تولاءِ/ ٻين لاءِ!!؟؟.

ٻُڌ پرومي ٿيوس!

تنهنجون پاڙون غلاميءَ جي ذہڻ ۾ لٿل آهن، هاڻي ان ڪري تون پنهنجي بي وسيءَ جو اعتراف ڪر. اعتراف ڪر تہ- تون نہ رڳو بي وس آهين پر معذور بہ آهين. نہ سوچي سگهندڙ، نہ ڳالهائي سگهندڙ، نہ ٻڌي سگهندڙ، نہ ڏسي سگهندڙ معذور. بس توکي ساهہ کڻڻ جو آرڊر هو/ آهي/ رهندو.

تون پنهنجا هٿ ڪشڪول جيان جهلي بيهہ ۽ بيٺو رهہ زيوس جي اڳيان، ان ڪري نہ تہ توکي ڪجهہ گهرڻ جو اڌيڪار آهي، ان ڪري تہ تنهنجي ائين بيهڻ سان زيوس جي سگهاري هئڻ جو احساس ٿئي ٿو. پر تو پنهنجا ٻئي هٿ ڪشڪول ڪرڻ بدران، مُٺيون ڀيڙي ڇڏيون ۽ اُنهن کي زيوس جي اکين اڳيان لهرائڻ لڳين!!.

پرومي ٿيوس ! تو رياست جو اُهو سسٽم بدلائڻ چاهيو، جنهن هيٺ زيوس حاڪم آهي ۽ تون ۽ ٻيا سڀ محڪوم. تو اها ڪامنا ڪئي تہ مخلوق، ماڪوڙين جهڙي ننڍڙي، جيتامڙي، بي ضرر، بيڪار ۽ بي وس مخلوق پنهنجي گهٽائيءَ ۾ هئڻ ڪري پاڻ ئي پنهنجي جيئڻ لاءِ فيصلا ڪري ۽ زيوس، جيڪو سڀ کان سگهارو ۽ مٿانهون آهي اُهو بي سگهو ٿئي.

اها تنهنجي ڀل هئي پرومي ٿيوس!

اهو تنهنجو پاڳل پڻو هو

توکي انهن ڪارڻن جو اندازو ئي نہ هو جيڪي زيوس کي گهٽائيءَ تي قابض رهڻ ۽ انهن جي مرضيءَ کي اهميت ڏيڻ کانسواءِ، انهن جي ڀاڳ کي پنهنجي مرضي ۽ مفاد آهر ناهڻ ۽ ڊاهڻ جو اختيار ڏين ٿا.

سو تون ڏوهاري آهين پرومي ٿيوس!

باغي آهين
غدار آهين
۽ ڏس- چڱيءَ طرح سان ڏسي وٺ تہ تون زيوس اڳيان ڪيڏو هيٺو، بي وس ۽ هارايل آهين- تون- تو- ن- ن- پ- ر- و- مي- ٿ- يو- س- س-

الزامن جي فهرست ڳڻائيندي، زيوس پاران مقرر ڪيل وڪيل جو ساهہ پرجي ٿو اچي ۽ اُچانڪ هن کي لڳي ٿو تہ هن جي پتلون جا بخيا اُبڙجندا ٿا وڃن ۽ هو پريل دربار ۾ ننگو ٿي رهيو آهي ۽ پرومي ٿيوس جون اکيون ان جي ابڙيل پتلون جي اندر ڏسي سگهن ٿيون.
مڙهيل الزامن تي
ٺاڙين جو ٺهڪو
گڏيل آواز [ڪجهہ کي چڙي ۽ اُهي ڪجهہ ساهہ جي ڏور پڪڙي بيهڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ رتل آهن. پنهنجي ئي اندر ڪنڌ ڪٽي زيوس جي اکين ۾ اکيون وجهي نهارڻ جي ڪامنا هيٺ دبيل آهن. ڪامنا، جيڪا پهاڙ تان ٿابو ڪائي هيٺاهينءَ ڏانهن مسلسل بولاٽيون کائي ڪِرندڙ چپ جيان آهي. چپ جي گونج، پاريل جيان، انهن جي بند قلف چڙهيل وجودن اندر، ديوارن سان ٽڪرائيجي زخمي ٿيندڙ—]
اسان زيوس سان سهمت آهيون
زيوس سچو آهي
سگهارو آهي
اُتم آهي
امر
آهي

هو سڀ ٺنگا آهن
هو سڀ زيوس جيورديءَ ۾ چُپڻ ٿا چاهين
زيوس جي وردي، زيوس کي بہ سوڙهي پئيجي ويل
هو سڀ زيوس جي بوٽن ۽ جورابن ۾، ورديءَ جي کيسن ۾ لڪي وڃڻ

چاهين ٿا، ظاهر ٿيندڙ ننگائپ کان پناهه پائڻ لاءِ.

پناهه
زيوس،
اسان کي پناهه ڏي
هنن جي گهوريندڙ اکين کان
جيڪي اسان کي هُن پار تائين ڏسي سگهن ٿيون

[باغيءَ جون اکيون تارازيءَ وانگر ٿينديون آهن.]
سيني کان الڳ
ڪجهه مٿاهين تي
زنجيرن ۾ پڌل پرومي ٿيوس

زيوس جي اکين ۾ اکيون وجهي، هڪ ٽڪ نهاريندڙ، باز جيان. جڻ هن جي نيڻ نهار اجهو، هن ئي پل، زيوس کي جهيي وٺندي.

مان ڳالهائڻ ٿو چاهيان زيوس!

اِن لاءِ نه ته مان پنهنجي سزا ۾ ڪائي ڪمي/ نرمي ٿو چاهيان يا منهنجيءَ آتما کي خوف جو سُرو هوريان هوريان/ اندران ئي اندران ڪائي رهيو آهي يا اهو ته مان ڪو سمجهوتو چاهيان ٿو. نه، اهڙي ڪائي ڳالهه ڪانهي. مان ڳالهائڻ چاهيان ٿو، ان ڪري ته اِهو مان پنهنجو حق سمجهان ٿو. ڳالهائڻ سان مان اِهو ويساهه ٿو ماڻيان ته منهنجي سگهه اڃا ٽڪي ناهي. مان اڃا مئو ناهيان. پنهنجي پاڻ کي محسوس ٿو ڪرڻ چاهيان، ڪنهن به ماڻهوءَ جي رڙ جيان، جيڪا ڏاڍ هيٺ پيڙهجندي بي اختيار ٿي گونجي ٿي.

تون مون کي پڌين پيو نه زيوس !

تون مون کي نه به پڌين ته مون لاءِ ڪو فرق نٿو پوي. جيئن مون کي پڌڻ/ نه پڌڻ سان تولاءِ ڪو فرق نٿو پوي. تنهنجن پيرن هيٺ چيپاٽجندڙ انساني مخلوق جي پيڙا ۽ انهيءَ پيڙا جي رد ڪان عمل ۾ آيل ذلت جو احساس ته هو بهرحال سگهه جي اڳيان بي سگها آهن ۽ ان ئي ڪري هو انساني جسم جي اندر/ ٻاهر حيواني عمل/ احساس لاءِ مجبور آهن. مان ان سيڪجهه کان انڪار ڪريان ٿو. مان چاهان ٿو ته احساس کي جسماني سگهه نه برابر ٿيندي

آهي پر هوريان هوريان احساس جسماني سگهہ کان وڌيڪ سگهارو بڻجي ويندو آهي. زيوس!، مان اُن احساس کي ماٺيان ٿو انهيءَ ذلت مان جيڪا تو طرفان مون تي/ ٻين تي مڙهيل آهي. پر مان ان احساس کي اڪيلو ۽ محض پنهنجي لاءِ نٿو ماٺيان پر ٻين کي بہ انهيءَ سان ڳنڍيان ٿو. ان لاءِ تہ هو اِهو ڄاڻي سگهن تہ هو ڳالهائي/ ٻڌي/ ڏسي/ سوچي سگهن ٿا. انهن جي جسماني چرپر محض حيواني نوع جي نہ، تنهنجي اطاعت لاءِ نہ پر پنهنجي لاءِ آهي. پنهنجي وجود جي بقاءَ ۽ بچاءَ لاءِ. هو، جيڪي اُونداهيءَ جي پاتال ۾ پئي پئي بوءِ ڏيڻ لڳا آهن، روشنيءَ جي وجود کان اڻڄاڻ هئا. تو هنن کي محض ان ڪري اُونداهيءَ ۾ رکيو تہ جيئن هنن وٽ پنهنجي سڃاڻپ نہ رهي- پر زيوس! هنن وٽ پنهنجا چهرا آهن. مون هنن جي چهرن جي اڳيان آڳ روشن ڪئي. آڳ جيڪا روشنيءَ جيان هنن جي اکين ۾ پرجي وئي ۽ جنهن جي گرميءَ ۾ هنن جا ٿڌا پيل وجود ساهہ کڻڻ لڳا، ان معنيٰ ۾ تہ هو پنهنجي اندر ۾ پنهنجو الڳ انساني وجود رکن ٿا.

زيوس!، مون کي/ هنن کي، جسماني سطح تي چيپاٽي/ چيچلائي/ لتاڙي/ ماري سگهجي ٿو يا ڪنهن بہ سزا جي ايذاءُ کي جڳن تائين ڦهلائي سگهجي ٿو پر ائين ڪرڻ ڪانپوءِ بہ مان سمجهان ٿو ويساهہ، اويساهيءَ ۾ نٿو بدلجي سگهي. جيئن سج جو منهن ڪارو نٿو ڪري سگهجي يا چنڊ کي هٿ ترِيءَ سان نٿو ڍڪي سگهجي يا رات جي ڪک مان صبح جو جنم نٿو روڪي سگهجي.

درٻار ۾
سناٽو
س- ن- ا- ٽ- و-
- و- و- و- و-

زيوس جي اندر، ڪنهن ڪنڊ ۾، ڪو احساس ڪمزور پوندڙ.
اويساهي پنهنجيءَ سگهہ تي.

[اويساهيءَ جو احساس پنهنجي ئي سگهہ تي، ڪنهن بہ سگهاري کي تڏهن ويڙهي سگهي ٿو، جڏهن اڳلي جي هيٺاٽ انهيءَ سڃاڻپ ۾ بدلجي

وجي تہ هو هيٺو آهي ۽ اُن سچائيءَ جي اڳيان سوال جي نشاني اُڀري اچي-
چو؟]

ان لاءِ نہ تہ زيوس سگهارو آهي
مٿانهون آهي
امر آهي
اِن لاءِ تہ پرومي ٿيوس جي سگهہ ۾ بدلجندڙ هيٺائپ زيوس کي رعايا
اڳيان بي معنيٰ ڪري سگهي ٿي. هو زيوس جي اکين ۾ اکيون وجهي نهاري
سگهن ٿا. هو زيوس جي پيرن هيٺ آيل زمين جي اندران، تهائين اندران کان
ڏيئي جي وٽ مان اُٿندڙ دونهينءَ جي لهر جيان، ور وکڙ ڪائيندا، مٿاهينءَ
ڏانهن اُڀري سگهن ٿا. پوَ جي انهيءَ پاونا هيٺ
پرومي ٿيوس تي سزا ٿي مڙهي وڃي.

دربار ۾
سناٽو
س- ن- ا- ٽ- و-
و- و- و- و- و-

پرومي ٿيوس کي چؤواٽي تي سؤ ڦٽڪن جي سزا
چؤواٽي تي مڙي گڏ ٿيل رعيت جي عبرت لاءِ

[رعيت
اکيون سختيءَ سان ٻوٽيل، پوَ جي اُن احساس هيٺ، جيڪو اُن منظر
کي ڏسي اُڀري ٿو.
ڪنهن ۾، تپايل لوهي شيخن جيان زوريءَ گهيڙايل آگريون ۽ ڏندن هيٺ
آيل چپ رتورت ٿي ويل
اُهوئي رت نڙيءَ ۾ پرجي آيل
رعيت]

آخري منظر:

ڪارونجهر پهاڙ جي چوٽيءَ تي

زنجيرن ۾ ٻڌل پرومي ٿيوس

ليڙون ليڙون ٿيل جسم

اکيون/ ڪن/ چپ رتو رت ٿيل

هٿ/ ڪرايون/ آڱريون، سرءُ جي پن جيان ڇڻي پيل

۽ پرومي ٿيوس جي مٿان، گول، دائري ۾، چڪر ڪاٽيندڙ ڳجهه رڙيون ڪندڙ

ڪنهن آدم خور وحشيءَ جيان رقص ڪندڙ

۽ هر چڪر مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ هوءَ پرومي ٿيوس جو جيرو اچي پٽي ٿي پٽيندي رهي ٿي

چاليهه پل/ چاليهه ڏينهن/ چاليهه مهينا/ چاليهه سال/ چاليهه هزار سال

اجا- بـ- نـ- چاڻ- ڪيـــتـــرو- نـ- چاڻ- ڪـ- ي- ت- ر- و-!!-!؟-

؟؟-؟-

؟؟؟

؟؟

؟

؟.

●

# ائين تہ ٺيٺو آهي

هجوم کي چيريندو، ٽريفڪ هيٺان ايندي ايندي، پاڻ بچائيندو، ڊوڙندو (جڻ نيٺر چناٺي پڳو هجي) بس اسٽينڊ تائين پهتو هو. بس ڪاٺس هڪ پل اڳ نڪري چڪي هٺي. ڪلهي تي ٽنگيل ٿيلهو تهائين گهٽو ڳرو ٿي پيو هٺس، ان احساس ڪانپوءِ تہ اڄ بہ گذريل ڪيترن ڏينهن وانگر ڳوٺ واري بس ڪاٺس نڪري وئي آهي.

مان ڳوٺ پهچي ئي نہ سگهندس، ڪڏهن بہ. شايد مان پنهنجا سمورا ٻيڙا ساڙي هتي پهتو آهيان!. ڇا ڇا سڙي رک ٿي چڪو آهي، انهن ٻيڙن سان گڏ!؟.

پيءُ خط ۾ ڄڻ لڙڪ پوئي مڪيا هٺس.

ابا!- هيل مينهن‌ءَ پيا ئي ڪونہ. وڏيري بہ پاڻي ڪونہ ڏنو. سو فصل بہ نالي ماتر ٿيو. اَن جا ٻہ ٽي خرار ٿيا جيڪي ڇهہ مهينا بہ مس ڇڪي پورا ڪندا. مٿان ٿهر اهو ٿيو جو اسان جي سُتي رات جو گهر کي اچي باهہ لڳي. ککائون گهر سو اصل منٽ ٿي ويا. ڪيئن لڳي سا خبر خدا کي. ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي. بس ابا!، ڏاڍن سان ڪير پُڄي. جيئن ٿو وڻين، تيئن ٿا ڪن. ڪک بہ ميڙي سيڙهي وري بہ ڪٽي جهُڳا ڪڙا ڪنداسون پر – جي – پيهر – بہ – ؟

ماءُ لکيو هٺس،

ابا- لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لٽجي- پٺي ڪٽي پساهہ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

بس نڪري وڃڻ کانپوءِ، موٽندي خيال اچيس ٿو، ڇا مان آپگهات ڪري سگهان ٿو؟

ڇا ايترو ساهس آهي مون ۾؟!
ساهس ؟!
ڇا مون ۾ اُهو منظر ڏسڻ جو ساهس آهي ؟!
سڙي رک ٿيل ڪکن جي ڍير تي ويٺل پوڙهو پيءُ
ڪک- ڪک، ميڙي- سيڙهي، قاتل ۽ ميري پوتيءَ جي پلاند ۾ پريندڙ ماءُ.

۽

۽

آهي مون ۾ ساهس پيڻ جي اکين ۾ نهارڻ جو، جنهن جي عزت بچائيندي بچائيندي هو/ پيءُ/ ماءُ تڪجي نِستا ٿي پيا آهن.
ع- ز- ت- ب- چ- ا- ئيند- ي- ي- دي- دي.

سڙڪ پار ڪندي ٿاٻو ڪائي ٿو.
ذهن کي آڪٽوپس جيان چهٽل ساروٽي،
لوٽي واريءَ لپاٽ جي.
پيٽسان... ...
ماءُ جا... ...
ڪتي... جا... قر...
پيٺهين کي... تہ...
ما... ٺهين... کي...
ٺڪاءُ
هيءُ تہ وٺ پنج... ...
پنجئي آڱريون سندس منهن تي چيچي ويل. اڃ توڙي چيبيل. سڙڪ پار ڪندي اهائي ساروٽي ايندي ٿاٻو ڪائي ٿو. جنهن شخص سان ٽڪرائيجي ٿو، اُهو ”انڌو“ تو چئيس پر گار ڏيڻ واري نوع ۾. جنهن ڪار کي سندس مٿان چڙهندي چڙهندي روڪڻ لاءِ بريڪ هٽيو تو پوي، انهيءَ جي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺل جي اکين جي گهور ۽ چپ ڪيس چڻ وچ سڙڪ تي ننگو ڪريو وجهن.
سا... لا... باسٽر... حر... ا... مر... ز... ا... د...

پينٽ جي اندر سندس سنهڙيون ٽنگون سُن ٿيو پون.

سر!

مان ساهہ کڻڻ ٿو چاهيان. مان ساهہ کڻڻ جي سخت ضرورت ٿو محسوس ڪيان. گذريل ڪيترن ڏينهن کان مون ساهہ کنيو ئي ڪونهي. مشين کي پيٽرول ڪانسواءِ ڇا ڊرڻ لاءِ مجبور ڪري سگهجي ٿو!؟. سو مان بہ بيهي رهيو آهيان. بيٺي بيٺي خراب پيو ٿيان. جيترو پگهار مان ڪٺان ٿو سر!، ان ۾ مان پنهنجا Geniun parts بہ نٿو افورڊ ڪري سگهان. مون کي اميد آهي تہ اوهان منهنجي ان گذارش تي ضرور ڌيان ڏيندا ۽ مون کي آفيشلي ساهہ کڻڻ جي اجازت ڏني ويندي. اوهانجو تعبيدار نوڪر- نوڪر- نوڪر-

(اها درخواست هن جون اکيون باس جي ٽيبل تي وڇايل شيشي تي لکنديون آهن. شيشي ۾ هن جو چهرو ڏسندي ئي ڏسندي، ڏنڌلائيجي گم ٿي ويندو آهي ۽ عين اُنهيءَ جاءِ تي پيپر ويٽ رکيو هوندو آهي. هن ۾ ۽ پيپر ويٽ ۾ ڪائي مناسبت تہ آهي!. ڪيترا ڀيرا هن پوريءَ شدت مان چاهيو هوندو تہ هو اهو پيپر ويٽ باس جي مٿي تي وهائي ڪڍي. ان خواهش جي دٻاءَ هيٺ هو ڪرسيءَ جون ٻئي ٻانهون ڄڻ سوگهيون پڪڙي وٺندو آهي.)

ڳوٺ واري بس ڄڻ سدائين لاءِ هن کان ڇڏائيجي وئي آهي. رستا اُبتا ٿي پيا آهن ۽ هو ورجاءَ جي ڪُن ۾ ڦاسي پيو آهي. ذلتون ۽ شڪستون ٻوئينڊڙ ورجاءَ. پنهنجي بدنما ماضيءَ کان نہ ڪٽجي سگهجڻ. ماضيءَ کان ڪٽجي سگهڻ جي خواهش هيٺ هو اڳا بہ تکو- اڳا بہ تکو اڳتي' ڏانهن ڊوڙي ٿو. بظاهر آئندي ڏانهن پر آئندو آهي ڪونہ. آئندي کي بہ هي گذرجندڙ حال ڳڙڪائي ويو آهي. بلڪل ائين، جيئن وڏي مڇي، ننڍي مڇيءَ کي ڳڙڪائي وڃهندي آهي.

هو آهي ڇا؟/ ڇا هو؟/ ڇا ٻڌجي سگهي ٿو؟/ ڇا ٻڌجي سگهندو نيٺ بہ؟
غلام!؟
اِبن غلام؟
اِبن غلام؟

تعبيدار- نوڪر!
ورثي ۾ مليل اُهائي لوٺي واري لپاٽ!
منهن تي گروڙي رڪيل ٻُجو.

ابا!- هتي پير ڦٻائي نہ سگهندين. هليو وڃ هتان.
ڪيڏانهن وڃان؟
ڪيڏانهن بہ وڃ. جتي پير ڦٻائي سگهين.
تون سمجهين ٿو اهڙي ڪائي جاءِ آهي جتي مان پير ڦبائي بيهي سگهان!؟- ٻڌاءِ- ڪچين ڇو نٿو!. اهي لپاتون، گاريون، ٻُجا، تو بہ سٺا- مان بہ سهي ويندس- تنهنجي پيءُ بہ تہ اهو ئي ڪجهہ سٺو نہ!- اُن جي پيءُ بہ- مان بہ تہ ان سموري چڪر جو حصو ئي تہ آهيان!!. مان- بہ- سهي- و- يند- س-
ها، سچ ٿو چئين تون. جي منهنجو ڏاڏو اهو سڀ نہ سهي ها. نابري واري ڇڏي ها ان کان تہ اڄ گهٽ ۾ گهٽ توکي اهي ڏاڍ مڙسيون نہ سهڻيون پون ها. پر تو تائين ايندي ايندي، وچ ۾ منهنجو پيءُ ۽ مان بہ، ڏاڏي-پڙڏاڏي کان ساڳيو ورثو گهليندا آيا آهيون.
پوءِ ڇو تو مون کي هتان نڪرڻ لاءِ چئين؟
تڏهن مون کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ اُن هٿ کي بہ پڪڙي، روڪي سگهجي ٿو جيڪو لپاٽ هڻڻ لاءِ کڄي ٿو. مان پڙهيو بہ ڪونہ هئس. لفظ ڳالهائيندا آهن، انهيءَ جي ڄاڻ مون کي تڏهن پئي، جڏهن تو ڀربون پيرو مون کان پڇيو هو تہ بابا!،- اسان هيٺان آهيون، انهيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟
هو ڏاڍا آهن، انهيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟
اهو تہ مان اڄ بہ سوچيندو آهيان.
تڏهن تہ چوانءِ ٿو تہ هليو وڃ هتان. نوڪري وڃي ڪر شهر ۾. انبوهہ ماڻهن جا آهن. ڪير ڪنهن کي ڪونہ سڃاڻي. سڀ ڪو پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڪفنيءَ ۾ ويڙهيو، لڪيو گهمي. تون بہ ڪا ڪندڻ وٺي پنهنجي ڪفنيءَ ۾ لڪيو پيو هججانءِ.

هو شهر آيو

ڪفن ورتائين
۽ شهر جي انبوهه ۾ دفن ٿي ويو.
شهر ۾ ڪو عيسيٰ ڪونه هو، ان ڪري مئل جيئرا ٿي نه ٿي سگهيا.

شهر ۾ دفن ٿيڻ ڪانپوءِ هو پنهنجي لتاڙيل وجود لاءِ ڪائي معنيٰ پائڻ بدران، تهائين گهٽو بي معنيٰ، بيڪار، فضول شيءِ بڻجي پيو. شهر اچي هو شخص نه رهيو. شيءِ/ چيز بڻجي پيو. پٽس مُڪيو هئس پنهنجو وڃايل شخص پائڻ لاءِ. وڃايل شخص، جيڪو شهر پهچڻ کان پهرين Feudalism جيَ کوهه ۾ پيل ڏيڏر جيان آهي. گذريل پيڙهين کان Feudal Lords جي مفاد ۾ استعمال ٿيندڙ. رشتن ناتن سان commited آهي ڪونه، ڪيو ويو آهي. اهوئي اڪيلو طريقو آهي، ان کي ڪٽ جي پائي سان هڏي رکڻ جو. ڊارون جي فلسفي موجب هڪڙو جانور، ارتقا ڏانهن وڌندڙ جانور. انهيءَ سسٽم ۾ مِس فِٽ هئڻ جي احساس جي دٻاءَ هيٺ پيڙهجندي اُهوئي شخص/ جانور جڏهن شهر پهچي ٿو ته جيوَ مان مشين جو پرزو بڻجيو پوي. ٽيڪنالاجيڪل انقلاب جي تيز وهڪري ۾ ڪک پن جيان لڙهي ويل. ضرورتن/ خواهشن جي ڍير هيٺ دٻيل. ڪارل مارڪس صنعتڪار کي اُنهيءَ ڪُدڙي کان به ابتر ڄاڻايو آهي، جيڪو هر نوع جا ذليل انداز استعمال ڪري ٿو پنهنجي مالڪ کان ڪائي رعايت پائڻ لاءِ. صنعتڪار اشتهاربازيءَ جي صورت ۾ اُن ڪدڙي کان به شرمناڪ طريقا آزمائي ٿو گراهڪ کي ڦاسائڻ لاءِ. گراهڪ، جيڪو اُهوئي عام شخص آهي. اُن جون دٻيل خواهشون/ ضرورتون اُن جو رت ولوڙڻ شروع ڪن ٿيون. اُنهن خواهشن/ ضرورتن کي پائڻ لاءِ هو هيٺ، اجا هيٺ، پاتال ڏانهن ڪرڻ شروع ڪري ٿو. ڪِرندو رهي ٿو، جيوَ مان پرزو بڻجڻ تائين.

هن جي وهاڻي هيٺ خطن جو ڍير گڏ ٿيل آهي.

ٻيءَ جو خط:

ابا!، دوائن لاءِ پئسا موڪل تون ته ڄاڻين ٿو هيل صفا تر ٿي ويا آهيون ماڻهين بيمار آهي. ڊاڪٽر ڳريون ڦئون ٿا گهرن. رت پيشاب جي ٽپاس ان ڪانسواءِ. ڪينسر ٿا چون. اهيو به ٿا چون ته ڪو علاج ڪونهي ان جو ۽

علاج ڪن بہ ٿا. مڙئي بہ تي ڏينهڙا وڌاڻا حياتيءَ جا. فيون تہ پيٽهين جا زيور گرويءَ رکي پريونسين پر دوائون ۽ سيُون!؟. هڪڙي سُئي پنج سئو رپيا!!. ابول!!.- هيترن پئسن مان تہ مهينو سچو پيٽ گذر ڪريون پر پيٽ گذر لاءِ بہ تہ ڪيسي ۾ سؤ جو هڪڙو ئي نوٽ اٿم جيڪو تو موڪليو هو.

ماءُ جو خط:

ابا!- پيٽهين سامائي ويئي آهي. هيڏي ساري زال تي پئي آهي. مرڳو اکين ۾ تي گهڙي. آخر بہ تہ پرايو گهر وسائيندي. سندس زيور پٺهين گرويءَ رکي چڙيا منهنجي علاج جي پويان. آئون بہ ڪيترو جيئندس!؟ جئي جئي هٿن سان پيٽهين کي پرٺائي ويندس تہ قبر ۾ بہ سک هوندم. سيئي اُميدون تو ۾ آهن.

ڀيءُ جو خط:

ابا!- هانءُ تو جهُريم توکي هتان جا احوال لکندي. ڇا ڪريان ٻيو ابو امان ڪونہ اٿم. تون ئي هڪڙو آسرو آهينم. وڏيري جي مٿان دٻ پئي پوي تہ چوڪري سندس ڪمدار کي ڏيون. نتا ڏيون تہ بہ ويل ۾. اسان ماٺهو نہ ڪو پنهنجي مرضيءَ سان جيون، نہ ڪو پنهنجي مرضيءَ سان مرون. ساهہ بہ جڻ پنيو ڪٽون. باقي پيٽهين، سا تہ جڻ پت تي پئي آهي. ڪجهہ بہ ڪونہ تي باقي. ماٺهين وڏيڪ بيمار تي پئي آهي. هڏن مُٺ وڃي بچي آهي. تو جيڪي پيسا موڪليا اُنهن مان هڪڙي سُئي مس تي. تون ئي ٻڌاءِ ڇا ڪريان؟. ڇڏي ڏيانس؟. مانڙي ڪري ڏسندو رهان تہ ڪيئن تي ساهہ جون تندون ڇني؟. هاڻي حال اِهو آهي جو رات اکين ئي اکين ۾ لنگهيو وڃي. ڏينهن پربت جيڏو ٿيو پوي. حياتي نہ جيئڻ جوڳي- نہ مرڻ جوڳي.

ڀيءُ جو هڪڙو ٻيو خط:

پيٽهين ڪوهہ ۾ ٽپو ڏئي پاڻ ماري ڇڏيو.

آپگهات

compromise ۽ مسلسل compromise کان انڪار.

نيڪ آهي.

آپگهات، فرار جو ڪليل ۽ ڪشادو رستو آهي. نہ وڙهي سگهڻ جي صورت ۾ اهوئي تہ ڪري سگهجي ٿو. آخر ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ ڪجھ بہ نہ- ڪجھ بہ نہ- ڦرنڌڙ پکي هيٺ سئون ڏگهو ليٽي، پگهريل جسم جي اندر قيد ٿيل ذهني حدبندين هيٺ هو پيءُ جي آپگهات کي justify ڪري ٿو. ٻي پاسي پاڻ کي آپگهات ڪرڻ لاءِ اڃ تائين تيار ڪري نہ سگهيو آهي. هو پيءُ جي آپگهات مان جڻ پنهنجي لاءِ inner satisfaction ماڻي ٿو.

ماءُ جو خط:

روئي روئي پٺهين جي نظر جهڪي پئجي وئي آهي. ڊاڪٽر چيو اٿس تہ شهر وڃي اکين جي ڊاڪٽر کان آپريشن ڪرائي. پنج ڇهہ هزار خرچ ايندو. حياتي ٿورڙا ڏينهڙا! - جيڪر اچين تہ اکيون ڏديون ڪريان.

پيءُ جو خط:

ماٺهين مري وئي. مرڻ کان پهرين اندرئي اندر ميڻ جيان رجندي رهي. ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڌيو وڻ ٿين تہ موت ئي تہ پلئہ پوندو. ٻيو ڇا؟. ماٺهين جو ڪفن، دفن، ڪانڍپو، ٽيجهو، سڀ اوڌر تي ڪيم. هاڻي تہ نظر صفا چٽ ٿي وئي آهي. اکين جي آپريشن- ۽ پيسو- ۽ ها، قادرڏنو مارجي ويو- آڌ ڪپ تي رتو ڇاڻ پيو هو. بس ابا! جوان جماڻ هو- ڏوهي ڇُڙيا گهمن ۽ پوليس جي وارووار مسڪينن تي متي پئي آهي. هيڏانهن متان اچين. مرڳو ڪنهن ڏچي ۾ ڦاسي نہ پئين. ماٺهين موتندي تہ ڪانہ. وچڙوئي هئس، اهو تہ اکين ڏٺو پيو هو. رب شال قبر ڪشادي ڪريس.

هُن سوچيو:

جيئري جن جي قبر سوڙهي هجي، مُئي ڇا ڪشادي ٿيندي!!؟

پيءُ جو اُهو خط مُٺ ۾ پيڪوڙيل

قبر جهڙي ڪمري ۾ ساهہ پوساٽجندڙ

10x10/12 جي اُنداهين قبر/ ڪمرو + چار سرد ديوارون + چوٿين ديوار ۾ 3x5 جو دروازو- باقي ٽن سرد ديوارن مان، ڪنهن هڪ ديوار جي آخري

ڇيڙي تي 3x3 جي ڳڙکي، جنهن مان پسجندڙ ڇتيءَ جيترو آسمان مُٺ ۾ پيڪوڙيل خط هن جي ٿهڪندڙ رت ۾ ڇوليون هڻندڙ. ڪناري سان متو ٽڪرائي، ٽٽي، وکري، نستيون تي فنا ٿيندڙ ڇوليون. محسوس ڪري ٿو ته ڄڻ شمشان گهاٽ تي ليٽيو پيو آهي. دکندڙ ڪاٺين مٿان. ڪاٺين تي گيهه بدران پيٽرول هاريو ويو آهي. هو جاڳي پيو. سمجهي پيو. محسوس به ڪري پيو ۽ پنهنجي جيئري جسم کي چتا جيان، چپ چاپ جلندو به ڏسي پيو. آگ جا اُلا هن ڏانهن وڌي رهيا آهن. اُلرون ڪندا. آگ جي هر ڪا ڇپي هن جي ڪوپڙيءَ تائين پهچڻ لاءِ ڄڻ بازي ڪٽڻ تي چاهي. ائين ٿو ڀاسيس اجهو هن پل ڪانپوءِ، ايندڙ ئي پل ۾، ڪوپڙي ٺڪاءُ ڏئي ڦاٽي پونديس، ڄڻ اُهو ٺڪاءُ ٻڌڻ لاءِ هن جا ڪن ڪڙا تي پيا آهن. اجهو- ڪي- ا- جهه- و- پر ڪوپڙي ڦاٽيس نٿي. ڪوپڙي ڦاٽڻ کان پهرين جو پل هن جي اندر ٻيهي رهيو آهي. ٻيو پل اچڻو ئي ناهي. ٻي پل جي انتظار ۾ اهوئي پل وڌيڪ شديد وڌيڪ چتو، وڌيڪ پيانڪ بڻجي سندس اندر گردش ڪندو رهندو. اها ڪيفيت بلڪل ائين آهي. جيئن موت جي سزا پائڻ واري شخص جي زندگيءَ جو اُهو آخري سيڪنڊ، جنهن ڪانپوءِ زندگيءَ جي آخري منٽ جو چڪر پورو ٿي ويندو ۽ هو پولار ۾ لٽڪندو رهجي ويندو. اُن آخري منٽ/سيڪنڊ جي اندر احساس جو جيڪو ڦهلاءُ آهي، ان ۾ ڇا ڇا سميٽجي سگهجي ٿو!؟. بلڪل ائين هينئر ڪوپڙي ڦاٽڻ کان پهرين واري پل جي ڦهلاءَ ۾ هو ڇا ڇا سميٽي سگهي ٿو!؟. جڏهن ته سڀ ڪجهه سميٽڻ ٿو چاهي.

مان جيئڻ ٿو چاهيان؟
پر ڇا جيءُ سگهان ٿو؟
آپگهات ٿو ڪرڻ چاهيان؟
ڇا ڪري سگهان ٿو آپگهات؟

اڄ هن چاهيو هو ته باس جي مٿي تي پيپرويٽ وهائي ڪڍي پر عين ان پل ڪيس پگهار جو چيڪ اچي مليو هو ۽ هو سڄو صابڻ جي ڳجيءَ جيان وهي رهيو هو. ويٺو رهيو پنهنجي ڪرسيءَ تي، ڪنڌ نوايو، چُپ، خالي ذهن سان. آخر اندر جي سگهه پاڻ ۾ ميڙي ڪني ڪيائين ۽ موڪل جي درخواست لکڻ لڳو. درخواست لکندي لکندي هن کي ڄڻ پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ

لڳي. پنهنجي لاءِ ئي ڪرهت جو احساس. پنهنجي تڇ هئڻ جو احساس ۽ ڪاوڙ ان تي تہ هو پاڻ کي تڇ own ڪري ٿو، جنهن شخص لاءِ هو من ۾ نفرت ۽ ڌڪار محسوس ڪندو رهيو آهي، ان کي ئي درخواست ۾ ليلڙائيون پائي ٿو. جيئڻ لاءِ ڪجهہ ساهہ گهُري ٿو. ٿورڙي رعايت ٿو گهري. زندگيءَ جي معمولي سهوليتن لاءِ. زندگيءَ کي ماڻڻ لاءِ ان شخص کان اجازت گهري ٿو، جنهن لاءِ نفرت ۽ ڌڪار محسوس ڪندو رهيو آهي. ان شخص کان جيڪو ڪيس Irresponsible, Stupid, Idiot Person وغيره چوندو رهيو آهي. جنهن جي وات مان اُڏامندڙ ڳف کي هن پنهنجي چهري تي محسوس ڪيو آهي ۽ هئي پاسي منهن ڦيري اُگهيو بہ آهي. هو ايذاءَ جي گهاٽي ۾ ڦرڻ/ پيڙهجڻ لڳي ٿو. ان Establishment جو هو هڪڙو حصو بڻجي نٿو سگهي. هو پاڻ ان ۾ misfit آهي يا ان کي misfit سمجهي/ بڻائي پرين ۽ اونداهين ڪنڊ ۾ ڦٽي ڪيو ويو آهي. بهرحال هن جي ڪلهي تي establishment جي بندوق رکي ضرور هلائي وئي آهي. ان ڪري پيڙا سڄي هن جي حصي ۾ اچي ٿي. هو ڪنڌ جهڪائي، سموري ناڪارئيت جي باوجود بہ، درخواست جي آخر ۾، اوهانجو تعبيدار نوڪر لکڻ لاءِ ايتروئي مجبور آهي، جيترو ان پوائتي وايو منڊل ۾ جيئڻ لاءِ. موڪل جي درخواست منظور ڪانہ ٿي. هو تعبيدار نوڪر جيان ئي، لفٽ بدران ائين فلور تان ڏاڪو ڏاڪو لهندو هيٺ آيو. هن فرار ٿي چاهيو پنهنجي پاڻ کان، ڪيڏانهن وڃا؟/ ڳوٺ!؟/ ڳوٺ واري بس...!؟... ن... ڪ... ر... ي... و... ئي... هـ... و... ن... د... ي.../!! سمنڊ ڏانهن وڃا؟ س... م... ن... ڊ... خ... ش... ڪ... ٿي... ويو... و... و... هو... ند... و... و... گهر وڃا؟... گهر؟؟ هو شهر ۾ ڪنهن اجنبيءَ جيان ديوار جي سامهون بيهي رهيو. اکيون چوڇيون ڪري، پٽ تي لکيل جملا، اشتهار، نعرا پڙهڻ لڳو. ڳجهين مڙدانين بيمارين جو علاج حڪيم فلاڻي وٽ. منجن، سرما، اوهانجو جائز اميدوار... حق پرست اميدوار. اوهانجي ووٽ جو صحيح حقدار. هو مرده باد. هي زنده باد. هُن کي آزاد ڪريو. هن کي قيد ڪريو. هُن جا قاتل پڪڙيو. هن کي ڦاسيءَ چاڙهيو. هو نظام نامنظور ۽ هي نظام منظور. ڳجهين زنانين بيمارين جو علاج. بي اولاد لاءِ اولاد. فلاڻي حڪيم وٽ ڪينسر، السر، شوگر جو شرطيہ علاج. انهن سمورن جملن، اشتهارن ۽ نعرن جي وچ ۾ ڪٿي اهو بہ لکيل هو، هتي

پيشاب ڪرڻ منع آهي. اوچتو هن کي لڳو جڻ هن جو مثانو پرجي ويو آهي. گڙدن پنهنجو فنڪشن نارمل نوع کان تيز ڪري ڇڏيو آهي. هن کي ان ديوار جي سامهون بيهي پيشاب ڪرڻ گهرجي. بي صورت ۾ هن جا نَرا ڦاٽي پوندا. هو ديوار ڏانهن رخ ڪري بيٺو ته، ڪافي پل پر... هن کي لڳو، هو ان ديوار جو حصو بڻجي ويو آهي. ڪنهن جملي، ڪنهن نعري، ڪنهن اشتهار سان هن جي ڪائي مناسبت آهي ضرور. يا هو ساڳي وقت جنسي، جسماني، ذهني ۽ سياسي مريض آهي. اهي سمورا اشتهار ۽ نعرا، جيوڙن جيان هن جي رت ۾ شامل آهن. گهبرائجي هن ان ديوار کان پيڇڻ چاهيو ۽ تکيون وکون کڻي ذري گهٽ ڊوڙڻ ته شروع ڪيو هيائين پر چا ديوار به پنهنجن لفظن سميت سندس پيڇو نٿي ڪري!؟ ديوار تي لکيل لفظ سندس پيڇو ڪن ٿا. پيڇو... پيڇو... ڪائي اهڙي سگهه هن جو پيڇو ضرور ڪري ٿي جيڪا مٽس سوپ ماٽي، ڪيس ڪيرائي، دسي، سيني تي چڙهي ويهي، آڱرين جي دٻاءَ سان ڳلو گهٽڻ ٿي چاهي. ٽيڪسي....!! ٽيڪسي... رڪشا... رڪشا...!!. هر ماڻهوءَ جو ڪانه ڪا اڻ ڏٺي، اڻ ڇُهي سگهه ضرور پيڇو ڪري ٿي. سيئي ماڻهو جڻ خطري جي حد پار ڪرڻ لاءِ ڊوڙي رهيا آهن پر حد ليي ڪانه ٿي. هن کي به حد جي ڄاڻ ڪانهي. بس ۾ ائين ڏوڪي گهڙي پئي ٿو ۽ جڻ اُها سگهه ڪم از ڪم بس ۾ ڪانه چڙهندي. هڪ بي سان لڳي بيٺل ماڻهن ۾ڪن لاءِ هو پاڻ کي محفوظ ٿو سمجهي. سُڪ جو پهريون ساهه کڻي ٿو پر بيو ساهه کڻندي ئي خيال اچيس ٿو ته اهو شخص، جنهن جي جسم سان هو ڇُهتيو بيٺو آهي ۽ جنهن جي پگهر جي ناگوار ۽ تيزاب جهڙي باس سونگهڻ لاءِ مجبور آهي، اُن جو کيسو به ته ڪٽي سگهي ٿو. ان احساس ساڻ ئي ضرورتون کوهه جيان وات پٽي سندس پيرن جي هيٺان کان ٿي بيٺيون. هو بولاٽيون ڪائيندو هيٺ کوهه ۾ ڪرندو رهيو- ڪرندو رهيو. خيال متائڻ لاءِ هن پنهنجي پاسي، چتيءَ جيتري بچيل ڳڙکيءَ مان ٻاهر نهارڻ شروع ڪيو. ٻاهر روڊ جي ڪناري ساڳيون ضرورتون، افورڊ ڪرڻ/ نه ڪرڻ جوڳيون، سائن بورڊن تي چپيل هيون. هو خيال ئي خيال ۾ اُنهن کيْ مختصر ڪرڻ لڳو. ٽن وقتن بدران ماڻهوءَ کي به وقت ماني کائڻ گهرجي يا هڪ وقت. چا ڇڏي سگهجي ٿو يا کهڙي ويلي جي بُک کائڻ آسان ٿي سگهي ٿي!!؟. نيرن؟... منجهند؟... رات؟... شيوَ ڪرڻ بدران ڏاڙهي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. ڊارڪ ڪلر جا ڪپڙا پهرڻ

گهرجن جيڪي جلدي ميرا ۽ پراڻا نہ لڳن. سگريٽ بلڪل بہ نہ پيئڻ گهرجي. هوئن بہ ان مان ڪينسر ٿئي ٿو ڦڦڙن جو. پر سندس ماءُ تہ سگريٽ نہ پيئندي هئي پر... ان پَر ڪان اڳتي پولار آهي، جنهن ۾ جهاز ۽ راڪيٽ ٿا اُڏامن. ميزائل ٿا لنگهن روشنيءَ جي رفتار ڪان بہ تيز. زندگي ڪانهي. بقا ڪانهي. امن جي گارنٽي ڪانهي. بک جو ڪو مستقل حل ڪونهي. ايڊز ۽ ڪينسر جو علاج ڪونهي. ڳڙڪي ڪنهن ماڻهوءَ جي پويان لڪي بند ٿي وئي. هوا بہ بند ٿي وئي. جسمن جو پگهر پاڻ ۾ ڳڌجي بوءِ ڏيڻ لڳو. پولار ۾ ٿيندڙ خونريزيءَ جي ناٽڪ ڪان هو وري ضرورتن ڏانهن زوريءَ پاڻ کي موٽائي آيو. اهوئي هڪڙو نقطو هو جنهن تي سوچڻ لاءِ هو محدود ڪيو ويو آهي. انهيءَ حدبنديءَ ۾ هن جي عافيت آهي. وقتي بقا آهي. سو، مختصر ڪندي ڪندي بہ فقط سؤ روپيا وڌيڪ ٿي بچيا ۽ چا اُنهن مان ماءُ جي ڪفن دفن، ڪانڌپي ۽ ٽيجهي لاءِ ڪنيل اوڌر چڪائڻ ڪان وئي، پيءُ جي آپريشن ٿائين سيڪجهہ ٿي سگهيو ٿي!؟. ڪجهہ بہ نہ. پيءُ کي اندو ٿيڻ ڏي!؟. فرق ٿي ڪهڙو ٿو پوي!. ماءُ بہ تہ مري وئي، ڪهڙو فرق پيو؟. ٻي پل هن کي پنهنجي ان خودغرضيءَ تي پيڙا محسوس ٿي هئي. هو چو ايڏو خود غرض ٿيو آهي؟. چا لاءِ؟. سوچيائين، بهتر آهي تہ شهر ڇڏي ڳوٺ موٽي وڃان. بہ ٽي ايڪڙ ٻنيءَ جا جيڪي آهن، انهن تي هر ڪيڙيان. بہ ٽي خرار اَن جا سال ۾ ٿي پوندا. اسانجا وڏا بہ تہ ائين ئي پنهنجي حصي جي زندگي گذاري مُئا. اچانڪ اکين اڳيان ڪوهہ ۾ ترندڙ پيٽس جو لاش تريو ٿو وڃيس. قادرڏني جو لاش سڏڪا پريندو جڻ بس ۾ گهڙيو ٿو اچي ۽... لوٽي واري لپاٽ... پيٽسان... ماءُ جا... ڪُتي جا... ڦر... پيٽهين ڪي... ماڻهين ڪي... (ٺڪاءُ). . هيءُ تہ وٺ پنج... ...

گهبرائجي هن مُنهن تي چيپل پونڊو اُگهيو ۽ سندس هٿ پگهر مان پُسي ويو. ڪيسي ۾ هٿ وڌائين. مهيني جو پگهار پيو هو. سُک جُو اُهو ٻيو رهجي ويل ساهہ ڪنيائين. آڏيءَ اک سان پر وارن چهرن ڏانهن نهاريائين. سيئي چهرا پگهريل ۽ هيڊا پيل هئا. هن سوچيو، چا سيني جي ڪيفيت اندران هڪ جهڙي ئي آهي!؟.

ڳوٺ واري بس اڄ بہ ڪانٽس نڪري چڪي آهي. هو ڳوٺ پهچي ئي نٿو

سگهي. رستا اُبتا تي پيا آهن. هاٿي ڳوٺ واري بس کي سنڌس باس ڊرائيو ڪندو آهي، اُبتي رخ تي، اُبتن رستن ڏانهن.

دروازو کولي 10x10/12 جي قبر ۾ گهڙيو. سچ لهي رهيو هو. ڪٿ تي ائين اچي وينو چڻ مرتئي تان موٽيو هجي. ذهني طرح سان شمشان گهاٽ ۾ گهڙيو. پيٽرول هاريل ڪاٺين متان ليٽي پيو ۽ پنهنجيءَ چتا کي جلندو ڏسڻ لڳو. ڪيس ڪوپڙي ڦاٽڻ جو انتظار هو. ڪوپڙي ڦاٽيس نٿي. بس اُن کي محسوس ڪرڻ وارو پل بيهي ٿو رهي، پوريءَ شدت ۽ چتائيءَ سان. 3x3 جي ڳڙکيءَ مان هن کي سامهونءَ واري بلڊنگ جي گيلريءَ ۾ اُهائي پارسي ڇوڪري تي نظر اچي. مني پلانٽ جي ولين کي پاڻي ڏيندي. ڪيترا پيرا جهولي ڪٽ تي پاسا ورائيندي، تصور ۾ هن، ان پارسي ڇوڪريءَ جي اچن، اُجرن، ريشمي ڪلهن تي مٿو ڌري رنو آهي. اُن جي ڇُهاءَ کي محسوس ڪيو آهي. ساڳي تصوراتي سلسلي ۾ هوءَ هن جا لڙڪ چپن سان اُگهندي آهي. هن بند قبر ۾ هن زندگيءَ کي ان ڳڙکيءَ جي رستي، سامهونءَ واري گيلريءَ مان ماڻيو آهي. پنهنجي جلندڙ چتا کي ڪجهہ ڪڻ لاءِ اُتي ڪٽ تي چڙي، ڳڙکيءَ ۾ اچي بيهي ٿو. ٽڪ ٻڌي اُن پارسي ڇوڪريءَ کي ڏسندو/ ڇُهندو رهي ٿو. اچانڪ ڇوڪري هن جي وجود جو احساس ڪري، ڇرڪي هن ڏانهن نهاري ٿي.

ڇرڪ/ حيرت/ پريشاني/ ڪاوڙ/ نفرت/ ڪرهت ۽ سمورا ڀاوَ هن تي ڦِٽي ڪري هوءَ واپس اندر مُڙي وڃي ٿي.

هو
اُتي ئي بيٺل
ڪوپڙي ڦاٽڻ جي انتظار ۾. ●

# هو ۽ ڪارو چهرو

موڙ مڙنديءَ هيڪر وري اهوئي ڪارو چهرو رستو روڪي بيهي رهيس ٿو- هن کي ائين اڳيان ڏسي سندس اکين ۾ نفرت جا ياوَ اُڀري ٿا اچن. اهو ڪارو چهرو گذريل انيڪ سالن کان سندس پيڇو ڪري رهيو آهي. ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي، اڪيلائي ۾، سوچن ۾، ماڻهن جي انبوهہ ۾ اوچتو اڳيان اچي بيهي رهندو آهيس. آخري ڀيرو هو ڪيس ان ساڳي رستي تي گڏيو هو. ڦلجي ويل اونداهي ۾ هو، ڪاٽنس ٻانهن چڙهائي سموريءَ سگهہ سان وٺي ڀڳو هو. روشنيءَ ۾ پهچڻ تائين هو پگهر ۾ شم تي چڪو هو ۽ ساهہ پرجي آيو هئس. انيڪ پل تہ هو پيٽ کي ٽيڪ ڏيو سهڪندو رهيو هو. وچ ۾ ڪوڙ سارا ڏينهن لنگهي وڃڻ ڪانپوءِ اڄ وري هو ان ساڳي رستي تي سندس گس جهلي بيهي رهيو آهي. لهندڙ سج جي ويلا ۾، سنسان رستي تي، ائين ڪارو چهرو اڳيان بيٺل ڏسي هو اندر ۾ ڇڻ اُجهامي وڃي ٿو. چاهيندي بہ اکين ۾ اُڀري آيل نفرت، ڏڪار ۽ يوَ جا ياوَ لڪائي نٿو سگهي.

”پڪڙجي وئين نہ!!.“ ڪارو چهرو ائين ٺهڪ ڏئي کلي ٿو ڄڻ ڪيس ذليل ڪرڻ چاهيندو هجي. سندس ذهن ۾ اُڀري آيل خيال، ڪاري چهري کي چماٽ هڻي ڪڍڻ جو، پر محسوس ڪري ٿو تہ ڄڻ سندس هٿ برف وانگر سرد ۽ ساڻا پوندا ٿا وڃن يا سڪل پن جيان اجهو کي اجهو ڪرائي ڪنان ڇڻي ڪِري پوندا.

”ڇا ٿو چاهين مون کان!!؟. آخر ڇو منهنجا گس جهلي بيهي رهندو آهين!؟.“ هو گهٽيل آواز ۾ ٽٽل لفظن کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪاري چهري تي ڪوڙ، لوڀ، سازش ۽ اندر جو سمورو گند پڌرو ٿي بيهي رهي ٿو.

”ڇو ٿو ايڏو پاڻ پتوڙين!؟- کي ڪين ورنديءَ، سواءِ بک، بدحالي، ۽ ذليل شڪست جي. مان توکي، تنهنجو ملهہ ٿو چڪائڻ چاهيان. مان توکي قد اوچو ڪرڻ جو طريقو ٻڌائي سگهان ٿو. توکي آسمان تائين پهچڻ جو شارٽ

ڪٽ ٻڌائي سگھان ٿو.“ ڪي پل تہ هو ٽڪ ٻڌي ڪاري ڇهري کي ڏسندو رهي ٿو. سوچ: ڇا منهنجو قد ننڍو آهي! ڇا ڪنهن شارٽ ڪٽ رستي آسمان تائين پهچي سگھجي ٿو! اوچتو کيس احساس ٿئي ٿو ڇڻ هو ڄڳن جي پنڌ ڪانپوءِ ٿڪجي، نستو تي پيو آهي. سندس پير وڏجي ويا آهن ۽ دماغ جون رڳون چڪجي رهيون آهن ۽ کيس ڄڳ لنگھي ويا آهن نٿهڻ اُس ۾ ٻيٺي. ڇڻ- ڇڻ سج آسمان تان لهي سندس پويان اچي ٻيٺو هجي ۽ هو اندران سڄو، ٻري سڙي رک ٿي رهيو هجي. کيس ائين سانت ۾ ڏسي ڪارو ڇهرو ٻانهن ڪنان پڪڙي پڇيس ٿو: ”ڇپ ڇو آهين ! ڇا پيو سوچين! مون تي ويساهہ نہ اٿئي ڇا!!؟“

”تون منهنجو قد ڪيئن ٿو ڀلا اوچو ڪري سگھين ! مان تہ پهاڙ هيٺان دفن آهيان ڇڻ.“ بي حد ٿڪل ۽ هارايل نوع ۾ هو پٽڪي ٿو. موٺ ۾ ڪارو ڇهرو ٿهڪ ڏئي کلي پئي ٿو. ”ماڻهو، جيڪي تنهنجي چوڌسائن ۾ آهن، انهن جي آتمائن کي ماري، انهن جي جيئرن لاشن مٿان بيهي قد اوچو ڪري سگھجي ٿو.“

”او- و- هہ-“ هو اندر ۾ اجهامڻ ٿو لڳي. ائين تہ هو سپني ۾ بہ نٿو سوچي سگھي.

”ائين تہ هٽ آلا تي پوندا آهن رت مان ۽ آلڻ هٿن سان پنهنجو ئي نرڙ بہ تہ ڇهيءَ سگھجي ٿو نہ!- ۽ منهنجو ملهہ!- ماڻهوءَ کي وڪٽي تہ نٿو سگھجي نہ!- پوءِ منهنجو ملهہ ڀلا ڪيئن ٿو تون ڇڪائي سگھين !؟“ سالن کان هو پنهنجي اندر جي سچائيءَ کي ان ڪري ڇهري جي وڌندڙ هٿن کان بچائيندو ٿو اچي. اندر جي سچائي اها روشني آهي، جنهن جي ڦرجڻ، اجهامڻ ڪانپوءِ ڇا رڳو اندرئي اونداهون ٿئي ٿو!! نہ- نيڻ بہ تہ انڌا ٿي پوندا آهن. ٻنا ڪجھہ پَسڻ، پرکڻ جي سڀ ڪجھہ پيرن هيٺان لتاڙجڻ لڳندو آهي ۽ ان سڀ ڪجھہ ۾ گھٽو ڪجھہ سچو ۽ سُندر هوندو آهي. ڪاري ڇهري تي ڪارانهن وڌندي ٿي وڃي.

”تنهنجو ملهہ!! پاڻ وڪڻڻ واري ماڻهوءَ جو ملهہ!!- اڱرن جي ڪارانهن بہ تہ ٿي سگھي ٿي. پر اڱرن جي ان ڪارانهن جي موٽ ۾ ڪيترا سک ماڻي سگھين ٿو، ان جو تہ تو سپنو بہ نہ ڏٺو هوندو.“

”ڪهڙا سک!!؟“ ڪن لاءِ هن جون اکيون جرڪڻ ٿيون لڳن- جرڪندڙ

اکين ۾ هن جا اڻ ساپيا سپنا آهن- ڪارو چهرو سندس تهائين ويجهو ٿي سندس ڪنن ۾ سرگوشي ٿو ڪري ۽ هن جي ٻانهن ۾ پنهنجي هٿ جي گرفت مضبوط ٿو ڪري ڇڏي.

"چريو آهين تون تہ، سک جي معنيٰ بہ نہ ٿو سمجهين! جنهن جي پويان دنيا سڄي ڇتي ٿي پئي آهي. ٻڌ- سک اوچو اسٽيٽس آهي. پنهنجي ذات جي ٻاهرين خول جي ميتا آهي. پاڻ کان گهٽ اسٽيٽس وارن ماڻهن کان پنهنجا پير ڇڙائڻ جو گُر آهي. تون سمجهين پيو نہ!؟"

هو ٻنا ڪا ورندي ڏيڻ جي ڄڻ پنڌ پهڻ ٻڌيل. ڪاري چهري کي گهوريندي سندس اکيون ويڪريون ٿي وڃن ٿيون. هيڪر وري ڪاري چهري جو آواز سندس ڪنن ۾ ٻرڻ ٿو لڳي.

"ڏس- ماڻهوءَ جي احساسن کان وٺي هٿيارن تائين سڀ ڪجهہ سودي بازيءَ تي هلي ٿو. پاڻ نہ وڪڻندين'سدائين رستن تي ائين ٿاٻا پيو کائيندين- ائين تون پاڻ مجرائي بہ نہ سگهندين- انهيءَ ڪالُ ڪوٺڙي جهڙي گهر ۾ سڏڪي سڏڪي مري ويندين ۽ مُئي پڄاڻان قبر بہ ڪانہ ملندئي."

هو اڃا تائين پنڌ پهڻ ٻڌيل. هانوُ تي هُري آيل سيئي ڏک، پوڳنائون، شڪستون، اڌپورا سپنا، بدحالي، بي روزگاري، ذلتون ۽- ۽ دماغ جون رڳون تاڻجي ٿيون وڃنس. "ويساهہ ڪر." ڪارو چهرو اوچي آواز ۾ ڳائي ٿو: "مون ڪڏهن بہ نہ وڪامڻ واري ماڻهوءَ کي سک ماڻيندي ڪونہ ڏٺو آهي. ماڻهو ڪنهن ڏينهن ٿياس مٿان تنگي ڇڏيندي ۽ بس-" هن جي پيرن هيٺان ڄڻ ڌرتي کسڪڻ لڳيْ ٿي. ڇا وڪامجي وڃڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ جي اندر جو انسان جيئرو رهي ٿو!! اندر جو انسان مري وڃي تہ پوءِ ماڻهو احساساتي سطح تي خوني ٿي پوندو آهي. چور ٿي پوندو آهي؛ احساسن ۽ سچائين تي ڌاڙا هڻڻ لڳندو آهي ۽ ڇا هن جو چهرو بہ ائين ڪارو نہ ٿي پوندو!- ۽- ۽ هو ڇا ايڏو تڇ آهي جنهن جو ملهہ بس اڱرن جي ڪارنهن تي سگهي ٿي!؟ ڪارو چهرو ڏانهنس پنهنجو هٿ وڌائي ٿو.

"پوءِ- سودو منظور آهي نہ!!"

هو ڪاري چهري جي هٿ ڏانهن نهاري ٿو. جنهن تي اڱر جي ڪارنهن مکيل آهي. هو پنهنجي هٿ ڏانهن نهاري ٿو. اڇو، اجرو، آرسيءَ جهڙو هٿ، جنهن ۾ هو پنهنجو چهرو چٽو پَسي سگهي ٿو. ڄڻ رات جي ڪاري اونداهي

مان باک ڦٽندي هجي.

پيرن هيٺان کان ڪسڪندڙ ڌرتي جڻ اوچتو بيهي رهي تي. پيرن هيٺان ڌرتي هجي تہ ماٿهو پهاڙ وانگر اٽل تي پوندو آهي. هو پنهنجي اندر جي پوري سگهہ سان ڪارنهن مکيل هٿ مان پنهنجي ٻانهن ڇڏائيءَ وٺي پڇي ٿو. اونداهيءَ ۾ هو دوڙ دور تائين ڊوڙندو ٿو وڃي. روشنيءَ ۾ پهچڻ تائين هو پگهر ۾ شمر تي وڃي ٿو. ساهہ پرجي ٿو اڇيس. انيڪ پل هو پٽ ڪي ٽيڪ ڏيو سهڪندو ٿو رهي. ●

# هن پهاڙ جيڏي رات جي پڇاڙي ڪٿي آهي!؟

سج ميري ۽ گدلي ميرانجهڙي شام ۾ اُگهاڙن ۽ پٿون پيرن هيٺان ڪان اُڏامندڙ دز ۽ ڌوڙ ۾ ڌنڌلائبو ٿو وڃي. سانجهہ سمو ۽ نومبر جي شروعات جي هلڪي هلڪي سرد هوا. ڪاري نانگ جيان ور وڪڙ ڪائيندڙ پڪي رستي تان موڙ ڪاٽي، ڪار جڏهن هيٺ ڪچي ڏانهن لهڻ شروع ڪري ٿي، تڏهن ئي مان، پهرين ئي نهار ۾، پريان ڪان ئي اُهي اُگهاڙا پير، هيڊا سانورا چهرا، ڏُبرا ڏيل، سَنجها جهڙيون ميرانجهڙيون، اُجهاٽل اُجهاٽل اکيون ۽ لهرائيندڙ هٿن ۾ ڦڙڪندڙ جهنڊا پَسان ٿي.

شام جو گلابي رنگ ڪارانهن ۾ بدلجڻ شروع ٿيو آهي ۽ نيڻ نهار تائين مان روشنيءَ جو ڪوبہ اهڃاڻ نٿي پَسان. نہ بجلي، نہ لالٽين، نہ ڏيئو، نہ ئي ڪو ٽانڊاٽو. دور ڪٿي انسان جا پير چنڊ تي پهچي چڪا آهن ۽ منهنجي نيڻ نهار جي سيما اندر انسان جا پير ڌوڙ ۽ دز ۾ لٿجي، اُين ڪاون ۽ پٿرن سان ٽڪرائجي پٿون ٿي چڪا آهن، روشنيءَ جي ڪنهن ڪِرٽي جي ڳولا ۾. جنهن روشنيءَ جي ڳولا ۾ مان آس جي ياونا وڃان سندن اکين ۾ نهاريان ٿي، ان ساڳي روشنيءَ جي ڳولا ۾ هو پاڳلن جيان ڪار ڏانهن ڊوڙندا ٿا اچن. هو نعرا هڻي رهيا آهن. پوريءَ سگهہ مان وات ڦاڙي، جڻ هاڻ چيري اُنهن مان نعرا پٽي، منيون پري، چٽني ڏسائن ڏي اُڏاري رهيا آهن پر هنن جا آواز ڌوڙ ڪنان چاڙهيل ڪار جي شيشن تان ماڪ ڦڙن جيان ترڪي ترڪي ٿا وڃن. منهنجي پلئہ تہ محض سناٽو ٿو پوي. ان سناٽي کي بہ تہ معنيٰ آهي جيڪا منهنجي اندر ۾ لهرون لهرون ٿهليل آهي. مان موٽ ۾ نعرا هڻڻ ٿي چاهيان پر منهنجي چپ تارونءَ ۾ اٽڪي پوي ٿي. هٿ لهرائڻ چاهيان ٿي پر هٿ جڻ ڪنهنُ ياري چپ هيٺ دٻجي چڪا آهن. مون کي لڳي ٿو جڻ مان پنڊپهڻ بڻجي چڪي آهيان. وقت جي دز مون تي ڄمي وئي آهي. ان دز جي هيٺ الاءِ مان آهيان بہ يا نہ!؟

ويجها پهچي هو ڪار کي گهيري ٿا وڃن. افريقا جي مٽي قربل حبشين جيان هڪ ئي تال تي رقص پيا ڪن. جنهن ۾ نہ رڳو وجود پر ماڻهوءَ جي آتما

به ڦيريون پائي ٿي. سيئي ورڪرز ڪار مان لهون ٿا. باقي ورڪرز به هنن سان هم آواز ٿي وڃن ٿا ۽ منهنجو اڪيلو وجود هنن جي ڦيريون پائيندڙ وجودن سان بال جيان ٽڪرائجي، هيڏانهن ڪان هوڏانهن ۽ هوڏانهن ڪان هيڏانهن ٿاٻڙجندو رهي ٿو. پريان مٽيءَ جي ڪچن گهرن ۽ وٽاڻن ۾، مچرن ڪان دڪايل دونهينءَ مان اُٿندڙ نڪي بوءِ نڪ ۾ گهڙي جڻ منهنجو ساهه مُٺ ۾ جڪڙي ٿي وٺي.

(مان، پنهنجي اندر، مٺ ۾ جڪڙيل ساهه ڇڏرائڻ چاهيان ٿي. ڦٽڪان ٿي ۽ منهنجا پر ڇٽي زمين تي ڦهلجي ٿا وڃن. ساهه مُٺ ۾ جڪڙيل ٿي رهي ٿو. پر اها مٺ ڪنهن جي آهي!؟ منهنجي!؟. نه، منهنجي ڪيئن ٿي ٿي سگهي!!. منهنجي مٺ ته خالي آهي. تڏهن!؟. اها مٺ ڪنهن ٻي جي به ته ٿي سگهي ٿي!. ڪنهن مون کان به وڌيڪ سگهاري جي!. ها، ڪنهن مون کان به وڌيڪ سگهاري جي ۽ اُن ۾ منهنجو ساهه جڪڙيل آهي.)

(هي ماڻهو به ساهه کڻڻ چاهين ٿا پر ڇا ساهه کڻي سگهيا آهن!؟ پر ڇا ان ريت ساهه کڻي سگهندا، جيئن وشال نيري آڪاس تي پکي پَر ڦهلائي اُڏامندو آهي!! ڇا هنن جا پَر آهن! يا هنن جا پَر به منهنجن پرن جيان ڇٽي وڪري ويا آهن!! پوءِ هي رقص ڇو ٿا ڪن!؟ ڇا اندر جي پيڙا هنن کان رقص ڪرائي ٿي؟ ها شايد اندر جي پيڙائي هنن کان رقص ڪرائي ٿي. پر مان رقص ڪري نٿي سگهان. مان پنڌپهڻ بڻيل آهيان. مون کي پنڌپهڻ ٿي رهڻ گهرجي.)

نومبر جي اِن ميري ۽ گدلي شام ۾ اسان اليڪشن جي ورڪ لاءِ آيا آهيون. اڻپورين خواهشن، اڻپورين ضرورتن، اڻپورن خوابن ۽ اڻپورن آدرشن جي اڻ-کٽ فهرست آهي جيڪا جهنڊي جيان هنن جي اکين ۾ ڦڙڪي ٿي.

(اچانڪ ـ هانءَ تي تنهنجا ساروڻا ٿا هُريو اچنم.)

توکي ياد آ ـ

ڪيئي سال پهرين اهڙي ئي ڪنهن ميرانجهڙي، ٽڪل، نستي ٿيل شام ۾ ان ساڳي ڳوٺ ۾ تون ۽ مان آيا هئاسون. تڏهن به اليڪشن جي ئي ورڪ لاءِ. تڏهن به اهو رستو ائين ئي ڪچو هو. اهائي اُونداهي هئي. اهيئي پٿون

پيرَ ۽ ڏيرا ڏيل هئا پر تڏهن تون ۽ مان پرأميد هئاسون ۽ هي ماڻهو زندگيءَ کان ڪٽيل، موت جي پاڪرن ۾ ڪِرندڙ ماڻهوءَ جيان مايوس هئا. هنن کيٰ ويساهه ئي نئي آيو تہ ڪو ڪڏهن صبح بہ ٿيندو- تہ ڪو هن پهاڙ جيڏي رات جي بہ ڪائي پڇاڻي ٿي سگهي ٿي. اچرج مان، ٽڪ ٻڌي، وات پٽي، پنڊ پهڻ بڻيا پاڻ کي ڏسندا/ ٻڌندا رهيا هئا. تو ۽ مون ڪيئن ڪيئن نہ هنن کي ويساهہ ڏياريو هو تہ اوهان کي رستا ٺهي ملندا. بجلي ملندي- اوهانجا ڪچا گهر پڪا ٿيندا. اسڪول کلندا، جن ۾ اوهانجا ٻار نئين ۽ روشن صبح جيٰ اُميد ساڻ ڪري پڙهندا. اوهان کي گسڻ، گهيڙن ۽ ڪورٽن ۾ گهلڻ وارا هٿ ڪپيا ويندا. اوهان ئي طاقت آهيو. اوهانجن هٿن ۾ ئي هن ملڪ جو روشن آئيندو آهي. اچو- اسان- جو- ساٿ- ڏيو-

ياد آ توکي! جيئن جيئن تنهنجو آواز ويو ٿي اوچو ٿيندو، تيئن تيئن ڇڻ هنن جو پٿر بڻيل وجود ميڻ جيان ڦڙو ڦڙو ويو ٿي وگهرندو. اڄ ڄڻ انهيءَ ساروٽيءَ کي جڳ لڳيا. ڄڻ ڪو سپنو هو جيڪو اڌ پنڌ ۾ ٽٽي پيو يا اسان ئي ٽڪجي ٻوٽيل اکيون پٽي ڇڏيون! يا اکيون کليل هيون جيڪي ٽڪجي پوڻ ڪانپوءِ ٻوٽي ڇڏيونسين. ڪير ڄاڻي تہ اُهو سپنو هو يا هي سپنو آهي !!

ياد آ توکي! تاڙين جي سُر تي، بي ربط آوازن ۾ سيئي گڏجي ڳائيندا هئاسون: ”هي جيون سارو سپنو آهي- سپني ۾ ڪيئي سپنا آهن- سپني ۾ ڪيئي سپنا آهن- هي جيون سارو سپنو آهي-“ هنن ماڻهن جي اکين ۾ بہ سپنا آهن. هي ماڻهو، پنهنجا ڏيهہ واسي ڌور ۽ ڍڳي وانگر زندگي گهاريندي بہ ان زندگيءَ سان سهمت نہ ٿيندڙ. پنهنجي اندر ۾ هيسيل، هيٺا ۽ جيتامڙا هوندي بہ ان کان انڪاري. انڪار جي اها سگهہ هنن انهن وچ وارن سالن ۾ ويهي ماٺي آهي. جن ۾ تو ۽ مون مايوسيءَ جو زهر ڍُڪ ڍري ويهي پيتو آهي. تو ۽ مون سوچيو هو، نيٺ بہ، ڪجهہ بہ نہ بدلبو. سڀ ڪجهہ ائين ئي رهندو، جيئن جڳن کان هليو اچي. چهرا بدلجي تہ ويندا پر سسٽم ساڳي ريت اندران ئي اندران ماڻهوءَ جو رت سٽ چوسي اُن کي خالي کندو رهندو. هي ويچارا ماڻهو سدائين، آد کان جڳاد تائين، ائين ئي هٿ لوڏي لوڏي، رستي جي ڪنارن تي بيهي سلاميون ڏيندا رهندا. ليڊرن جي ٻتن ۾ ساهہ ڦوڪڻ لاءِ نعرا هڻي هڻي ساهہ ڏيندا رهندا. جلوسن ۾ روبوٽ جيان لاڳيتو پنڌ هلندا رهندا ۽ تاڙيون وڄائيندي وڄائيندي، نيٺ بہ ڪنهن ڏينهن پن پن ٿي ڇڻي

پوندا. اها ڊيوٽي هنن کي ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ملي آهي. ان هوندي بہ، هنن لاءِ ڪجهہ بہ نہ بدليو. وڌ ۾ وڌ قبرستانن جو ڦهلاءُ وڌي ويندو.

سچ پچ تہ قبرستانن جو ڦهلاءُ وڌي ويو آهي. موت جو سيڪڙو وڌي ويو آهي. بيڪار/ رد ڪرڻ جوڳي زندگيءَ جي ري ايڪشن ۾ پلٽہ پوندڙ موت وڌيڪ تکو ۽ تيز رفتار تي چڪو آهي. زندگي ڪجهہ وکون/ انيڪ وکون پوئتي رهجي وئي آهي. تڏهن بہ، هينئر جڏهن منهنجي چئني پاسي ماڻهن جو انبوهہ نعرا هڻي هڻي نچي رهيو آهي، اُونداهي اڃا بہ گهري ٿيندي ٿي وڃي، دونهينءَ جي تکي بوءِ اِڃا بہ تکي ٿي چڪي آهي ۽ جهنڊا هنن جي مٿن کان بہ مٿيرا اڃا بہ تيزيءَ سان ڦڙڪي رهيا آهن، مون کي محسوس ٿئي ٿو ڄڻ موت جي سيني ۾ اڃا بہ دل ڌڙڪي رهي آهي. غير محسوس نوع ۾، هوريان هوريان.

پر منهنجي دل تہ ڄڻ بيهي رهي آهي. بلڪل ساڪت. مان هٿ ڦهلائي هنن کي روڪڻ چاهيان ٿي پر اچانڪ هڪڙي ورڪر جو آواز پڙاڏو بڻجي گونج ڪري ٿو.

”بُدو!!

بُدو!!

اسانجي ڳالهہ بُدو. اسان ڪجهہ چوڻ چاهيون ٿا. اوهانجي روشن آئيندي لاءِ. زندگيءَ جي سکن تي اوهان جن حقن لاءِ. چپ ٿي وڃو. چپ چاپ بيهي رهو. اسان اوهان سان ڪجهہ واعدا ڪرڻ چاهيون ٿا. سچا، نيائڻ جوڳا واعدا، جيڪي اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ سچا ثابت ڪنداسون.

بُدو!!

بُدو!!“

هجوم ساڪت ٿي بيهي رهي ٿو. پنڊپهڻ جيان. هنن جا ڪليل چپ هوريان هوريان بند ٿيندا ٿا وڃن. هاڻي صرف جهنڊائي ڦڙڪي رهيا آهن ۽ بس. ڪن کانپوءِ هجوم ۾ پڻ جهڻ شروع ٿئي ٿي. جيئن ماکيءَ تي مڙندڙ مکين جي پراسرار پڻ جهڻ لڳن مان سيسرات ڪڍي ڇڏيندي آهي، تيئن ئي مان محسوس ڪريان ٿي. منهنجا ساٿي ورڪرز جيئن جيئن انهي پڻ جهڻ کي دٻائڻ چاهين ٿا، تيئن تيئن، اُنهيءَ ۾ شدت ايندي ٿي وڃي.

”چپ ٿي وڃو.“

"اسان- سالن کان چپ آهيون بابلا!- سالن کان. اجا به چؤ ٿا ته چپ ٿي وڃو." ڪنگهه ۾ وڪوڙيل هڪڙو پوڙهو آواز هجوم جي آخر مان اُڀري ٿو ۽ پيهر ڪنگهه ۾ ٻڏي ٿو وڃي.

پڻ جهڙ ان جملي ڪانپوءِ اجا به وڌي ٿي وڃي. اُونداهي ۾ چهرا الوپ ٿي رهيا آهن. منظر وڃائجي رهيا آهن. بس آواز باقي رهجي وڃن ٿا.

"اسان اوهان کان ووٽ گهرڻ آيا آهيون، ان لاءِ جو اوهانجن حقن لاءِ ئي اسان وڙهي رهيا آهيون ۽ انهن کي پورو ڪرڻ ئي اسانجي زندگيءَ جو پهريون ۽ آخري مقصد آهي... ... ..."

تقرير وچ وچ ۾ تاڙين جي پڙاڏي ۾ دٻجي ٿي وڃي. تقرير ڪندڙ ورڪر ڳلو ڦاڙي اجا به زور زور سان رڙيون ڪرڻ جي انداز ۾ ڳالهائي ٿو- ڄڻ هو پنهنجي اڪيلي آواز جي زور تي انيڪ آوازن جي پڙلاءُ سان وڙهڻ چاهي ٿو. مان هن جي وات تي هٿ رکڻ ٿي چاهيان پر منهنجو هٿ ڄڻ پٿر هيٺان دفن ٿيل آهي.

هجوم مان هڪ ٻيو آواز اُڀري ٿو. ڪمزور، ٿڪل، هيٺو آواز- شايد نعرا هڻي هڻي نستو ٿي پيل.

"ابا!- منهنجو جوان جماڻ پٽ گذريل اليڪشن ۾ اوهانجي ليڊر لاءِ وڙهندي، وچ چؤنڪ تي مارجي ويو. ڦتڪوئي هڪڙو ڪاڏائين ۽ پوءِ ڄڻ هيوئي ڪونه. سندس رت ۾ رڱيل قميص اجا به رکيو ويٺو آهيان!؟- چؤ ته ڪٿي آٿي ڏيکاريانوَ!!؟" هن جو ڳلو ٻرجي ٿو اچي. ڪن لاءِ ڄڻ هجوم جي پڻ جهڙ جو ڳلو گهٽجي ٿو وڃي.

"اسان تنهنجي پٽ جي موت جو، اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ معاوضو پري ڏينداسون- ڪنهن جي به قرباني بيڪار نه ويندي." ورڪر ٻيهر ڳلو ڦاڙي ٿو. ڪن لاءِ سانت ۽ ان سانت کي پيهر چيري اُڀرندڙ، هجوم مان ايندڙ ساڳيو آواز.

"جوانيءَ جي موت جو به ڪو اُجورو ٿيندو آهي ڇا بابلا! ـ اُن اُجوري مان ڇا ٻيو جوان پٽ ڳنهي سگهندس !؟ هڪڙوئي پٽ هئم ـ روئي روئي مان ۽ مائس نيٽ انڌا ٿي پياسون پر ڪير به اسان جا لڙڪ اُگهڻ نه آيو."

"جن لاءِ وڙهون ٿا، مرون ٿا، اُهي گهٽ ۾ گهٽ اسانجا لڙڪ ته اگهن نه- ٻيا سُک ڏين نه ڏين-" هڪ ٻيو آواز. آواز ۾ ناراضگيءَ جو تاثر سمايل.

وايومنڊل تي موت جھڙو سناٽو ڇانيل- ڪجھ پل پھرين رڙيون ڪندڙ ورڪر جو بہ جڻ ڳلو گھٽجي ويو آهي. اصل مسئلو آهي آئي لڙڪ اُگھڻ جو. جيڏانهن نهار ڪر، آلين اکين جو نہ ڪٽندڙ سلسلو آهي، جيڪي ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ ناهن اُگھيون. مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ هو سڀ ڪنهن نہ ڪنهن وچ چوڙنڪ تي ماريا ويا آهن، گذريل اليڪشن ۾. هاڻي پويان سندن رت ۾ رڱيلون قميصون باقي رهجي ويون آهن، جيڪي منهنجين اکين جي سامهون، گھري ٿيندڙ اُونداهي ۾ لهرائجي رهيون آهن ۽ انهن مان ڦڙو ڦڙو ٽمندڙ رت مان منهنجا هٿ آلا ٿي رهيا آهن. مان پنهنجا هٿ ڪلهن تي ويڙهيل شال اندر لڪائڻ تي چاهيان پر هيڪر وري مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ منهنجا هٿ ڪنهن ياري پٽر هيٺان دفن ٿيل آهن.

توکي ياد آ!! اسٽوڊنٽ لائيف ۾ نظرياتي بحث ڪري ڪري اسان جا ڳلا ويهي رهندا هئا. ساهہ پرجي ايندو هو پر محسوس ٿيندو هو جڻ نظريا ماڻڻ تائين مُور نہ ٿڪباسون. انقلابي نظريا- انقلابي آدرش- رڙيون ڪري چوندا هياسون: ”جلائي ڇڏيو هي ايوان. مسمار ڪريو هي محل. آڳ لڳائي ڇڏيو هنن ڪارخانن کي جيڪي محض پورهيت جو رت چوسڻ لاءِ آهن. آڳ لڳائي ڇڏيو هنن کيتن کي جيڪي هاريءَ کي پيٽ پرڻ لاءِ اَن نٽا ڏين. اسان پنهنجن ليڊرن لاءِ سر ڏئي ڇڏينداسون پر اُنهن کي سامراج جو ڪاچ بنجڻ نہ ڏينداسون. هيءَ ڌرتي اسان جي آهي. هن مان اُپايل سُک اسان جا آهن. اسان جا حوّصلا بلند آهن. اسان مرڻ گھڙيءَ تائين آڻ نہ مڃينداسون... اسان... اسان... اسان...“

تڏهن ائين محسوس ٿيندو هو تہ، جڻ اسان ئي ڪائنات جي سڀ کان سگھاري سگھہ آهيون. لڳ اسانجا لوهہ آهن ۽ رڳن ۾ سمنڊ ٿو چوليون هڻي. لڳ ڪيئن مٽي بڻجي ويندا آهن ۽ سمنڊ ڪيئن خشڪ ٿي ويندا آهن ۽ ماڻهوءَ جي اندر ۾ ڪيئن سوڪهڙو ڦهلجي ويندو آهي، ان جي تڏهن ڄاڻ ئي نہ هئي سون. بس جيئن دنيا ان پل هئي، تيئن ئي سدائين رهندي. انيڪ سالن ڪانپوءِ، جڏهن تون آخري ڀيرو مليو هئين (اُها بہ اهڙي ئي ڪائي سرد پوندڙ شام هئي- ريلوي لائين جي ڪناري ڪناري هلندي ائين محسوس ٿيو هو جڻ ڳالهائينداسون تہ سپنو ٽٽي پوندو. مان تنهنجين ۽ پنهنجين ڪڇندڙ وکن ڏانهن نهاريندي هلي هيس- مون محسوس ڪيو هو تہ اڄ تون بہ تمام گھٽو

ٿڪل آهين ۽ مان بہ تمام گهڻي ٿڪل آهيان. دراصل جتي تون ۽ مان پنڌ پيا هئاسون اُهو محض رستو هو، ڪنهن بہ ماڳ ڏانهن نہ ويندڙ. بس هڪڙي رستي مان سوين رستا ڦٽي نڪرن ٿا جن ۾ اسان وڃائجي ٿا وڃون، پهرين هڪ ٻي کان. پوءِ پنهنجي پاڻ کان.)

ريلوي لائن جي ڪناري ڪناري، ساڻ ساڻ هلندي تو چيو هو: ”ڪير بدلجي ويو آهي! تون ۽ مان!!- يا- هيءَ ڪائنات!؟“

تو چيو

”توکي ياد آ... ... ...“

مون چيو

”ها، مون کي ياد آ... ... چا توکي ياد آ... ...“

پر اڄ بہ مون کي ياد آ تہ يادون آڱرين جي وچ وارين وٿين مان پاڻ ڇڏائي لنگهيو ٿي ويون ۽ اسان جا آواز پريان کان ڌوڪيندي ايندڙ ريل جي شور ۾ دٻجي گم ٿي ويا هئا. هڪ ٻي کان بہ، پنهنجي پاڻ کان بہ- ڪجهہ ڏينهن پهرين تون جيل مان نڪتو هئين. ڏکهو، ٿڪائيندڙ، ايذائيندڙ قيد ڪاٽي. پارٽيءَ جي مهان ليڊر حڪومت جي پارٽيءَ ۾ وزارت قبول ڪري ورتي هئي. تو خالي خالي اکين سان پولار ۾ گهوريندي چيو هو: ”مون پنهنجي زندگيءَ جا هيترا قيمتي سال ڇالاءِ دان ڪيا!؟- ڪير مون کي اُهي موٽائي ڏيندو!؟ تون ئي چئو اسان آدرشن جي پويان چو ٿا پاڳلن وانگر ڀٽڪون. هن وقت مون کي منهنجي اها خواهش ڪيڏي حقير ۽ بي معنيٰ ٿي محسوس ٿئي تہ ڪو عظيم انقلاب، جادوگر جي لڪڻ وانگر هڪڙي ئي زوزات سان ڪائنات کي بدلائي ڇڏيندو! اسان ڇا بس هوا ۾ لفظ اُڏاريندا رهياسون!! ڇا اُهو ناٽڪ هو! اهڙو ناٽڪ جنهن جو مقصد محض عام ماڻهوءَ کي پاڳل ڪرڻو هو!! ويچارو عام ماڻهو- هر پيري وڙهندڙ، هر پيري مرندڙ ۽ وري اُٿي ٻيهر وڙهندڙ ۽ ٻيهر مرندڙ ۽ پوءِ لاڳيتو مرندڙ، ڪيتن ۾، چؤواٽن تي، گهٽين ۾، فائلن ۾، ڪرسيءَ جي هيٺان، بوٽن جي هيٺان، جنگ جي ميدان، جلسن ۾، جلوسن ۾، لفظن ۾، تاڙين ۽ نعرن جي شور ۾، لاڳيتو مرندڙ ويچارو عام ماڻهو. مان بہ بس اُهوئي ويچارو عام ماڻهو آهيان! اهوئي تہ ثابت ٿيو نہ هيڏي ڏکهي، ٿڪائيندڙ ۽ لاحاصل ويڙهہ ڪانپوءِ بہ. ها- نہ – – – ريل، ڪنهن پاڳل تي پيل آدرشيءَ جيان، چڻ دنيا تياڳي، مُنيون پيڙي، رڙيون دانهون ڪندي، اسان کي بہ

چيپاتيندي، هن پر ڊوڙندي ٿي وئي.

۽ هينئر جڏهن، سالن پڇاڻان، مان هيڪر وري انهن ٿي ساڳين ويچارن عام ماڻهن جي اڳيان بيٺي آهيان. تون ساڻ ناهين پر تنهنجا لفظ به جڻ انهيءَ پڻ جهڻ ۾ شامل ٿي ويا آهن. پڻ جهڻ، جيڪا منهنجن لڱن مان سيسرات ڪڍيو ڇڏي. روشني ڪرڻ لاءِ ڪار جون لائيٽس آن ٿيون ڪيون وڃن ۽ هاڻي سڏيءَ طرح روشني هنن جي چهرن تي پئجي رهي آهي.

ورڪر پيهر ڳلو ڦاڙي هنن کي مخاطب ڪري ٿو.

"اسان ٿي اوهان جي ووٽ جا صحيح حقدار آهيون- اوهان جا ووٽ اوهان جي زندگيءَ جي سکن جا بوتيل دروازا کولي ڇڏيندا. اوهان اسان کي آزمائي ڏسو. اسان اسڪول کوليندا سون، هسپتالون کوليندا سون، رستا پڪا ڪرائي ڏيندا سون، بجلي ڏني ويندي، اوهانجا ڪچا گهر پڪا ڪرائي ڏيندا سون. اوهان تي سدائين ظلم ڪرڻ واري طاقت کي ڪچليو ويندو- اسين- اسين- اوهانجن- حقن جي- بقا- ۽- بچاءَ- لاءِ- - -" ورڪر جو چهرو اُونداهي ۾ الوپ آهي. بس هن جو هٿ ڪار لائيٽس ۾ بيٺلن جي چهرن جي اڳيان لهرائجي رهيو آهي. اوچتو هڪڙو هٿ اُلر ڪري اچي ٿو ۽ ورڪر جي لهرائيندڙ هٿ کي ڪرائي ڪنان سوگهو پڪڙي ٿو وٺي. ورڪر جي چپ رڙيون ڪندي ڪندي جڻ تارونءَ سان اٽڪي ٿي پوي. چائنجي ويل سانت ۾ ڪنهن قدر سگهارو آواز ٿو اُڀري.

"بڪواس ٿو ڪرين تون. اڳوڻڪين اليڪشنن ۾ تون ٿي ته آيو هئين. تون نه هوندين ته تنهنجي ٿي پارٽيءَ جو ڪو بيو هوندو، تو جهڙو. اُهو نه هوندو ته اجا ڪو بيو هوندو. اسان ته اسڪولن، هسپتالن، رستن، گهرن ۽ بجليءَ جا خواب ڏسي ڏسي اندا ٿي پيا آهيون."

سو، ويچارو عام ماڻهو اندو به ٿي چڪو!!، يا اڳهين اندو هو!! ۽ هاڻي محض اُنهيءَ جي چاڻ پائي سگهيو آهي! اندي ماڻهوءَ جي محسوس ڪرڻ جي سگهه، نارمل ماڻهوءَ کان گهڻو تکي ٿيندي آهي ۽ اها ماڻهوءَ جي بلاست ٿيڻ جي سڀ کان آخري حد ٿيندي آهي- ماڻهو آخري حد تي بيٺل آهن. ماڻهو بلاست ٿيڻ وارا آهن- ماڻهو اندران تپي ٽامو ٿي چڪا آهن نه ته تو ۽ مون نه

سوچيو هو تہ ماڻهو پنهنجي اندر ۾ مري چڪا آهن. پنهنجي اندر جي سردخاني ۾ لاشن جيان رکيا آهن/ رکيا رهندا. لاش، جن جو ڪوبہ والي وارث نہ ليندو آهي. پاڻ تي خاوي پوندڙ، ٻاهرين سگهہ اڳيان هٿيار ڦٽا ڪندي تو ۽ مون پنهنجي طور فيصلو ڪري ورتو هو تہ هن ويچاري عام ماڻهوءَ جي ماڻهپي ڪي بقا ڪانهي. اهڙ وري بہ اُهو جانور آهي جنهن مان هي انسان بڻيو آهي. انسان جي حيثيت ۾ ڪير بہ هن کي own ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي. هو پاڻ بہ پاڻ کي انسان own ڪندي پيڙا جي وهڪري ۾ لڙهيو وڃي. هن جو Ego مري چڪو آهي پر هن جو Ego هيو ئي ڪڏهن!!، اُن بازي گر جيان جيڪو ساهہ روڪي، اکيون ٻوٽي، پولار ۾ ٻڌل سنهڙي ڏور مٿان وک وک هلندو رهندو آهي، محض ان لاءِ تہ هيٺ سرڪس ڏسندڙ ايذاءَ جي لذت مان رڙيون ڪندي، تاڙيون وڄائين. دراصل تون ۽ مان تڪجي پيا هئاسون. تون ۽ مان بہ بهرحال پولار ۾ ٻڌل انهيءَ ساڳي ڏور هٿان اکيون ٻوٽي، ساهہ روڪي وک وک هلي رهيا هئاسون ۽ هيٺ ويٺل تماشبين تاڙيون وڄائي رهيا هئا. انهيءَ تماشو ٻڻائيندڙ ذلت مٿانٰ سوڀ ماڻي ئي نٿي سگهياسون. ڏگهي، اکٽ رستي تي ڊوڙندي ڊوڙندي اهو ڄاتو هيوسين تہ رستا محض رستا ئي ٿيندا آهن، محض ماڻهوءَ کي ڊوڙائڻ لاءِ. ڊوڙائيندي ڊوڙائيندي ٿڪائڻ لاءِ ۽ ٿڪائي اونڌي منهن ڀٽرائين ڌرتيءَ تي ڪيرائي رتوڇاڻ ڪرڻ لاءِ.

ٻيا پارٽي ليڊر بہ وزارتن تي سوديبازي ڪري چڪا هئا. ڪيترائي ڪارڪن ان سمجهوتي جي پويان، پنهنجن پنهنجن ننڍڙن ننڍڙن مفادن جي حصول ڪاڻ اٿين هليا ويا هئا. جيئن ڪُئن جو ولر پائپ وڄائڻ واري جي پويان انڌا ڌنڌ هليو ويندو آهي، سمنڊ ۾ غرق ٿيڻ تائين. تون اٽڪايل عرصي تائين لاءِ ٻيهر جيل ۾ واڙيو ويو هئين ۽ مان ـ !! مان حالتن جي reaction ۾ بي حس بڻي رهيس. ياد آ مون کي، ڏگهي سڙڪ تي، ٽڪڙيون ٽڪڙيون وکون کڻي هلندي مان من ئي من ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو ڳالهائيندي ويندي هيس. منهنجي زبان تارون، ڳلي ۽ ڏندن جي وچ ۾، چپ بند هوندي بہ گول گول پيئي ڦرندي هئي. ڳالهائڻ جي ضرورت شدت اختيار ڪندڙ پر پوري ٿي نہ سگهندڙ. ويهائي سان ڳالهيون، سوڙ سان ڳالهيون، ديوارن، ڇت، پولار ۽ پاتال

سان ڳالهيون. انيڪ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڪتندڙ ڳالهيون پر پوءِ هوريان هوريان ڳالهيون گونگيون پوڻ لڳيون. اکين جي ڪندن ۾ اٽڪيل رهجي ويون. مان چپ ٿي ويس. بلڪل چُپ. مون انهيءَ چپ ۾ پاڻ لاءِ پناهہ ڳولهي ورتي. تو چيو هو، ”اسان ۾ frustration جا اهي ياوَ ياهران feed ڪيا ٿا وڃن- establishment کي وڏيڪ سگهارو بنائڻ لاءِ.“ پر اسان انهيءَ feeding کي تڏهن قبول ٿا ڪريون نہ، جڏهن اُن کي سمائڻ جيترو خلا اندر ۾ ڦهليل هوندو آهي. ماڻهو تہ جيئڻ جو ٽيڻ هئا. ڪنڌ جهڪائي هلندڙ، شڪرگذار، ٿڪل، هيسيل، چُپ چاپ انهن ٿي ساڳين ڪچن رستن تي هلندڙ، اُهي ئي اکين ۾ اسڪول جا مٺل خواب ٽنگيو، ٻنين ۾ ڏڳن ۾ ڊورن جيان وهندڙ پار، اُهي ئي اونداهي ۾ انڌن جيان جيئندڙ- هسپتال جي ڊاڪٽرن تي ساهہ ڏيندڙ، عدالتن جي ڏگهن وراندن ۾، پڳون پنهي هٿن ۾ کنيو وڪيلن ۽ ججن جي پويان ليلڙاٽيون پائيندڙ، اُنهن ئي واعدن، خوابن ۽ ووٽن جي انبار هيٺ گهٽجي گهٽجي ساهہ ڏيندي بہ بهرحال جيئندڙ ويچارا عام ماڻهو. سيڪجهہ جيئڻ جو ٽيڻ هو، آد کان جڳاد تائين. مان اڪيلي پلا ڇا ٿي ڪري سگهيس!؟ ڪجهہ بہ نہ. ڪجهہ بہ پائي نہ سگهڻ جو اُهو ايذاءُ ڪجهہ ٻين صورتن ۾ منهنجي اندر ۾ بہ تہ مٿو ٽڪرائي رهيو هو، منهنجي هستيءَ جي ديوار سان- مان پاڻ بہ تہ ضرورتن، روايتن، سوسائٽيءَ جي اُصولن ۽ پابندين ۽ حدبندين جي وچ ۾ پٽڪندي پٽڪندي ڪٿي وڃائجي وئي هيس نہ- زندگيءَ جو سڀ کان وڏو مسئلو اهو ٻڌجي پيو هو تہ ڪيئن، ڪنهن جي سفارشن تي گيس جي پائيپ ڇڪرائجي گهر تائين. اڪيون خبر ناهي اڱرن کي دکائيندي دکائيندي ايڏيون دونهاتجي ويون آهن يا مسلسل اوجاڳن جي ڪري !- ان کان بہ وڏو مسئلو اهو هو تہ جيئڻ جو اهڙو ڪهڙو طريقو اختيار ڪجي جو اکيون بظاهر کليل هونديون بہ اندران بند هجن. ساڳيو مسئلو ڪنن ۽ زبان لاءِ بہ محسوس ڪيو هئم. سو مسئلا حل ڪندي ڪندي سال لنگهي ويا. يادئي نہ رهيو تہ توکي گهڻن سالن جي سزا آئي!؟- اُهي جذباتي ۽ انقلابي تقريرون جڻ ڪٿي وات ويندي پرس مان ڪِري پيون ۽ اُنهن سان گڏ پيو بہ گهڻو ڪجهہ- ڪڏهن ڪڏهن خود غرض قسم جو ڏک اندر ۾ نانگڻ جيان ڦڻ ڦهلائي اچي ويهندو

هئم ته مان ڇو نه زندگيءَ جون سهولتون ماڻي سگهيس !؟- ڪارخانا، بنگلا، شو رومس، بلڊنگون، موٽرون، شهر جا پوش علائقا ۽ سمورو ڪجهه به جيئن جو تيئن هو، جن جي خلاف پاڻ جذباتي تقرير ڪندا هئاسون. هڪڙو سياسي ورڪر انهن ئي جذباتي تقريرن رستي پنهنجين محرومين تي react ڪندي پنهنجي اندر جو ڪٿارسس ڪندو آهي ۽ گهڻو اڳتي هلي ناڪام سياسي ورڪر ثابت ٿيڻ ڪانپوءِ، ڪجهه به نه پائي سگهڻ جي پيڙا هيٺ، ڪوبه معاشي انقلاب برپا نه ٿيڻ ۽ رات وچ ۾ غربت جي پوت کان جند نه ڇڏرائي سگهڻ جي صورت ۾ سمورو انقلاب، سمورا آدرش ڪيس بڪواس محسوس ٿيندا آهن. اُها ئي اتي لٽي ۽ اجهي جي جنگ ۽ لاڳيتي جنگ ڪانپوءِ به شڪست ۽ شڪست ڪانپوءِ به جنگ. نه چاهيندي به، زبردستي پرتي ٿيل رنگروٽ وانگر وڙهندا رهو ڇو ته ٻنهي پاسي موت آهي. پنهنجي طور تو به اهوئي طئي ڪيو هو ته اُهو سمورو ڪجهه بڪواس هو/ آهي- سڀ ڪجهه مرده باد.

اڄ، نومبر جي ان سرد ۽ گهري اُونداهي ۾ بدلجي ويل شام ۾ مان هيڪر وري اتي ئي بيٺي آهيان، بلڪل ائين، جيئن اتهاس ۾ پاڻمرادو بنا ڪنهن شعوري ڪوشش جي ڪردار ورجائيا آهن. هڪ ٻي ورڪر هاڻي ڪار جي روشنيءَ ۾ هٿ لهرائي لهرائي تقرير ڪري رهي آهي ۽ ان کان ٻهرين تقرير ڪندڙ ورڪر پرجي آيل ساهه کي نارمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ڇڻ ميلن جو فاصلو طئي ڪيو هجيس. هو سهڪندڙ آواز ۾ مون کي مخاطب ڪري ٿو.

”ٻڌو آ- ڪنهن زماني ۾ تون ڏاڍي سٺي تقرير ڪندي هئينءَ. ماڻهن جا هشامر گڏ ٿي ويندا هئا ۽ سُئي ڪِرندي هئي به ته ان جو به آواز ٿيندو هو- اڄ ڇو نٿي ڳالهائين !!“

مان خالي خالي نيڻ نهار هن تي وجهان ٿي. ان سوال جو به ته ڪوئي جواب ڪونهي ته اڄ مان ڇو نٿي ڳالهايان. مون کي لڳي ٿو منهنجي چپ ان هجوم جي پيرن هيٺ لتاڙجي رهي آهي.

”صبح ضرور اُڀرندو. جمهوريت جو سج- اسان آمريت کي چوواٽي تي سوريءَ چاڙهينداسون- جمهوريت زنده باد- آمريت مرده باد- اوهان کي

جمهوريت کي ڪامياب بنائڻو آهي- جمهوريت- آمريت- آمريت/ آمريت- جمهوريت- آ- مر- يت- مرد- هہ- باد- جمهو- ريت- زندهہ- باد- مردهہ- باد- زندهہ- باد-"

ورڪر ڳلو ڦاڙي رڙيون ڪري رهي آهي ۽ سندس لفظ معنائون وڃائيندا ٿا وڃن. اچانڪ، هڪڙو سٺن سالن جو ميرو، گدلو، اڌ اُگهاڙو ٻار هجوم مان نڪري اچي ٿو ۽ ورڪر جي ٻانهن پڪڙي ائين ڇڪ ٿو ڏي جو ورڪر جو آواز اڌ ۾ ٽٽي سانت ۾ اُلهي ٿو وڃي. جڏهن ڪار پڪي تان موڙ ڪاٽي هيٺ ڪچي تي لٿي هئي، تڏهن اهوئي ٻار هجومَ ۾ سڀ کان اڳيان هو. سندس هٿ ۾ جهنڊو هو ۽ هو نچي نچي نعرا هڻي رهيو هو. اهوئي ٻار، ڪلهہ جڏهن اسين هتان لنگهيا هئاسون تہ پڪي رستي جي ڪناري جهنڊو کنيو بيٺو هو ۽ اسانجي ڪار کي هن هٿ لوڏي لوڏي سلام ڪيو هو، هينئر ورڪر جو هٿ هن ٻي هٿ ۾ آهي. هو ڪنڌ مٿي ڪٽي ورڪر جي اکين ۾ ائين نهارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ڄڻ آسمان تي عيد جو چنڊ ڳوليندو هجي.

"آمريت ڇا ٿيندي آهي؟" بلڪل اوچتو هو سوال ڪري ٿو ۽ هن کي ٻڌائڻ ڪيڏو ڏکيو آهي تہ آمريت ڇا ٿيندي آهي! ڪوبہ جواب پائڻ کان پهرين هو هيڪر وري سوال ڪري ٿو.

"يلا، جمهوريت ڇا ٿيندي آهي؟" ۽ هن کي ٻڌائڻ ڪيڏو ڏکيو آهي تہ جمهوريت ڇا ٿيندي آهي!

هجوم مان شايد هن جي ماءُ نڪري اچي ٿي ڪيس ٻانهن کان سوگهو پڪڙي واپس هجوم ۾ وٺي وڃڻ لاءِ- هو ماءُ سان گهلبو هجوم ڏانهن ويندي ويندي ڪنڌ ورائي پڇي ٿو: "يلا ٽي وقت ماني- يلا پيرن جي جُتي- يلا هڪڙو وڳو ڪپڙن جو ڪير ڏيندو؟!- آمريت ڏيندي - ڪي - جمهوريت ڏيندي؟!" آخري لفظن کي پهچڻ تائين هو اُونداهي ۽ هجوم ۾ الوپ ٿي وڃي ٿو ۽ هن کي اهو ٻڌائڻ ڪيترو ڏکيو آهي تہ اهي ٻئي ٽي شيون آهن جن ماڻهن کي پاڳل ڪري ڇڏيو آهي.

ياد آ توکي!، ٽي ڪلاڪ ساندهہ پارٽي ليڊر جي پويان، ٽاڪ منجهند جو جلوس ۾ هلندي، مون توکي چيو هو تہ ماڻهو ليڊر جي پويان نہ پر پنهنجين

اٿپورين ضرورتن ۽ خواهشن جي پنيان تا ڊوڙن، جيڪي هنن جي خيال ۾ ليڊر جي ڪيسي ۾ پريل آهن. ٻار جي موٽي وڃڻ ڪانپوءِ هجوم ٻيهر نعرا هڻڻ شروع ڪري ٿو ۽ هوريان هوريان پنهنجا پنهنجا سوال پنهنجي ڳلي ۾ گهٽي نچڻ شروع ڪري ٿو. اُهوئي افريڪا جي مٿي ڦريل حبشين جو ناچ جنهن ۾ وجود سان گڏ آتما به پئي ڦيريون پائيندي آهي. خواهشون ۽ ضرورتون، ڪڏهن به پوريون ٿيڻ نه جوڳيون، جڻ هنن جي پيرن ۾ چير جيان ٻڌيون پيون آهن.

ٻار جو سوال جڻ پولار ۾ ٽنگيل رهجي ويو آهي.

ٽي وقت ماني؟

پيرن ۾ جُتي؟

وڳو ڪپڙن جو؟

مان رڙيون، دانهون ڪري ان منظر مان آزاد ٿيڻ لاءِ ڀڄي وڃڻ چاهيان ٿي. پر منهنجو جسم پٿر آهي ۽ منهنجي چپ... هنن... جي... پيرن هيٺ... لتاڙجي... رهي آهي. ●